

# نندڙين اَکڙين سان

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ليکڪا : پريا وڇاڻي

نندڙين اَکڙين سان

लेखिका: प्रिया वच्छाणी

नंढड़ियुन अखिड़ियुनि सां

# नंढड़ियुन अखिड़ियुनि सां

(कहाणीयुनि जो मजमूहो)

लेखिका: प्रिया वच्छाणी

# واقفيت


نالو : پريا وڇاڻي

ائڊريس : بجرنگ پئليس، بئرڪ نمبر1/208 ،
گڻيش آپارٽمينٽ جي سامهون، بيوس چؤنڪ
جي پرسان، الهاسنگر -1, ضلع- ٺاڻو (مهاراشٽرا)
مو.: 9765450444


ساهتڪ يوگدان : ديش ۽ وديش (جپان ۽ ڪئناڊا) جي مشهور اخبارن ۾ ۽ مئگزنس ۾ رچنائون ڇپيون آهن، نئشنل ۽ انٽر نئشنل منچ تي ڪاويه پاٺ، آڪاشواڻي ريڊيو تان روزانو پروگرام

مان - سنمان : دهليءَ جي مانڊوي پبليڪيشن دوارا ''ساهتيه گريما'' سنمان، انوراڌا پبليڪيشن دوارا ''راشٽر ڀاشا رتن'' سنمان. گواليار ساهتيه ڪلا پريشد دوارا ''ديپشڪا'' سنمان، ''شبد ڪلش'' سنمان، ''ڪاويه ساهتيه سرتاج'' ۽ ''سمپادڪ شرومڻي'' سنمان. دتيا جي مٿورڪر سنسٿا دوارا ''شبد مٿورڪر'' سنمان جهانسيءَ کان پبلش ٿيندڙ 'جيه وجيه' مئگزن دوارا ''بهترين ساهتيه سيوا رچناڪر'' سنمان ۽ دهليءَ جي ڀاشا سهودري دوارا ٻه دفعا سنمانت، رائيپور ۾ نورنگ ڪاويه وڀوتي سنمان، ناٿ دوارا ساهتيه منڊل دوارا ''ڪاويه ڀوشڻ'' سنمان. سانجها سنگره دوارا پبلش پنهنجي پنهنجي ڌرتي - پنهنجو آسمان، پنهنجي پنهنجي سهودري سوپان، سرجن ساگر - ٢، ديپشڪا پبلش ۽ سمپادن ڪتاب - سوپن سرجن، شبد گنگا، شبد انوراگ سهودري سوپن، شبد ڪلش



# فهرست


| نمبر | وشيه | صفحو |
|---|---|---|
| | مهاڳ | 1 |
| | ليکڪا پاران | 7 |
| 1. | هوائي جهاز | 9 |
| 2. | رجسٽر مئريج | 21 |
| 3. | ڪئريئر | 30 |
| 4. | خوشي | 38 |
| 5. | پيو جنم | 45 |
| 6. | ڌوٻي ڪير؟ | 54 |
| 7. | سال ۾ هڪ دفعو | 69 |
| 8. | ورهاڱو | 77 |
| 9. | آزادي | 82 |
| 10. | مرڻ کان پوءِ | 89 |
| 11. | ننڍڙين اکڙين سان | 96 |
| 12. | موڪل | 103 |
| 13. | نياڻي | 113 |
| 14. | مِٽ - سِٽ | 119 |



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# مهاڳ



هر شخص جو زندگيءَ ۽ دنيا ڏي ڏسڻ جو نظريو جدا - جدا ٿيندو آهي. هر شخص پنهنجي آزمودن جي آڌار ڪنهن به چيز جي تڪ - طور ڪندو آهي. ڪو شاعر ۽ ليکڪ زندگيءَ جي تجربن مان ئي ڪجهه ڏاڍا ڪٽي ۽ پنهنجي ڪلپنا سان کي جذب ڪري تخليق ڪندو آهي. چاهي شاعريءَ جي صنف هجي يا ڪهاڻي جي، ليکڪ جي ڪلپنا اهم يوميڪا ادا ڪندي آهي. زندگيءَ ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه اسين پنهنجي آس - پاس ڏسئون ٿا. شاعر اِن ٻنهي ڳالهين کي جڏي هڪ نئين چيز آسانجي سامهون رکندو آهي. ڪو شخص ادب ڏانهن رخ ڇو ٿو ڪري اِهو اِهو چوڻ مشڪل آهي. گهڻا ئي ادب کي پڙهي، ماڻي خوش ٿيندا آهن. ڪي ورلا ئي پنهنجو رخ ادا ڪندا آهن. ادب ۾ تخليق ڪرڻ ڪو سؤلو ڪم ناهي. هيءُ سفر تمام اٽانگو ۽ ڏکيو آهي. نه صرف تخليق لاءِ وقت ڪپي پر شعر پڻ گهرجي. الڳ الڳ ليکڪن کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ پوءِ ڪجهه لکڻ. اِن لاءِ هڪ وڏي شعر ۽ شونق جي ضرورت ٿئي ٿي.

سنڌي ادب تي نظر ڊوڙائجي ته اِئين لڳندو آهي، ڍيري ڍيري آسانجي شاعرن ۽ ليکڪن جو تعداد گهٽجندو پيو وڃي. گهڻائي ڀيرا هن ڳالهه تي بحث - مباحثو ٿيو آهي ته سنڌي ادب جو ايندڙ وقت ۾ ڇا ٿيندو؟ اِئين لڳي پيو ته سنڌي ادب جو آسمان ڍيري - ڍيري خالي پيو ٿيندو وڃي. پر تصوير جو اِهو هڪڙو رخ آهي. گذريل ڏيڍ-ٻن سالن ۾ منهنجي نظر ۾ هڪ شاعرا يا اِئين چوان شاعرا سان گڏ ڪهاڻي نويس پڻ آئي آهي. ٿوري ئي وقت ۾ اُن جدا جدا مشاعرن ۾ پنهنجون



ڪويتائون پڙهي سيني اديبن کي متاثر ڪيو آهي.

منهنجي ملاقات جڏهن پريا وڇاڻيءَ سان ممبئي جي ساهتيه اڪادميءَ ۾ هڪ سيمينار ۾ ٿي هئي ته مان شايد اهو سوچيو به نه هو ته ايندڙ سالن ٻن ۾ ئي پريا وٽان ڪهاڻين جو مجموعو سنڌي ادب کي حاصل ٿيندو. اِها نه رڳو خوشيءَ جي پر فخر جي پڻ ڳالهه آهي ته آسانجي نئين ٽهيءَ به ڪهاڻين ۾ رچي وئي رهي آهي. ڪهاڻيءَ جو اُفق تمام وڏو آهي. دنيا جي جدا - جدا ڪهاڻي نويس پنهنجي - پنهنجي طريقي سان ڪهاڻيون لکيون آهن. پريا وڇاڻيءَ جون ڪهاڻيون پڙهندي اِئين محسوس ٿيو ته اِهي ڪهاڻيون پال منووگيان تي آڌارت آهن. لڳ ڀڳ سيني ڪهاڻين جو مکيه ڪردار ننيڊڙو ٻار آهي. ٻار جي نظريي سان پريا زندگي ۽ زندگيءَ جي مسئلن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. شايد آسان سيني جي دل ۾ هڪُ لڪل ٻار وينو هوندو آهي. پر جيئن - جيئن آسان وڏا ٿيندا ويندا آهيون اُن ٻار جو آواز جهيڻو ٿيندو ويندو آهي ۽ آسان پڻ اُن ڏي ڌيان نه ڏيندا آهيون. پر پريا جي دل دماغ ۾ وينل ٻار اڃان شدت سان هر ڳالهه محسوس ڪري ٿو. اُن تي سوچي ٿو ۽ ڪٽي ڪٽي پنهنجي ڳالهه به پنهنجي انوکي ٻاراڻي انداز ۾ چئي وڃي ٿي. هيءُ ڪهاڻيون ٻارن جون ڪهاڻيون نه پر ٻال منووگيان تي آڌارت آهڙيون ڪهاڻيون آهن جنهن کي هر سنجيدگيءَ سان پڙهندڙ ماڻي ٿو، محسوس ڪري ٿو ۽ جيڪو ڪجهه تمام سوالئيءَ سان ڇيو ويو آهي اُن کي گهرائيءَ سان پڻ محسوس ڪري ٿو. ٻار وٽ هڪڙو پنهنجو نظريو ٿئي ٿو. ٻار وٽ پنهنجو آزمودو ٿئي ٿو ۽ ٻار اڃان دنيا جي اُنهن آزمودن مان نه گذريو آهي جتي آسانجي ايمانداري ۽ سچائي ختم ٿي ويندي آهي. ننهنڪري ٻار جا احساس، اُن جي سوچ، اُنجا خيال سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ڀريل هوندا آهن. اِها ڳالهه به ته آسان وڏا گهڻو ڪري ٻار جي چئي کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهيون.

”هوائي جهاز“ نالي جي آکاڻيءَ ۾ ٻار جي اُن معصوم ڀاوَ کي پيش ڪيو آهي. جتي ٻار پهريون ڀيرو هوائي جهاز جو سفر ڪري رهيو آهي ۽ اُن کي هن سفر ۾ ڪيئن محسوس ٿو ٿئي. اِن ڳالهہ کي تمام فنائتي ڍنگ سان پريا پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪٺي آئي آهي. ايترو ئي نہ ٻار، پيار محبت کي ڪيئن ڏسي ٿو، ڪيئن محسوس ٿو ڪري ۽ ڪنهن معصوميت سان هوُ پيار جي باري ۾ پنهنجو رايو ڏئي ٿو، اِها ڳالهہ ”رجسٽر مئريج“ ڪهاڻيءَ مان نمايان آهي. ايتروئي نہ پريا پنهنجين ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جا اَلڳ اَلڳ اَحساس اُڀري آڇن ٿا. پر هڪ ڳالهہ جيڪا خاص ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، اِهي سڀ اَحساس، سڀ جذبات ٻارجي نظريي سان بيان ڪيا ويا آهن ۽ پريا کي ڪهاڻي چوڻ جو ڏانءُ آهي. ڪٿي بہ ڪهاڻي پڙهندي اِئين محسوس نٿو ٿئي تہ هاڻي پاٺڪ بور ٿي ويو آهي. ڪهاڻي سادي، سرل نموني سان اَڳتي وڌي ٿي. پاٺي جي رُچي بہ ڪهاڻيءَ ۾ وڌندي وڃي ٿي. ۽ منهنجي مطابق ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي اُن ۾ آهي تہ پاٺڪ کي پڙهندي - پڙهندي پنهنجي زندگيءَ جي گهٽنا ياد آڇي وڃي. ڪو واقعو اُن جي نظرن جي سامهون آڇي وڃي ۽ آسين جڏهن پريا جون اِهي ڪهاڻيون پڙهون ٿا تہ اِئين محسوس ٿو ٿئي تہ اِن ۾ اِيندڙ گهٽنائون يا تہ آسان سان ٿيون آهن يا آسان جي ڪنهن دوست، ڀاءُ يا ڀيڻ جي زندگيءَ ۾ آسان اِهي واقعيا ڏٺا آهن. چاهي اَڄ جي ماءُ - پيءُ جي جدوجهد ڀريل زندگي هجي جنهن ۾ هوُ ٻار جي سونهري ڀوشيہ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪن ٿا. پئسو ڪمائين ٿا. پر ڳالهہ وسري ٿا وڃن تہ ٻارن کي صرف سک، سهوليت يا پئسي جي نہ بلڪ ماءُ- پيءُ جي پيار جي پڻ ضرورت ٿئي ٿي. گهڻيئي پريوار شهر ۾ آهڙا آهن جتي ٻار ماءُ - پيءُ جي پيار محبت کان محروم رهي صرف آيائن جي هٿن ۾ پلجن پيا ٿا. پريا جي ڪهاڻين جي هڪ ٻي خاصيت آهي تہ پريا سماج جي نهن ٻارن جي احساسن کي بہ قلمبند ڪري ٿي جيڪي گهڻو ڪري



آسانجي ڌيان ۾ نہ ايندا آهن. يعنيِ اَپاهج. آهڙن ماڻهن جي تعدا سماج ۾ ڀل گهٽ هجي پر خيال رهي اُهي بہ ماڻهون آهن. اُنهن کي بہ پنهنجا اَحساس آهن. جيڪي سماج جي آهڙن ماڻهن تي لکيون ويون آهن. جيڪي گهڻو ڪري آسانجي سماج جي مکيہ ڌارا ۾ اَڃان تائين شامل نہ ٿي سگهيا آهن. پريا جون ڪهاڻيون هڪڙي ٻي ڳالهہ ڏي پڻ اِشارو ڪن ٿيون. آسان هميشهہ چوندا رهون ٿا تہ اَڄ جو نوجوان ليکڪ هندي يا اَنگريزيءَ کان گهڻو متاثر آهي. پر پريا جون ڪهاڻيون پڙهندي آسان کي سڪون محسوس ٿو ٿئي. هُن جي سندي سُني ۽ صحيح آهي. مان سمجهان ٿو اِها هڪڙي خوشيءَ سان گڏ آشا جي ڳڻ ڪرن آهي. پريا جهڙيون ليکڪائون ۽ ليکڪ آسانجي سنڌي اَدب جي ميدان آڇن ۽ ايندڙ وقت ۾ سنڌي اَدب کي نيون اوچايون بخشن. مونکي نہ رڳو اُميد آهي پر پورو يقين آهي تہ پاٺڪ هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون پڙهي تمام فخر ۽ خوشيءَ جو اَحساس ڪري سگهن ٿا. هر هڪ پاٺڪ پنهنجي - پنهنجي نظريي سان اَدب پڙهي ٿو ۽ مونکي پورو يقين آهي تہ هيءُ ڪهاڻين جو مجموعو سنڌي اَدب ۾ ضرور سارا هيو ويندو.

پريا جي هر ڪهاڻي ڪو نہ ڪو اَلڳہ موزن ڪٺي آڇي ٿي. ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ هوُ ٻارن جي خوشيءَ جو بيان ڪري ٿي. ٻار کي پنهنجو برٿ ڊي ملهائڻ مهل ڪيئن خوشي ٿيندي آهي. اُن جو سنو چترڻ پريا جي ڪهاڻي ”سال ۾ هڪ دفعو“ ۾ ملي ٿو، تہ ڪٿي وري هڪ ننڍڙو ٻار جڏهن اُن جي گهر ۾ ٻيو ڪوئي ڀيڻ يا ڀاءُ آڇڻ وارو هوندو آهي تہ هُن ٻار کي ڪيئن محسوس ٿو ٿئي ”مٽ - سٽ“ ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت پسند چترڻ آسان کي ملي ٿو. هڪ ٻي ڪهاڻي آسانجي ڇاتل - ڇاتل وشيہ ڪٺي آڇي ٿي. اَڄ ٻارن تي پڙهائي ڪرڻ جو ڏاڍو پريشر آهي. ڪو ٻار اِمتحان ۾ ناپاس بہ ٿي پوي ٿو تہ هوُ مانسڪ طور سان پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ ٻار کي شايد اِيتري همٿ نہ ٿي ٿئي تہ هوُ پيءُ جي سامهون يا ماءُ جي سامهون وڃي چئي تہ هو ناپاس ٿي ويو آهي.

# ليکڪا پاران...



ڳهڻا ئي ڀاو، ڳهٽيون ئي ڪهاڻيون آسانجي من ۾ اُسرجنديون آهن. پر سڀ اُسرڻ وارا ٻوٽا نہ ٿهي سگهندا آهن. ڪجهہ اُتي ئي ڦٽي ختم ٿي ويندا آهن تہ ڪجهہ ٿورا وڏا تہ ٿيندا آهن پر صحيح لفظن جي کاڌ نہ ملڻ ڪري دم توڙي ڇڏيندا آهن. ڪجهہ ڳٽيل - چونديل احساس ئي ڪويتا يا ڪهاڻيءَ جو روپ ٿهي سامهون ٿا آچن. روزمره ۾ سيني جي آکين آڳيان ڳهٽيون ئي ڳالهيون ٿينديون آهن. جنهن ي ڏسي يا تہ اُن مهل ئي وساري ڇڏيندا آهيون يا ٿوري وقت تائين ياد رکندا آهيون. پر ليکڪ ... ليکڪ ننيڙين ننيڙين ڳالهين کي من ۾ سانديندو . اُن تي سيني پاسن کان سوچيندو ۽ پوءِ اُن تي لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪابہ ڪهاڻي صرف ڪجهہ ڪردار يا ليکڪ جي سوچ نہ هوندي آهي. ڪٿي نہ ڪٿي حقيقي جيون ۾ ليکڪ اُنهن ڳالهين يا ڳهٽنائن کي پنهنجي آسي - پاسي ۾ محسوس ڪندو آهي. ۽ پوءِ اُن ڳهٽنا يا ڪردار کي اوتري وقت تائين جيئندو پڻ آهي. جيستائين هوُ پاڻ اُن ڪردار کي پنهنجي آندر محسوس نٿو ڪري تيستائين هوُ ڪهاڻيءَ سان پورو اِنصاف نہ ڪري سگهندو. چوندا آهن تہ ڪهاڻي پڙهڻ مهل ، آگر اُن جا ڪردار آسانجي آکين آڳيان آچن ٿا ۽ پڙهڻ سان گڏ اُها ڪهاڻي آکين آڳيان هلندي محسوس ٿئي ٿي تہ اُها ڪهاڻي سڦلي آهي. جي آگر منهنجيون ڪهاڻيون پڙهڻ مهل بہ توهان ڪجهہ اِئين محسوس ڪيو. توهان کي پاڻ سان گذريل يا ڪنهن پنهنجي سان گذريل ڪا ڳالهہ ياد آچي وئي تہ مان پنهنجو لکڻ سڦلو سمجهنديس. ڪوبہ اِنسان ڪهڙو بہ ڪم ڪندو آهي تہ اُن جي پنيان رڳو اُن جي محنت نہ هوندي آهي. بلڪ ٻيا بہ ڳهڻائي هٿ



www.sindhsalamat.com

هن کي سات ڏيندا آهن. تڏهن هوُ اُن مقام تائين پهچي سگهندو آهي. آڄ مان جنهن بہ مقام تي آهيان اُتي پهچڻ تائين منهنجي جنهن بہ سڌي اڻ سڌي نموني مدد ڪئي آهي مان اُنهن سيني جي ٿورائتي آهيان. مان تمام ڳهڻي ٿورائتي آهيان پنهنجي ڳهوٽ مهيش وچاڻي ۽ ڏيءَ هينا وچاڻيءَ جي جنهن منهنجو هر قدم تي حوصلو وڌائي سدائين ساٿُ ڏنو. منهنجي ماءُ ڳيتا روهڙا ۽ پيءُ رامچندر روهڙا جي جن مونکي اِن لائق بڻايو. ۽ تمام ڳهڻي ٿورائتي آهيان ڊاڪٽر ونود آسوداڻي ڀاءُ جي ۽ دادا رامچندر مسند جي، جيڪي نہ رڳو منهنجو حوصلو وڌائيندا رهيا پر هر قدم تي ساٿُ ڏيئي، منهنجي لاءِ پنهنجي مصروف زندگيءَ مان وقت ڪڍي منهنجي رهنمائي ڪندا رهيا ۽ شڪرگذار آهيان جانوي راماڻيءَ جي جنهن وقت ڪڍي منهنجي ڪتاب جي پروف ريڊنگ ڪئي. اوهان سيني جي سهيوگ بنان منهنجو هيءُ سپنو پورو نہ ٿي سگهي ها.

۽ ٿورائتي آهيان پنهنجي ساهيڙي ايڪتا ساردا جي جنهن نہ رڳو هر قدم تي منهنجو سات ڏنو پر ڪور ڊزائين پڻ ٺاهي ڏنو.

پاٺڪ جي تنقيد ليکڪ لاءِ ٽانڪ جو ڪم ڪندي آهي. ليکڪ لاءِ اُها ڪنهن پرسڪار کان ڳهٽ نہ هوندي آهي. توهان جي تنقيد /رايي جي اِنتظار ۾ پريا وچاڻي.



books.sindhsalamat.com

# هوائي جهاز

سونو .... او ... سونو ، پدما رنڌڻي مان سونوءَ کي سڏ ڪيو.

”آيس ممي“ ماءُ جو آواز ٻڌي راند اڌ ۾ ڇڏي سونُ رنڌڻي ڏانهن ڊڪ پاتي.

سونو پٽ تنهنجا پيپر ڪڏهن پورا ٿيندا؟

آسانجا پيپر ته ڏهين اپريل تائين پورا ٿي ويندا. ٽيچر چوي پيئي ته يارهين اپريل کان موڪلون شروع ٿي وينديون. سونوءِ خوش ٿي ٻڌايو. ”پر ڇو ممي؟“ ساڳو سوال به ڪيو.

پٽ تنهنجي ڌهليءَ واري ماسي آهي نه، اُن جي ڏير جي شادي آهي پندرهين اپريل تي.

آڙي واهه ! مطلب هن موڪلن ۾ آسان ماسيءَ وٽ ڌهليءَ هلنداسين، واهه! مزو اچي ويندو. ڪوُ ڪوُ گاڏيءَ ۾ مان ته سڀ کان مٿين واري سيٽ تي چڙهي ويهي رهندس، سونوءَ ايتري ۾ سڀ ڪجهه سوچي به ورتو.

نه پٽ، هن دفعي آسان ريل گاڏيءَ ۾ نه هلنداسين؟ ته پوءِ ڇا ۾ هلنداسين؟ سونو مُنجهي ويو.

تنهنجا پپا چون پيا ته سونو ڪڏهن هوائي جهاز ۾ نه ويٺو آهي، اِنڪري هن دفعي آسان هوائي جهاز ۾ هلنداسين.

هوائي جهاز ۾!!! سونو اکيون ڦاڙي ماءُ ڏانهن نهارڻ لڳو.

ها پٽ، پپا ته اِئين ئي چيو آهي پدما مشڪي سونوءَ جي حيران منهن ڏانهن نهارڻ لڳي.

هوائي جهاز ۾!!! مان ايترو مٿي هوائي جهاز ۾ اُڏامندس!! ڪڪرن جي وچ ۾ !! اُتان سڀ ڪيترو ويجهو ڏسڻ ۾ ايندو! سونو من ۾ سوچڻ لڳو! سج ايترو ويجهو هوندو ته گرمي به گهڻي لڳندي.... نه مان پپا کي چوندس ته رات واري جهاز ۾ هلو. پوءِ ته چنڊ ڏسڻ ۾ ايندو، وڏو، گول، چمڪندڙ ۽ تارا به ته ڏسڻ ۾ ايندا. ٿي سگهي ٿو تارن جي وچ مان ڪا پري به ڏسڻ اچي.. اُهي به ته رات جو نڪرنديون



www.sindhsalamat.com



آهن! مان سڀني دوستن کي جهاز جو ٽائيم ٻڌائي ڇڏيندس. اُن مهل هو گهر جي ٻاهر اچي ويندا ۽ مان مٿان اُنهن کي ٽا - ٽا ڪندس.

سونو ڪٿڙن خيالن ۾ گم ٿي ويئين؟ راند نه ڪيڏڻي اٿيئي؟ ماءُ جي آواز سان سونو خيالن جي دنيا مان ٻاهر نڪري آيو.

ممي پڪ نه آسان هوائي جهاز ۾ هلنداسين.

ها پٽ.

پوءِ ته مان هاڻي ئي وڃي سڀني دوستن کي ٻڌائي ٿو اچان، چئي سونوءَ ٻاهر ڊڪ پاتي.

سونو، پدما ۽ اُميش جو سڪيلڏو پٽ هو. ست سال ٿيا سونوءَ کي ڄائي پر اُن کان پوءِ هنن کي ٻي اؤلاد ڪانه ٿي.

سونو دوستن کي ٻڌائڻ لاءِ ٻاهر آيو. پر هاڻي هو ڳالهه ڪيئن ڪيدي؟ اگر سڌو ٻڌائيندو ته سڀ سوچيندا سونو ڊينگ ٿو هڻي پر ٻڌائڻو به آهي... پر ڪيئن ٻڌايان ڪيئن نه... اڃان سونو سوچي ئي پيو ته ايتري ۾ مٿان هوائي جهاز وڃڻ جو آواز آيو. سڀني جي نظر مٿي ويئي ۽ سڀ اُن کي ڏسي خوش ٿي ٽا - ٽا ڪرڻ لڳا. سونوءَ کي موقعو ملي ويو پنهنجي ڳالهه چوڻ جو.

اپريل ۾ مان به ويندس هوائي جهاز ۾، سونوءَ نخرو ڪندي چيو.

سڀ سونو ڏانهن مڙيا.

سچي تون هوائي جهاز ۾ ويندين؟ ديپو حيرت سان چيو.

”ها“ سونوءَ نخرو ڪندي چيو.

پر ڪيڏانهن ويندين؟ ببن پڇيو.

ڌهلي، منهنجي ماسيءَ جي گهر شادي آهي، مميءَ ٻڌايو. پپا چون پيا، سونو ڪڏهن هوائي جهاز ۾ نه چڙهيو آهي، اِنڪري هن دفعي آسان هوائي جهاز ۾ هلنداسين. سونو اسٽائيل ماري چوڻ لڳو.

اڙي واه سونوا! تون ته هوائي جهاز ۾ ويندين... پوءِ آسانکي



books.sindhsalamat.com

آچي سڀ ٻڌائجانءِ . مٿان ڪان آسانجو شهر ڪيئن پيو لڳي؟ ۽ هوائي جهاز اُڏامڻ مهل توکي ڀؤ ٿيو ڪ نہ؟ مولي چيو.

آجان سونو ڪجھہ چوي اُن ڪان پهريان ئي گوپ چيو، اڙي! دهلي ڪيترو پري، آجان ويهندا ئي نہ ۽ ڏهين پندرهين منٽن ۾ دهلي پهچي ويندا. جيستائين هي ڪجھہ سوچي سمجهي تيستائين تہ دهلي آچي ويندي. خبر بہ آتو جهاز ڪيترو فاسٽ اُڏامندو آهي؟ بمبئيءَ ڪان دهلي پهچڻ ۾ وڏيڪ ٽائيم ڪونہ لڳندس.

تون تہ اِئين ٿو چئين جيئن تون هوائي جهاز ۾ ويو آهين. سونوءَ ڪاوڙجي چيو.

ويو نہ آهيان تہ ڇا ٿيو؟ مونکي سڀ خبر آهي.

هي گوپ تہ جهاز جو نالو ٻڌي سڙي ٿو... هون.... ڀل سڙي تہ سڙي، واش ٿوڙي ٽيڙي ڪندي سونو من ۾ سوچڻ لڳو.

پر ها، مان توهان کي ٽائيم ۽ تاريخ ٻڌائي ڇڏيندس. اُن مهل توهان هٽ بيهجو. مان مٿان ڪان توهان سيني کي ٽا - ٽا ڪندس.

تون ڪنهن مهل ويندين؟ ٻبن چيو ڏس منجهند جو نہ وڃجانءِ، ڇاڪاڻ تہ منجهند جو ممي اُس ۾ ٻاهر ڪونہ نڪرڻ ڏيندي.

نہ ، مان پپا کي منع ڪندس منجهند جو نہ هلو. ڇاڪاڻ تہ گرمي بہ هوندي ۽ سج ايترو ٻاسي ۾ هوندو تہ گرمي بہ گهٽي پوندي. مان پپا کي چوندس تہ رات جو هلي. تارا ۽ پريءَ واري ڳالهہ سونو نہ چئي اُن کي لڳو مٿان وري گوپ ڪجھہ چوي نہ.

رات جو؟ پر رات جو توکي ايترو مٿان ڪان اوندهہ ۾ اسان ڏسڻ ۾ بہ ايندا سين؟ گوپ چيو، آسان ڇا توکي ٻيو ڪجھہ بہ ڏسڻ ۾ ايندو؟

گوپ جي ڳالهہ ٻڌي سونو سوچ ۾ پئجي ويو، پر هو پنهنجو مونجهارو ظاهر نہ پيو ڪرڻ چاهي.

ٺيڪ آ وقت آچي ڏسنداسين. مان، پپا ڪان ٽائيم ۽ تاريخ پڇي ٻڌائيندوسانو. چئي سونو گهر هليو ويو.

شام جو جيئن اُميش گهر آيو سونو ڊڪندي پيءُ کي ياڪر پاتو.



www.sindhsalamat.com



”پپا، آسان ماسيءَ وٽ هوائي جهاز ۾ هلنداسين؟“

”ها پٽ“ چوندي اُميش سونو جي ڳلن تي مني ڏني. موٽ ۾ سونوءَ بہ پيءَ جي ڳلن تي مني ڏيندي چيو، پپا، آسان ڪنهن مهل هلنداسين؟

جنهن مهل تون چوندين پٽ، تنهن مهل هلنداسين.

سونو سوچ ۾ پئجي ويو، جي آگر هو منجهند جو چوي ٿو تہ گرمي بہ هوندي ۽ چنڊ ۽ پريون بہ نہ ڏسي سگهندو ۽ جي آگر رات جو چوي ٿو تہ پوءِ دوستن کي مٿان ٽا - ٽا ڪيئن ڪندو؟

ڇا ٿو سوچين سونو؟

پپا جي آسين منجهند جو هلنداسين تہ سج ٻاسي ۾ هئڻ ڪري وڏيڪ گرمي ٿيندي نہ؟

تہ پوءِ آسان صبح جو سويل واري جهاز ۾ ٿا هلون. اُن مهل تہ گرمي نہ لڳندءِ نہ؟ اُميش مشڪي چيو.

آڙي ها! آسان صبح واري جهاز ۾ هلنداسين، سونوءَ جي چهري تي مرڪ آچي ويئي. پر ٻئي گهڙي (پل) ۾ ئي هو وري سوچ ۾ پئجي ويو.

هاڻي وري ڇا سوچڻ لڳين؟

پپا جي آسان صبح جو هلنداسين، تہ پوءِ مان پري راڻيءَ کي ڪيئن ڏسي سگهندس؟

مان سمجهيس نہ!! پري راڻيءَ کي ڪيئن ڏسي سگهندس مطلب؟

مطلب اهو، تہ مان سوچيو هيو تہ آسان رات واري جهاز ۾ هلنداسين تہ چنڊ ۽ تارا ڏسڻ ۾ ايندا ۽ ٿي سگهي ٿو تارن جي وچ ۾ پري بہ ڏسڻ ۾ آچي وڃي. ممي آڪاڻيءَ ۾ ٻڌائيندي آهي مٿي آڪاش ۾ پريون رهنديون آهن ۽ هوءَ رات جو اُڏامنديون آهن. پر جي آسان صبح جو هلنداسين تہ تنهن مهل تہ پريون ڪانہ ڏسڻ ۾ اينديون، سونوءَ مصعوميت سان چيو.

سونو جي ان مصعوم سوال تي اُميش کي کل آچي ويئي، تہ پوءِ ائين ٿا ڪريون هتان صبح واري جهاز ۾ ٿا هلون ۽ اُتان رات واري جهاز ۾ واپس ايندا سين، پوءِ تہ ٺيڪ آ؟



books.sindhsalamat.com

سمنڊ ٿي پورو نه ٿيو ۽ جهاز ڪڪرن ۾ پهچي ويو ته سونو ڪان رهيو نه ويو، چيائين، ”ممي آسانجو گهر ڪنهن مهل ايندو؟“

آچي ويندو پٽ، تون ٻاهر ڏسندو رهه، پدما چيو.

نه ٿو ڏسڻ آچي. ٻڌايو نه آسانجو گهر ڪنهن مهل ڏسڻ ايندو؟ منهنجا دوست اِنتظار ڪندا هوندا.

سونو، ڪيتري نه مستي ٿو ڪرين، توکي چيو نه چپ ڪري ويهي رهه، نه ته هيڏانهن آچ، مان ٿو دريءَ ڪان ويهان. اُميش، سونو کي ڇڙٻندي چيو ته سونو روٺڙهارڪو ٿي ٻاهر نهارڻ لڳو.

ٻاهر ڪپهه جي ڦاهي جهڙا وڏا - وڏا گولا ڏسي سوچڻ لڳو. اتي ئي پريون رهنديون هونديون. متان ڪنهن پريءَ کي ننڊ نه ايندي هجي ۽ هو ٻاهر نڪري آچي. اُن ڪان پڇندس منهنجو گهر ڪنهن مهل ڏسڻ ايندو. پپا ته ٻڌائين ڪونه ٿا.

پر پري ڪونه آئي. ٿوري دير ۾ هيٺ ننڍا - ننڍ گهر ڏسڻ آچڻ لڳا. سونو خوش ٿي هٿ هلائي ٿا - ٿا ڪري زور سان ٿا - ٿا چوڻ لڳو.

اُميش هاڻي رڙ ڪيائين، گهڻي دير ڪان چوان ٿو شانت ڪري ويهه. ٻڌين ڪونه ٿو؟ سڀ ڇا سوچيندا؟ ڪيترو نه گندو ٻار آهي. جو ايترو گوڙ ٿو ڪري.

سونو، پيءُ جي ڇڙٻ ٻڌي هڪدم چپ ٿي ويو ۽ ٻاهر نهارڻ لڳو. پر پيءُ جي ڏڙڪن کي وساري هو سوچڻ لڳو، واپس ويندس ته پپا ڪجهه چون نه چون پرڳوپ ضرور چوندو. تون ڏسڻ ۾ نه آئين، پوءِ ڇا جواب ڏيندس؟ سوچيندي - سوچيندي هن کي هڪ ترڪيب سُجهي. ها، چوندومانس جهاز جي دري ننڍڙي هوندي آهي، اِنڪري توهان مون کي نه ڏسي سگهيا. پر مان توهان کي مٿان ڏٺو ۽ ٿا - ٿا به ڪئي. هونئن به اسان کي هيٺان ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته جهاز ۾ ڪير ويٺو آهي. سونو من ئي من ۾ پنهنجي هن ترڪيب تي خوش ٿيو ۽ مشڪي ٻاهر نڪرڻ لڳو.

شاديءَ جي مستيءَ ۾ ڏينهن ڪيئن نڪري ويا خبر به ڪانه پيئي. واپس آچڻ جو ڏينهن به آچي ويو. پر هن دفعي واپس وڃڻ مهل



به سونو خوش هو چاڪاڻ ته واپسي به جهاز ۾ هئي.

آچ نه چنڊ، تارا ۽ ٿي سگهي ٿو آسمان ۾ پريون به ڏسڻ ۾ آچن. پر ساڻ ئي پيءُ جي ڇڙٻ به ياد آچي ويس. هاڻي پري به ڏسڻ ۾ ايندي ته مان پپا کي نه ٻڌائيندس، پل نه ڏسن، سوچيندي هن واش ٿيڙي ڪئي. پر مميءَ کي ڏيري سان ڏيکاريندس ۽ مميءَ کي به منع ڪندس پپا کي نه ٻڌائي.

دوستن کي ڇا چوڻو آهي ڇا نه. جهاز ۾ ڇا ڪرڻو آهي، ڇا نه. سوچيندي سوچيندي هو ايئرپورٽ اچي پهتا ٽڪيٽ ڏيکاري آندر وڃڻ لڳا. پر هي ڇا؟ هاڻي هو سڌو جهاز ۾ نه گهڙيا، پر بس ۾ چڙهيا، بس ۾ چڙهي سونو سوچ ۾ پئجي ويو ”ڪٿي پپا ڪوڙ ته نه ٻَالهايو آهي؟“ جهاز ڇٽي بس ۾ تا وٺي هلن.“ هن ڪان رهيو نه ويو ۽ ماءُ ڪان پڇيائين، ”ممي آسان ته جهاز ۾ واپس هلڻ وارا هئاسين؟“

ها پٽ، اُن ۾ ئي هلنداسين، هيءَ بس جهاز تائين ڇڏيندي.

سونو پيءُ جي پٺ ڪان ٻيو سوال نه پڇيو. ايتري ۾ بس بيني سامهون جهاز تي ڏاڪڻيون لڳل ڏسي سونو جي چهري تي مرڪ آچي ويئي. ڏاڪڻيون چڙهندي هُن ۾ واپس هيرو واري فيلنگ آئي. مٿي چڙهي هو ڀنيان مڙيو ۽ ٿا - ٿا ڪرڻ لاءِ جيئن ئي هٿ مٿي ڪنيائين، ڏسي ته ڪوئي آهي ئي ڪانه هن کي ٿا - ٿا ڪرڻ وارو. هن هوا ۾ ڪنيل هٿ پنهنجن وارن ۾ گهمايو ۽ ماءُ جو هٿ پڪڙي آندر هليو ويو.

هوُ واپس دري واري سيٽ تي وڃي ويٺو. آچڻ مهل ته جهاز ۾ هو آڪيلو ٻار هو ، پر هاڻي هن کي هڪ ٻار ٻيو به ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو هنن جي پاسي واري لائين ۾ ويٺو هو.

جيئن جهاز رن وي تي هلڻ چالو ڪيو ٻار اِنگلش ۾ ٻَالهايو mummy its flying

هن جي مميءَ جواب ڏنو، no dear ,its running on runway

سونو وري مڙي ڏٺو، سوچڻ لڳو، ”لڳي ٿو، هي پهريون دفعو جهاز ۾ ويٺو آهي. هيءُ به گهڻا سوال ٿو ڪري. هن کي خبر ڪانهي ته جهاز ۾ چپ ڪري ويهڻو آهي. ٿوري دير ۾ هن کي به دڙڪا پوندا،





www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سوچي من ئي من ۾ ڪلڻ لڳو ۽ من جي ڪل ٻاهر چپن تائين اَچي وئي. هن ٻئي هٿ چپن تي رکيا ۽ ڏيري ڪلڻ لڳو.

جيستائين جهاز اُڏامي تيستائين هن چار دفعا ساڳي ڳالهه چئي ۽ ماڻس به ساڳيو ئي جواب ڏنو. جيئن جهاز اُڏاميو هن وري زور سان رڙ ڪئي. now its flying !! ماڻس چيو ...yes

سونو کي ته ٻاهر تارا، چنڊ ۽ پريون ڏسڻيون هيون، اِنڪري هن جو سڄو ڌيان ٻاهر هو. جهاز ٿورو مٿي اُڏامندي ئي سڄو شهر روشنيءَ سان چمڪندڙ ائين ڏسڻ بيو اَچي جيئن ننڍڙن - ننڍڙن ستارن جو جهنڊ هجي . سونو جي اکين ۾ خوشي ۽ حيرت هئي.

”ممي هو ڏسو“ هن ڏيري سان چيو، پر آڱر ۾ ئي اکر واپس ڪائي ويو.

نه .. نه مان هاڻي ڪجهه ڪونه چوندس، اَگر پپا وري دڙڪا ڏنا ته هن ٻار جي سامهون بي عزتي ٿي ويندي. سوچي ، هو واپس ٻاهر ڏسڻ لڳو.

پر پاسي واري سيٽ تي ويٺل ٻار جا اَنگلش ۾ سوال ۽ ماڻس جا اَنگلش ۾ ئي جواب ڏيڻ چالو هئا. جيئن جهاز ڪڪرن جي وچ پهتو، اَچا ڪپهه جا گولا ڪارا ٿي چڪا هئا. چئني پاسي رڳو اونده، ڪجهه ڏسڻ ۾ ڪونه پيو اَچي. ڪٿي - ڪٿي ننڍڙا تارا چمڪندڙ ڏسڻ ۾ پيا اَچن. گوپ صحيح پيو چوي ، اونده ۾ ته ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿو اَچي. سنو ٿيو جو پپا اَچڻ مهل صبح جو آيا. پر هاڻي اونده ۾ پريون ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندين؟ اَڙي ! مان به ڪيترو چريو آهيان. پرين وٽ ته جادوءَ جي لڪڙي هوندي آهي. هوءُ اُن سان روشني ڪري اُڏامنديون هونديون. سوچي وري خوش ٿي سونو ٻاهر نهارڻ لڳو.

ڪلاڪ گذري ويو ۽ ٻاهر ڪجهه ڪونه ڏسڻ آيو. سونو روئٹهارڪو ٿي ويو ۽ هيڏانهن هن ٻار جي مستي اَجان چالو هئي. هو گهڙيءَ - گهڙيءَ اَنگلش ۾ ڪجهه چوي ۽ ماڻس جواب ڏئي، پر ايتري دير ۾ هڪ دفعو به هن جي ماءُ هن کي دڙڪا ڪانه ڏنا، ۽ نه ئي هن جي پيءُ ڪجهه چيو. سونو سوچ ۾ پئجي ويو آخر ماءُ کي چيائين.



www.sindhsalamat.com



ممي نه چنڊ ٿو ڏسڻ ۾ اَچي، نه ئي پريون ۽ نه ئي اَسانجو گهر ڏسڻ ۾ آيو. توهان هن جهاز ۾ چو آيوَ؟ روئٹهارڪو ٿي ويو سونو، اُن جي اکين ۾ ڳوڙاها تري آيا. هيءَ ڳوڙها ٻاهر ڪجهه نه ڏسڻ اَچڻ جا هئا، يا هن ٻار کي چڙپ نه پوڻ جا يا ٻاڻ کي وچڻ مهل مليل دڙڪن جا هئا، خبر ڪانه پيئي پوي.

ٻڌايو نه هن جهاز ۾ چو آيوَ؟ چئي هٿ هلائڻ لڳو.

سونو چپ ڪري ويهي رهه. هي چا ٻاراڻي لڳائي ويٺو آهين؟ سڀ چا سوچيندا؟ چئي اُميش سونو کي اَکيون ڏيکاريون.

سونو چپ ٿي ويو ۽ پريل اَکين سان ٻاهر نهارڻ لڳو. ٿوڙي دير ۾ هُن پيءُ جي آواز ٻڌو توهان جو ٻار ڏاڍو پيارو آهي، اُميش اِنگلش ۾ ڳالهائيندڙ ٻار جي پيءُ کي چيو.

سونو جي ڪنن ۾ اِهي لفظ گهمڻ لڳا. جيڪو ٻار ايتري مستي ٿو ڪري، ايترو گوڙ ٿو ڪري، پپا اُن کي پيارو ٿا چون ۽ منهنجي هڪ ٻن سوال پڇڻ تي مونکي دڙڪا ڏنائون؟ ائين چو؟ اُن جي ٻال من ئي اُن کي جواب ڏنو. ٿي سگهي ٿو هو اَنگلش ۾ ٿو ڳالهائي اِنڪري. پر چا اِنگلش ۾ ڳالهائڻ سان مستي معاف ٿي ويندي آهي؟ اِنگلش ۾ ڳالهائڻ واري جون سڀ غلطيون معاف ٿي وينديون آهن؟

پر دهليءَ واري ماسيءَ جي گهر وارا ته منهنجي سنڌي ٻولي ٻڌي تمام خوش پيا ٿين. هر گهڙيءَ مونسان ڳالهائين پيا. ۽ مميءَ کي به ته چيائون ”تنهنجو پٽ ڪيتري سٺي سنڌي ٿو ڳالهائي، اسان جا ٻار ته سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا ئي ڪانهن.“ پوءِ پپا کي چو اِنگلش ۾ ڳالهائڻ وارو ٻار وڻي ٿو؟ هنجون مستيون ڏسڻ ۾ ڪانه ٿيون اَچن؟

سونو جهاز ۾ نظر گهمائي سيٽ جي سامهون ڪجهه اِنگلش ۾ لکيل هو. ڪرسيءَ جي پٺيان پاڪيٽ ۾ ڪتاب پيو هو اُهو به اِنگلش هو. پپا اَنگلش ڳالهائيندڙ ٻار جي ساراهه ٿا ڪن. اِهو سڀ ڏسي سونو سوچ ۾ پئجي ويو پر اُن سوال جو جواب ڪنهن کان گهري.؟ ”اِنگلش ۾ ڳالهائڻ سٺو آهي يا پنهنجي ٻوليءَ ۾ !!!“

✧✧✧✧



books.sindhsalamat.com

اَگر هوءَ مونکي روٽي نہ ڏيندي تہ پوءِ مان ڇا کائيندس؟ پنڪو روئڻهارڪو ٿي ويو.

تون چنتا ڇو ٿو ڪرين پنڪو؟ مان آهيان نہ. جيئن اَڄ ڏينهن تي آسان ٽفن شيئر (ورهائي) ڪري کائيندا آهيون. اَڳتي بہ کائينداسين.

Thank you سرو، تون تہ منهنجي بيسٽ فرينڊ آهين. اڙي ها، ياد آچي ويو. اَڄ تہ هن مونکي ٽفن  ٺاهي ڏنو آٿائين. گرما گرم پراٺا ٺاهيا آٿائين، ٻئگہ مان ٽفن ڪڍندي پنڪو چيو.

پنڪو ۽ سرو هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ٻنهي جي پڪي دوستي هئي. ڇهہ مهنا اَڳہ ئي پنڪو جي ماءُ گذاري وئي هئي تڏهن کان پنڪو ڪڏهن ٽفن ڪٽي ايندو هو ۽ ڪڏهن پئسن سان ڪئنٽن مان وٺي کائيندو هو. سرو کي پنڪو جو ڪئنٽين مان  وٺي کائڻ نہ وڻندو هو.

هڪڙي ڏينهن هُن پنڪو کي چيو، ”ممي چوندي آهي ڪئنٽين جي روٽي سٺي نہ هوندي آهي. ٻار بيمار ٿي پوندا آهن. اِنڪري تون ڪئنٽين مان نہ کاءُ.“ اُن کان پوءِ پنهنجو ٽفن پنڪو سان شيئر ڪرڻ لڳي.

پنڪو رسيس تائين اهو سڀ ئي سوچيندو رهيو.

رسيس ۾ ٽفن کائيندي- کائيندي سرو چيو، ”واهہ! تنهنجي مميءَ پراٺا تہ سٺا ٺاهيا آهن.“

ها، پر سرو، هاڻي ڪيئن خبر پوي تہ هوءَ منهنجي ممي آهي يا آيا؟

تون چنتا نہ ڪر. مان توکي پتو ڪري ٻڌائينديس.

ٺيڪ آ ، پر جلد پتو ڪجانءِ.

پنڪو شام جو گهر پهتو تہ هو اُڻ - ٽُڻ ۾ هو ڪ هوُ ممي چوي يا پيو ڪجهہ؟ پپا تہ چيو آڻئون هن کي ممي چوڻ لاءِ. پر اَگر هيءَ آيا هجي تہ ؟ پوءِ آيا کي ممي ڇو چوان؟ هاڻي ڪيئن خبر پوي تہ ڪير آهي!!!





هڪ ڪم ٿو ڪريان، اسڪول جا ڪپڙا هيڏي هوڏي پکڙي ٿو ڇڏيان. ٽيلهو ۽ جوتا بہ ائين ئي ڦٽي ٿو ڪريان. سرو چيو هو نئي ممي ٿوري غلطيءَ تي بہ ٻارن کي ماريندي آهي. اَگر هيءَ نئي ممي هوندي تہ پڪ ماريندي، پوءِ تہ خبر پئجي ويندي. سوچي پنڪو خوش ٿيو. پر ٻي پل ۾ ئي اُداس ٿي ويو. نہ - نہ اَگر زور سان مارياڻين تہ . مان تہ نہ سهي سگهندس... پر ٻيو ڪو رستو بہ تہ ڪانهي جو خبر پوي. وري ٿوري دير سوچڻ لڳو.. هڪُ ڪم ٿو ڪريان، اَگر مارڻ ايندي تہ پهريان ئي زور زور سان روئڻ شروع ڪري ڇڏيندس ۽ ڏاري چوندس تہ ٿي سگهي ٿو وڌيڪ نہ ماري. آيا کي ممي چوڻ کان تہ سٺو آهي ٿوري مار کائي وٺان. سوچي هُن ڪپڙا هٽ-هٽ ڦهلائي ڇڏيا.

نئي ممي ڪمري کي پکڙيل ڏٺو ”هي ڇا آهي پنڪو؟ پٽ، سٺا ٻار پنهنجا سامان ۽ پنهنجن ڪپڙن کي پنهنجي جڳهہ تي رکندا آهن. هيئن ڦهلائيندا نہ آهن. ائين تہ گندن ٻارن جو ڪم هوندو آهي ۽ آسانجو پنڪو تہ سٺو پٽ آهي نہ.“

مميءَ جيئن هٿ اَڳيان وڌايو، پنڪو کي لڳو ممي مارڻ واري آهي. هوُ ڊڄي ويو، پر ممي پيار سان هن جي ڳلن کي سهلايو . ”اَڳتي ائين نہ ڪجانءِ. توکي ٻکہ لڳي هوندي نہ. هلُ مان تنهنجي لاءِ ناشتو ٺاهي رکيو آهي. کاءُ هلي. “چئي هن سڀ ڪپڙا کڻي باٿروم ۾ رکيا.

پنڪو واڱڙو ٿي ماءُ کي نهارڻ لڳو. پڪ هيءَ آيا ئي آهي، ممي نہ. پر هاڻي مان هن کي سڏ ڪيئن ڪيان؟ هڪ ڪم ٿو ڪريان، مان هن سان ڳالهايان ئي نٿو. جيستائين سرو ٻڌائي تيستائين چپ ٿو رهان. نہ ڳالهائيندس ، نہ ڪجهہ سڏ ڪرڻو پوندو.

ڇا ٿو سوچين پٽ؟ هل ناشتو کاءُ.

پنڪو رڳو ’ها‘ چيو.

هوڏانهن سرو گهر پهتي، اَڄ هن کي شانت ڏسي ماڻس چيو،

”چا ڳالهہ آهي سرو؟ اَڄ ايتري چپ-چپ ڇو آهين؟ ڪنهن سان جهيڙو ڪيو اٿيئي ڇا؟“

نہ ممي، ڪنهن سان جهيڙو ڪونہ ٿيو آهي.

تہ پوءِ ڇا ڳالهہ آهي؟ تون پنهنجي ماءُ کي نہ ٻڌائيندين؟

ممي اَڄ پنڪو اسڪول آيو هو. مان هن کان ڪالهہ نہ اَچڻ جو ڪارڻ پڇيو. هن ٻڌايائين تہ هن جو پپا ۽ هو ڪالهہ هن جي لاءِ نئي ممي وٺڻ ويا هئا.

مطلب پنڪو جي پپا ٻي شادي ڪئي؟ پر اِها تہ سٺي ڳالهہ آهي، پوءِ تون ڇو اُداس آهين؟ هن جي ماءُ سٺي ڪانهي ڇا؟

نہ ممي، پھريان اِها تہ خبر پوي ڪ هوءَ پنڪوءَ جي ممي آهي يا آيا.

مطلب؟ مان سمجهيس ڪونہ.

مطلب اِهو ممي، شاديءَ ۾ تہ پارٽي ٿيندي آهي، گيت ڳائيندا آهن. سڀيئي ڊانس ڪندا آهن۽ ڦيرا پائيندا آهن. پر پنڪو ٻڌائي پيو اِئين ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو. هو رڳو آفيس ۾ ويا، جتي هنن هڪ رجسٽر تي سائن ڪياٿون ۽ چياٿون ٿي وئي شادي. اِئين بہ ڪا شادي ٿيندي آهي ڀلا؟ سرو کي حيرت ۾ ڏسي ، اُن جي واتان اهي اکر ٻڌي سرو جي ماءُ کي کل اَچي وئي.

توهان کلو ٿا؟ مان تہ پنڪو کي چيو، هن جو پپا هن کي چريو ٿو ٺاهي. هوءَ ممي نہ آيا هوندس.

نہ - نہ پٽ ائين ناهي. ها شادي ۾ تون جيڪو چوين ٿي اهو سڀ ٿيندو آهي. پر هيئن بہ شادي ٿيندي آهي. هن کي رجسٽر مئريج چوندا آهن، مطلب قانوني طريقي سان شادي.

مطلب هوءَ سچ ۾ پنڪوءَ جي ممي آهي؟

ها... ۽ سٺو ٿيو جو پنڪوءَ جي ممي اَچي وئي. نہ تہ مان سوچ ۾



www.sindhsalamat.com

هيس اَڳتي پنڪو جي لاءِ ڪير ٽفن کڻي ايندو اسڪول ۾ !!

ڪير ڇو کڻي ايندو؟ مان آهيان نہ، مان کڻي وينديس. توهان ٺاهي ڏجو.

اُها ڳالهہ ناهي پٽ، اصل ۾ تنهنجي پپا جي بدلي ٿي وئي آهي. تنهنجا اِمتحان ختم ٿيندي ئي اسان ٻئي شهر لڏي هلنداسين.

ٻي شهر !! مطلب مان هاڻي هن اسڪول ۾ نہ وينديس؟

نہ، هاڻي جتي هلنداسين اُتان جي اسڪول ۾ توکي داخلا وٺي ڏيڻو پوندو. ممي؟ جي ڳالهہ ٻڌي سرو سوچ ۾ پئجي وئي.

”گڊ مارننگ سرو.“ بس ۾ چڙهندي پنڪوءَ چيو.

”گڊ مارننگ پنڪو“

تون صحيح پئي چوين هوءَ منهنجي ممي نہ آهي. ڪالهہ مان سامان پڪيڙي ڇڏيو تہ بہ هن مونکي دڙڪا ڪونہ ڏنا ۽ نہ ئي مارياڻين.

مطلب هوءَ منهنجي آيا آهي. پپا مونکي بيوقوف ٿا ٺاهين.

نہ پنڪو، پپا توکي بيوقوف نہ ٿا ٺاهين.. هوءَ تنهنجي ممي ئي آهي. ڪالهہ منهنجي ميءَ ٻڌايو، هن شاديءَ کي رجسٽر واري شادي چئبو آهي. جنهن ۾ رجسٽر تي سائن ڪرڻ سان شادي ٿي ويندي آهي ۽ هيءَ شادي قانوني هوندي آهي.

سڄ ٿي چئين؟ پوءِ هن ڪالهہ مونکي ماريو ڇو نہ؟

ها پنڪو، سچ ٿي چوان، ۽ ميءَ اهو بہ ٻڌايو، ضروري ناهي هر ممي ٻارن کي ماري ئي. ڪا - ڪا نئي ممي سٺي هوندي آهي. جنهن کي اسان لاءِ خاص پري راڻي موڪليندي آهي. اُها ٻارن کي نہ ماريندي آهي.

مطلب منهنجي لاءِ پري راڻيءَ نئي ممي موڪلي آهي. تڏهن پپا هڪ ڏينهن ۾ ممي وٺي آيا پنڪو حيرت ڀريل خوشيءَ ۾ چيو.



books.sindhsalamat.com

”ها پنکو، “ سرو کنڌ جهڪائيندي چيو پري راڻيءَ کي ٽينشن (چنتا) هوندي تہ هاڻي پنکو ٽفن ڪٿي کائيندو. انڪري تنهنجي لاءِ نئي ممي موڪلي آڻائين.

ٽفن ڪٿي کائيندو؟ پر اُها تہ ٽينشن جي ڳالهہ ئي نہ هئي، اُهو تہ مونکي تون کارائيندي آهين ۽ اِها ڳالهہ تہ آلائي گهڻا دفعا مان پري راڻيءَ کي سپني ۾ ٻڌائي آهي.

ها، پر هاڻي منهنجي پپا جي بدلي ٿي وئي آهي. مان هيءُ اسڪول ڇڏي هاڻي ٻي اسڪول ۾ ويندس انڪري .

پپا جي بدلي ٿي آهي تہ پپا وڃن، تنهنجي ٿوري اسڪول مان بدلي ٿي آهي جو تون ٿي وڃين!!

ممي چيو جتي پپا رهندا اسان کي بہ اُتي ئي رهڻو پوندو ۽ مونکي اُتان جي اسڪول ۾ ئي پڙهائي ڪرڻي پوندي.

نہ سرو، تون نہ وڃُ، مميءَ کي چئيس مان نہ هلينديس، پلي توهان وڃو.

آگر ممي هلي ويندي تہ پوءِ مان اڪيلي ڪيئن هتي رهنديس؟

وجڻ ڏي مميءَ کي بہ، تون منهنجي گهر ۾ مونسان رهجانءِ.

هاڻي تہ ممي بہ آچي وئي آهي، تہ روٽي بہ ٺاهي ڏيندي.

پر آگر تنهنجي ممي پري راڻيءَ جي موڪليل ممي نہ نڪتي تہ؟

پر جي تون هلي ويندين ۽ پوءِ مونکي روٽي نہ ڏنائين ۽ مارياڻين تہ؟ پوءِ مان ڪٿي روٽي کائيندس؟ ۽ ڪنهن کي اِهي سڀ ڳالهيون ٻڌائيندس؟ منهنجو تہ ٻيو ڪو بہ پڪو دوست ڪانهي. پنکو سوچي ڊچي ويو . نہ سرو تون مميءَ کي منع ڪريس، چئيس مان نہ هلنديس.

مان چئي ڏٺو پنکو، پر ممي نہ ٿي مڃي سرو منهن لٽڪائيندي چيو.



www.sindhsalamat.com



پر سرو کونہ کو تہ رستو ڳولهڻو ئي پوندو.

ها پنکو، پر هاڻي هل اسڪول آچي ويو .

ٻہ ٽي ڏينهن گذري ويا پر ٻنهي کي ڪو رستو ڪانہ سمجهہ ۾ آيو.

چوٿين ڏينهن پنکو بس ۾ تمام گهڻو خوش هو.

آڄ تون گهڻو خوش ٿو لڳين پنکو؟

ها سرو، مان خوش آهيان، ڇاڪاڻ تہ مان رستو ڳولهي ورتو آهي.

سروءَ جي پاسي ۾ وڃي ڏيري سان پنکو چيو.

ڇا ! سچي!! تون رستو ڳولهي ورتو آهي؟ سروءَ حيرانيءَ سان پڇيو.

”ها“ اسٽائيل هڻندي پنکو چيو. اُهو بہ اهڙو رستو جنهن سان ڪوئي بہ اسان کي الڳہ نہ ڪري سگهندو... تنهنجا - منهنجا ممي پپا بہ نہ.

اِڇا!!! مونکي بہ ٻڌائي اُهو پلا ڪيئن؟ جلد ٻڌائي.

توکي ياد آٿيئي؟ تنهنجي مميءَ ٻڌايو هو، رڳو رجسٽر تي بہ سائن ڪرڻ سان بہ شادي ٿيندي آهي.

”ها“ سرو حيرت منجهان چيو.

تہ بس، اِهو ئي تہ رستو آهي. هيءُ ڏس مان رجسٽر کڻي آيو آهيان. ٻئگہ مان رجسٽر کڻندي پنکو چيو.

آسان ٻئي هن تي سائن ٿا ڪيون ۽ هن رجسٽر کي لڪائي رکي ڇڏينداسين. جڏهن تنهنجي ممي يا پپا توکي وٺي وڃڻ جي ڪندا تہ اسان هنن کي رجسٽر ڏيکارينداسين. پوءِ ڪيئن وٺي ويندا توکي!!!

مشڪي پرون نچائي، ڪنڌ لوڏيندي پنکوءَ چيو.

پر پنکو. پوءِ تنهنجي ممي پري راڻيءَ واري ممي نہ نڪتي نہ؟

تون اُن جي بہ چنتا نہ ڪر. هن ٽن ڏينهن ۾ مان اِها پڪ ڪري



books.sindhsalamat.com

ورتي آهي تہ هوءَ پري راڻيءَ واري ٿي ممي آهي.

اُهو ڀلا ڪيئن؟

مان هن ٽن ڏينهن ۾ جام شرارتون ڪيون آهن. پر ممي مونکي ڪونہ ماريو. پيار سان سمجهايو رڳو ۽ اگر ائين ٿيو بہ تہ ڀيو بہ رستو آهي.

ڀيو ڪهڙو رستو؟

مان اُن ڏينهن آميتاڀ بچن جي فلم ڏٺي. جنهن ۾ هو بلڪل مون وانگر ننڍڙو ٿي هو. پوءِ هو ٻڪندي - ٻڪندي زور سان ٽپو ڏيئي بائيڪ تي ويهي رهيو ۽ هو وڏو ٿو ٿي وڃي. مان بہ اِئين ٿي ڪندس، وڏو ٿي مان پاڻ ڪمائيندس. پوءِ تنهنجي لاءِ آلڳہ گهر ٺاهيندس. آسان اُن ۾ ٿي رهنداسين. چٽي پنڪوءَ پنهنجي سمجهداريءَ تي مشڪڻ لڳو.

پر هڪ ڳالهہ ٻڌائي، ممي هلي ويندي پوءِ تون تہ نہ روئندين نہ؟

ياد تہ ايندي ممي - پپا جي. پر ممي - پپا ٿي تہ چوندا آهن، ڇوڪرين جو اصلي گهر اُن جي گهوٽ جو گهر ٿي هوندو آهي. پيڪن جو نہ. سرو اُداس ٿي چيو.

ممي پپا توکي اِئين چياٿون؟ پنڪوءَ حيرانيءَ سان پڇيو.

نہ مونکي تہ نہ چيو آٿاٿون، پر اُن ڏينهن بوٺا آئي، شايد اُن جي گهر ۾ جهڳڙو ٿيو هو. هوءَ جام روئي پئي، ۽ چوي پئي مان واپس نہ ويندس. تنهن مهل ممي - پپا هنکي اِئين چيو.

چڱو ڇڏ هُن ڳالهہ کي، اَڄُ ٻئي هن رجسٽر تي سائن ٿا ڪيون.
رجسٽر تي سائن ڪري ٻئگہ ۾ وجهي ٻئي ٽينشن مُڪت ٿي ويا.



✧✧✧✧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪئريئر

”هلو ممي، ڇا حال آهي؟ توهانجي طبعيت ڪيئن آهي؟“

سڀ ٺيڪ آ پٽ، تون ڪيئن آهين؟

مان ٺيڪ آهيان ممي. هڪ خوشخبري ٻڌائڻي هئي.

ڇا! جلد ٻڌائي.

توهان کي پوٽو ڄائو آهي، رتو ماءُ ٿي وئي.

آڙي واهه !! پٽ واڌايون هجني، ڀڳوان ڀلا سدائين خوش رکيو. چوندي نيلوءَ جي اکين مان ڳوڙها وهي آيا. ڪڏهن ٿو واپس اچين پٽ؟ مونکي به پنهنجي پوٽي جو منهن ڏسڻو آهي.

ممي اصل خوشيءَ جي ڳالهه ته ٻڌو. هتان جي ڪنٽري (شهر) ۾ اِهو رول (قاعدو) آهي ته هت ڄمڻ وارو ٻار پنهنجو پاڻ ئي هن ڪنٽريءَ جو سٽيزن ٿي ويندو آهي. هاڻي اسان کي ڪو ڀؤ (ڊپ) ڪانهي هاڻي اسان هتي ئي سيٽل ٿي سگهون ٿا.

هتي ئي سيٽل ٿيندوَ؟ مطلب تون ڇا واپس ڪونه ايندين؟

واپس اچي ڇا ڪندس ممي؟ هتي منهنجو فيوچر آهي، منهنجي پٽ جو فيوچر آهي. هت ڇا رکيو آهي؟ هت منهنجو ڪئريئر ٺهي ويندو.

پر پٽ ڪئريئر ٺاهڻ ڪري تو ڇا اسان کي در - در جي ٺوڪرون کائڻ ڏيندين؟

ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪيو ممي؟ ٺوڪرون ڇو کائيندوَ؟ مان هتان پئسو موڪليندوسانو جنهن سان توهانجو خرچ آرام سان هلندو.

پر اسانجي سيوا ٽهل ڪير ڪندو؟ هن ٻڍاپي ۾ مونکان ته گهر جا ڪم ڪانه ٿا ٿين.

Don't be childish and outdated ممي، توهانجي گهر جا ڪم ڪرڻ لاءِ ڇا مان پنهنجو ڪئريئر داوَ تي لڳايان؟ پئسا ته موڪليان ٿي ٿو، سيوا ٽهل لاءِ نوڪرياڻي يا آيا رکجو، باقي وچ - وچ ۾ ته مان ملڻ ايندو رهندس.





پر پٽ، جيترو نونهن پٽ ڏيان رکندا اوترو ڇا نوڪرياڻي رکي سگهندي؟ ۽ نوڪريون ته هِت به گهٽيون آهن. ڪالهه پاڙي واري به پڇي پئي ته تنهنجو پٽ ڪڏهن ايندو.

ڇو ممي جڏهن منهنجو ٻچپن ڪان ڏيان آيا رکي سگهي ٿي، هاسٽل وارا رکي سگهن ٿا، ته توهانجو ڏيان نوڪرياڻي ڇو نه رکندي؟ ۽ پاڙي وارن جو ڇا آهي هو ته outdated آهن. پنڪج جي واتان اِهي اکر ٻڌي نيلو چُپ ٿي وئي.

ڇڱو مان فون رکان ٿو، ڪجهه ڪم هجي ته فون ڪجو، چئي پنڪج فون رکي ڇڏيو.

فون رکي هن پنهنجو مٿو آفيس ڪرسيءَ جي پنيان رکي ڇڏيو ۽ شونير ڏانهن نهارڻ لڳو. ماءُ جي چيل سيوا ٽهل جي ڳالهه ٻڌي هن جي اکين اڳيان پنهنجو ٻالپڻ گهمڻ لڳو.

اسڪول مان پنڪج جيئن واپس موٽيو ممي هال ۾ ويني هڪ ليڊي سان ڳالهائي پئي. پنڪج جي اسڪول جو آٽو اُن جي در تي ئي لاهي ويندو هو، مميءَ جي اُن کي خاص تاڪيد هئي در تي لاهڻ جي. جيئن ڪنهن مهل ممي نه هجي ته ڪنهن کي وٺڻ نه اچڻو پوي. پنڪج ليڊيءَ ڏانهن ڏيان سان نهاريو لڳي ته هيءَ آيا ئي ٿي. شايد مميءَ کي وري ٻي آيا ملي وئي، پنڪج من ئي من ۾ سوچڻ لڳو.

اچي وئين پنڪجا! هيڏانهن اچُ. هنن سان ملُ، هيءَ آنٽيئي تنهنجي نئي آيا، نمستي ڪر.

پنڪج هٿ ڏانهن نهاريو پر نمستي ڪانه ڪئي.

آڙي واهه! پنڪج ته سمارٽ ٻواءِ آهي. چئي آيا پنڪج جو هٿ پڪڙي اُن کي پاڻ ڏانهن ڪينچڻ جي ڪئي. پر پنڪج هن جو هٿ ڇڏائي ڏنو.

هون.. سمارٽ ٻوءِ... مسڪو لڳائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. پر هن کي خبر ڪانهي ته مان هن گهر ۾ ڪنهن به آيا کي نه ٽڪڻ ڏيندو آهيان. ٻن - ٽن ڏينهن ۾ هيءَ به ڀڄي ويندي. من ئي من ۾ سوچي



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

پنڪج ڪلڪ لڳو.

پنڪج هيءَ تنهنجي آيا آهي، هاڻي هيءَ ئي توکي سنڀاليندي، اِنڪري هن سان اَڄ کان ئي دوستي ڪري وٺ. پر پنڪج نہ ڳالهايو نہ ڪو جواب ڏنو. بستو (ٿيلهو) کڻي سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

ڪا ڳالهہ ڪانهي، اَجان پهريون ڏينهن آهي جلد هِري ويندو، توهان چنتا نہ ڪيو. آيا چيو.

پر ڌيان رکجو پنڪج تمام شرارتي آهي.

ڪا ڳالهہ ڪانهي، ٻار شرارت نہ ڪندا تہ ڪير ڪندو. چئي آيا کلي.

پنڪج روم مان ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي پيو. ڪجهہ سوچي کلڻ لڳو. ڪاٿي کل ممي نہ ٻڌي وٺي سوچي هن ٻئي هٿ چپن تي رکيا.

ممي پنڪج جي ڪمري ۾ آئي ۽ اسڪول جا ڪپڙا لاهي پيا پائڻ لڳي. پنڪج مونکي سڀاڻي چئن ڏينهن جي ٽريننگ تي وڃڻو آهي. اِنڪري وڏيڪ پئسا ڏئي آيا رکي آهي. پليز هن دفعي ڪا بہ شرارت نہ ڪجي. اَگر هيءَ آيا بہ ڀڄي وئي تہ پوءِ توکي هاسٽل موڪلي ڇڏينديسانءِ، ياد رکجانءِ.

هاسٽل جي ڳالهہ تي پنڪج ڌيان ڪونہ ڏنو. ڇاڪاڻ تہ ممي هر ڀيري اُن کي اِئين ئي چوندي آهي پر موڪليندي ناهي. پر ممي چار ڏينهن مان اَڪيلو ڪيئن رهندس؟ پنڪج روئڻهارڪو ٿي ويو.

آيا آهي نہ، پوءِ اَڪيلو ڪيئن؟ هوءَ صبح سويل اَچي ويندي.

پر رات جو؟ رات جو هوءَ ٿوري ئي رهندي؟

رات جو پپا اَٿيئي نہ. تون اُنهن سان گڏ روم ۾ سمهجانءِ.

پپا سان !! منهن ٺاهيندي پنڪج چيو. پپا تہ رات جو زور - زور سان کونگهرا هڻندا آهن. خررر.. خُررر... خُررر.. خو.... پنڪج پپءَ جي نقل لاٿي تہ نيلوءَ کي کل اَچي وئي.

پٽ، چار ڏينهن اڊجسٽ ڪر، منهنجي ڪئريئر جو سوال آهي ۽ مان ٽريننگ جا پئسا ڀري چڪي آهيان.

پنڪج جي شڪل لهي وئي، پر چئي ڪجهہ نہ سگهيو.



ممي پهريان ڪيتري سٺي هوندي هئي. روز نيون - نيون ڊشون ٺاهي کارائڻ. سڄو ڏينهن گهر ۾ هجڻ، پپا جي ۽ منهنجي هر ڳالهہ جو ڌيان رکڻ. پر جڏهن کان ممي پارلر جو ڪم شروع ڪيو آهي تڏهن کان نہ ڊشون ٺاهيندي آ، نہ گهر ۾ رهندي آ ۽ پپا سان بہ تہ هڪ نہ ٻئي ڏينهن وڙهندي رهندي آهي. پپا بہ ڪجهہ چون تہ ڪئريئر جي ڳالهہ چوندي. پر هڪ ڳالهہ سٺي آهي تہ ممي هاڻي پهريان کان وڌيڪ ٺهي سنئري ويهندي آهي ۽ پاسي ۾ وڃ تہ ايتري تہ خوشبو ايندي آهي جو من ئي خوش ٿي ويندو آهي ۽ هن آيا مان پسيني جي بانس ايندي آهي. سوچيندي پنڪج پنهنجو نڪ بند ڪيو. پوءِ مان ڪيئن هن آيا کي ٽڪڻ ڏيان؟ آيا نہ هوندي آ، تہ گهٽ ۾ گهٽ ممي مونکي ڏسڻ جي بهاني گهر تہ ايندي آهي ۽ مان هنجي ڪڇ ۾ ويهي ميءَ جي خوشبو سنگهي سگهندو آهيان. پر ممي اُن خوشبوءَ جي بوتلن کي ڊريسنگ ٽيبل ۾ مٿي رکندي آهي، جتي منهنجو هٿ نہ وڃي. منهن ٺيڙو ڪندي پنڪج سوچيو چوندي آهي ٻار نہ لڳائيندا آهن. پر ميءَ کي ڪهڙي خبر تہ جڏهن ممي نہ هوندي آهي تہ مان اُها خوشبو لڳائيندو آهيان. سوچي کلڻ لڳو.

ٻي ڏينهن ممي هلي وئي ۽ نئي آيا اَچي وئي. ميءَ جي ٻڌائڻ موجب هُن مونکي صبح جو ڪارنفليڪس ڏنا ۽ ٽفن ٺاهي ڏنو. پر مان نہ ڪارنفليڪس کائي ويس ۽ نہ ٽفن کائي آيس. شام جو جيئن پپا آيا تہ روئڻ وانگر منهن ڪري چيومانس، تہ مونکي بکہ لڳي آهي. صبح کان آيا ڪجهہ کائڻ لاءِ ڪونہ ڏنو آهي. سونوءَ ٻڌايو هو تہ ڪوڙ ڳالهائڻ مهل بہ آڱريون ڪراس ڪبيون آهن، تہ پاپ ڪونہ لڳندو آهي. ۽ پپا کي اِها ڳالهہ خبر هئي سو هنن منهنجا ٻئي هٿ ڏٺا. پر پپا کي اها ڳالهہ خبر ڪانہ هئي تہ وڪي ٻڌايو آهي، آڱريون هٿ جون نہ پر پير جون بہ هلنديون آهن. اِنڪري مون پيرن جون آڱريون ڪراس ڪري ورتيون.

پٽ توکي خبر آهي نہ ڪوڙ ڳالهائڻ سان پاپ لڳندو آهي ۽ ڪوڙي ماڻهوءَ جا پڳوان پڪوڙا ٺاهي گرم تيل جي تئيءَ ۾ تريندو آهي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مونکي من ئي من ۾ پپا جي اِن ڳالهہ تي کل آئي. پڳوان منهنجا پکوڙا ڪيئن کائيندو؟ مان تہ پيرن جون آڱريون ڪراس ڪيون آهن. پوءِ پڳوان کي ڪيئن خبر پوندي. پر پپا جي سامهون کلي نہ سگهيس ۽ چيو ها پپا خبر آهي.

ٺيڪ آهي مان سپاڻي آيا سان ڳالهايان ٿو. چئي پپا رنڌڻي مان روٽي پائي آيا.

ٻئي ڏينهن پپا آيا کي دڙڪا ڏنا. آيا گهڻو ئي چيو تہ پنڪج ڪوڙ ٿو ڳالهائي پر پپا هن جي هڪ بہ نہ ٻڌي. آيا بہ هوشيار هئي. هُن پپا جي ٽفن سان گڏ منهنجو بہ ٽفن ٺاهي پپا جي سامهون رکيو. پپا آفيس هليا ويا. آيا مون ڏانهن شوڪي نهارڻ لڳي. پر مان لاپرواهيءَ سان اُن ڏي نهاري اسڪول لاءِ نڪتس.

رات جو پپا آيا تہ مان چوڻ لڳس، پپا هيءَ آيا سٺي روٽي ڪانہ ٿي ٺاهي، مون کي هن جي هٿ جي روٽي نہ ٿي وڻي.

پٽ ٻن ڏينهن ۾ ممي اَچي ويندي، پوءِ ٻڌائيندس تہ توکي ڇا وڻندو آهي. تيستائين ڪائي وٽُ.

ممي آئي تہ مونکي ڪجهہ چوڻ جي ضرورت ئي ڪانہ پيئي. آيا پاڻ ئي ڪم ڇڏي هلي وئي. پر ها اُن ڏينهن مميءَ جي غصي کي سهڻو پيو.

پنڪج تون اِئين ئي آيا کي پڇائيندو رهندين تہ مجبوريءَ ۾ مونکي توکي هاسٽل ڇڏي اَچڻو پوندو.

پر ممي مان ڪجهہ ڪونہ ڪيو.

ڪجهہ ڪونہ ڪيئہ تہ پوءِ آيا ڇو پڇي وئي؟

ممي، هُن مونکي اُن ڏينهن کائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ ڏنو تڏهن پپا هن کي دڙڪا ڏنا. چوندي پنڪج جهٽ سان پير جون آڱريون ڪراس ڪري ورتيون.

سچ ٿو چوين؟ ٻئي هٿ اَڳيان ڪر.

پنڪج ٻئي هٿ اَڳيان ڪيا، ”ها ممي، مان سچ ٿو چوان“ چئي پنڪج من ۾ پنهنجي سمجهداريءَ تي مشڪڻ لڳو. ايتري ۾



www.sindhsalamat.com



پنيان آواز آيو.

ڇا حال آهي نيلو؟

سٺو آهي پوجا ديدي، توهان ڪيئن آهيو؟

ديدي.. چوندي پنڪج اَچي پوجا کي ڀاڪر پاتو.

ڪيئن آهين پنڪج؟

ٺيڪ آهيان ديدي، راجو ڪٿي آهي؟

هو ٻاهر ئي دوستن سان کيڏي ٿو.

”مان بہ وڃان ٿو.“ چوندي پنڪج ٻاهر ڊُڪ پائڻ جي ڪئي تہ پوجا پنڪج جو هٿ پڪڙيو، بيهہ منٽ! ڪجهہ ڪاڌو اَٿيئي؟ ڪن ٻڪہ تي آهين؟

ها، ڪاڌو آهي، مميءَ هاڻي اَڃان ناستو ڪارايو.

پوءِ ٺيڪ آ، ڀلي وڃُ چئي پوجا نيلو ڏانهن مڙي. منهنجي اِئين ٻچڻ جو برو نہ مڃجانءِ نيلو. اُن ڏينهن پنڪج گهر آيو هو ڇوري جي شڪل ئي لٿل هئي. پڇڻ سان ٻڌايائين تہ بکہ لڳي آهي. منهنجا تہ آندا ئي سڙي ويا اِهو ٻڌي تہ منهنجو ايترو ننڍڙو ڀائٽيو بک تي وينو آهي.

اها ڳالهہ ٻڌي پنڪج جا پير اُتي ئي بيهي رهيا. نيلو پنڪج ڏانهن شوڪي نهارڻ لڳي.

هُن کي ڇو ٿي شوڪين نيلو؟ هوُ تہ ٻار ٿيو. بک ۾ پنهنجن کان نہ گهرندو تہ ڇا پاڙيوارن وٽ کائي ايندو؟

تون شايد اُن ڏينهن هت ڪانہ هئين. وڃُ پٽ تون ٻاهر وڃي کيڏ چئي پوجا پنڪج کي ٻاهر موڪليو. پنڪج بہ ماءُ جي غصي کان بچڻ لاءِ ٻاهر ڊُڪ پاتي.

برو نہ مڃُ نيلو، تنهنجا بہ پئسا ڪمائڻ ڪري ٻار بک تي رلي اها سٺي ڳالهہ ڪانهي. پڳوان سڀ ڪجهہ ڏنو اَٿيئي پوءِ ڇو گهر رولين ٿي؟

ديدي . مان پنهنجن پيرن تي بيهڻ ٿي چاهيان، تہ مان ڇا برو ٿي کيان؟



books.sindhsalamat.com

پر گهر ۾ پار جو ڇا؟

توهان چنتا نه ڪيو. مان اُن جو به رستو سوچي ورتو آهي.

پوجا جي وچڻ کان پوءِ پنڪج ڏڪندي - ڏڪندي گهر ۾ گهڙيو.

نيلوءَ پنڪج جون ٻئي ٻانهون پڪڙيون.

ڇا تو پوجا جي گهر روٽي کاڌي؟ گهر ۾ روٽي کانه ڻهي هئي؟

ممي توهان ٻاهر ويا هئا ۽ آيا روٽي کانه ٺاهي هئي. پر پنڪج پيءُ (ڊپ) کان آڱريون ڪراس ڪونه ڪيون. اگر روٽي کانه ٺهي هئي ته به ته مان هت ڊراور ۾ پئسا رکندي آهيان. اها توکي خبر آهي ته پوءِ ٻاهران ڪجھه وٺي ڇو نه کاڌءِ؟ پوجا جي گهر ڇو کاڌءِ؟ نيلو رڙ ڪئي ته پنڪج ڊڄي ويو.

ساري ممي... ساري ممي اڳتي اِئين نه ڪندُس ڇئي روئڻ لڳو.

رات جو ممي پپا جي روم مان وڙهڻ جو آواز اَچڻ لڳو. لڳي ٿو پوجا ديدي واري ڳالهه تي وڙهن ٿا. پنڪج کي ياد اَچي ويو ته هن آڱريون ڪراس ڪانه ڪيون هيون. پنڪج کي ڊپ ٿيڻ لڳو. پر ايتري ۾ هن کي اَڄ راجوءَ جي چيل ڳالهه ياد اَچي وئي. ايترا ماڻهون ڪوڙ ڳالهائيندا آهن. پڳوان گهڻن ماڻهن جا پڪوڙا تريندو؟ ايترا پڪوڙا کائيندو ڪير؟ اِنڪري هاڻي پڳوان پڪوڙا ڪونه تريندو آهي. صحيح ته چوي ٿو راجو ايترا پڪوڙا پڳوان کائيندو ڪيئن؟ پيٽ نه خراب ٿي پوندسُ!! ننڍڙو ڪوڙ ڳالهائڻ سان پڳوان ڪجھه ڪونه ڪندو. سوچي پنڪج جي من ۾ آٿت آيو. پر ممي پپا جي ڪمري مان اَچان آواز اَچن پيا.

اِئين ته مونکي ممي پپا جو وڙهڻ پسند نه ايندو آهي. پر هڪ ڳالهه سٺي ٿيندي آهي جو ممي پپا سان وڙهي منهنجي روم ۾ مونسان گڏ اَچي سمهندي آهي. اَچان پنڪج سوچي ٿي پيو ايتري ۾ نيلو پنهنجو وهاڻو کڻي پنڪج جي روم ۾ آئي. پنڪج سمجهي ويو ۽ چپچاپ هڪ پاسي ٿي ويو. پنڪج ماءُ کي ڀاڪر پاتو، ''ممي توهان غصو نه ڪيو. مان اڳتي ڪڏهن پوجا ديديءَ جي گهر روٽي نه کائيندسُ.''





نيلو رڳو 'هون' ڪيو.

ممي هڪ ڳالهه پڇان؟ ماءُ کي چپ ڏسي پنڪج چيو.

'ها ڇئو.'

ممي اُن ڏينهن ديدي چوي پئي، پپا ايترو سنو ڪمائيندا آهن، پوءِ به تنهنجي ماءُ کي ڪهڙو شونق لڳو آهي ڪمائڻ جو؟

نيلو اُٿي ويئي ۽ پنڪج ڏانهن نهارڻ لڳي، ''پيو ڇا پئي چوي؟''

چوي پئي، ته هي گهٽ گهر وارن جو ڪم آهي پر تنهنجي ماءُ کي ڪير سمجهائي!! ڇري ٿي پئي آهي! اٽڪندي پنڪج چيو.

تون هنن کي ڇا ڪندين پٽ! هي ڏاڍا outdated ماڻهو آهن، پر تون سمجهدار ٿي. هاڻي هيءُ سڀ توکي هٿيار ٺاهي منهنجو ڪم ڪرڻ روڪڻ چاهين ٿا. پر مان اَڄ هن جو به رستو ڳولهي ورتو آهي.

ڇا رستو ممي؟

مان توکي هاسٽل موڪلي ڇڏيندس. پوءِ هي مونکي ڪيئن روڪيندا؟

نه ممي، مان هاسٽل نه ويندس. پنڪج ڏکي ويو. مان اڳتي ڪنهن جي به گهر روٽي نه کائيندس، آيا کي به نه پڇائيندس، پر مان هاسٽل نه ويندس ، ڇئي روئڻ لڳو.

Don't be childish and outdated پنڪج، توکي پنهنجو فيوچر يا ڪئريئر ٺاهڻو آهي يا اَهڙن ماڻهن جي سنگت ۾ رهڻو آهي؟ اگر توکي زندگيءَ ۾ ڪجھه ڪرڻو آهيئي ، ڪجھه ٺهڻو آهيئي ته توکي هنن سڀني کان پري هاسٽل ۾ رهڻو ئي پوندو.

ڇا ڪئريئر ٺاهڻ ايترو ضروري هوندو آهي ممي؟

ها پٽ، ڪئريئر ٺاهڻ تمام گهڻو ضروري آهي. اُن جي لاءِ اگر گهر ڇڏي ٻاهر به رهڻو پوي ته رهجي. تڏهن زندگيءَ ۾ ڪجھه ٺهي سگهبو آهي.

پنڪج جو ٻال من اِهو سمجهي کانه پيو سگهي ته ممي ڪنهن جو ڪئريئر ٺاهڻ ٿي چاهي... پنڪج جو يا پنهنجو.

✧✧✧✧



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# خوشي

للت ۽ ڪامنيءَ جي تمام پرارٿنا ڪرڻ بعد آئن سالن کان پوءِ هنن جي گهر ۾ خوشين جي روشني ڏسڻ آئي. انڪري هن جو نالو ئي خوشي رکيو ويو.

خوشي پيدا ٿيڻ وقت بلڪل نارمل هئي. پر ستين - آئين مهني کان پوءِ خبر پئي تہ خوشيءَ ڀڳوان جي فئڪٽريءَ ۾ ٺهيل ڪو نارمل پراڊڪٽ ناهي. بلڪ اُن جي مٿان Handle with care جو آڻ ڊٺل ليبل لڳل آهي. للت ۽ ڪامني خوشيءَ کي کڻي تمام درن تي خوشين جي ڳولها ڪئي ، پر نراشا کان سواءِ ڪجهہ هٿ ڪانہ لڳو. للت تہ ليبل لڳل خوشين کي خوشيءَ سان اپنايو پر ڪامنيءَ جي من ۾ تند رهجي وئي. هوءَ سدائين هن آڻ ڊٺل ليبل کي لاهڻ جي ڪوشش ڪندي رهي.

تمام ڪوشش جي باوجود خوشي پنهنجن پيرن تي بيهي نہ سگهندي هئي ۽ ڪڏهن - ڪڏهن ڳالهائڻ ۾ هبڪندي هئي. پڙهڻ لکڻ ۾ هن جي رُچي ڏسي للت هن جي ائڊميشن ڪرائي. ڊرائيور هن کي اسڪول وٺي ويندو هو ۽ واپس بہ وٺي ايندو هو.

اِمتحان پورا ٿي چڪا هئا. گرمين جون ڇُٽيون لڳي ويون. هن سال خوشيءَ پنجين درجي جا اِمتحان ڏنا ۽ هن گرمين جي ڇُٽيءَ ۾ هُن جي ماما جي شادي هئي. سڀ تياري ۾ لڳل هئا. شاديءَ کان هڪ ڏينهن پهريان لاڏن جو پروگرام هو. پر هيءَ پراڻي زماني جي لاڏن وانگر نہ هئا جنهن ۾ ڪجهہ مايون ويهي ڳائين ۽ دهل وڄائين ۽ ٻيا سڀ نچن. هتي تہ باقاعدا هڪ - هڪ کي فلمي گاني تي پرفامنس ڏيڻي هئي. ڪنهن اڪيلي تي ڪنهن کي جوڙي سان. للت ۽ ڪامني بہ هڪ گاني تي روز ڊانس جي پرئڪٽس ڪرڻ لڳا. هنن کي ڏسي خوشيءَ جو بہ من ٿيو. هڪ گاني تي پرفارمنس ڏيڻ جو . هُن ماءُ کي اِها ڳالهہ چئي، ”ممي، مان بہ توهان وانگر هہ .. هہ.. هڪ گاني تي ڊانس ڪنديس.“

نہ خوشي، تون ڊانس ڪيئن ڪندينءَ؟



www.sindhsalamat.com



پوءِ ڇا ٿيو مہ.. مہ... ممي! مان هن ويئل چيئر تي ويهي ڊانس ڪنديس.

نہ پٽ، ويئل چيئر تي ڪيئن ڊانس ڪري سگهندين؟

ممي ياد نہ اٿو... اُ... اُ.. اُن ڏينهن ٽي.وي. تي ڏٺوسين. مہ... مہ... مون جهڙا الائي گهڻا ٻار ملي ڪري ويئل چيئر تي ڊانس ڪن پيا.

هوءَ ٽي.وي آهي پٽ ۽ هيءُ فئملي فنڪشن. توکي خبر ناهي تنهنجي ائين ڊانس ڪرڻ سان ماڻهو توکي ويچاري واري نظر سان ڏسندا. ۽ ڪجهہ ماڻهو ٿي سگهي ٿو گهٽ وڌ ڳالهائين بہ. ۽ مان نٿي چاهيان توکي ڪير بہ ويچاري نظر سان ڏسي يا ڳالهائي.

پر ڪوئي ائين ڇو ڳالهائيندو ممي؟ سڀني کي تہ خبر آهي نہ مان ائين ئي آهيان. خوشيءَ سوالي نظر سان ماءُ ڏي نهاريو.

بس خوشي، مونکي بحث نہ کپي. توکي منع ڪيو نہ هڪ دفعو. ها ، پوءِ رات جو جنهن مهل پاڻ ۾ ويهنداسين تنهن مهل ڪجانءِ. پر ٻين جي سامهون نہ.

مميءَ جو فيصلو ٻڌي خوشي روئڻهارڪي ٿي وئي. هوءَ سوچڻ لڳي، اگر مان نٿي هلي سگهان تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ ممي ڇو مونکي ٻاهر گڏ وٺي وڃڻ تي ڪترائيندي آهي؟ پپا کي چوندي آهيان تہ هو تہ خوشي - خوشي وٺي هلندا آهن. پر ممي هر ڀيري بهانا ٺاهيندي آهي ۽ مونکي هتي داديءَ سان گڏ گهر ۾ ئي ويهاري پاڻ هلي ويندي آهي. مونکي لڳي ٿو شايد مان ٻين ٻارن وانگر هلي نہ سگهندي آهيان. ۽ راند نہ ڪري سگهندي آهيان انڪري ممي مونکي گهٽ پيار ڪندي آهي. پر پوءِ پپا ۽ دادي ائين ڇو نہ ڪندا آهن؟ هوءُ ٻئي تہ مونکي جام پيار ڪندا آهن. پر ڪا ڳالهہ ڪانهي، مان بہ ممي کي خوش ڪري رهنديس. مان اڪيلي ئي u tube تي ڏسي ڊانس سکنديس ۽ لاڏن واري ڏينهن تي مميءَ کي سرپرائيز ڏينديس. پوءِ تہ ممي مونسان خوش ٿي مونکي شاباسي ڏيندي. سوچي هوءَ مشڪڻ لڳي ۽ هُن مميءَ کان لڪي پنهنجي ڪمري ۾ ئي ڊانس جي پرئڪٽس



books.sindhsalamat.com

شروع ڪئي.

پر هن جي ڊانس پرئڪٽس هن جي پپا جي اکين کان لڪي ڪانہ سگهي. هڪڙي ڇاڻي للت هن کي ڏسي ورتو.

آڙي واهہ! تون بہ پرفارمنس ڪندينءَ خوشي.

ها پپا، پ.. پ.. پر توهان اها ڳالهہ مميءَ کي نہ ٻڌائجو.

مميءَ کي ڇو نہ ٻڌايان؟ للت حيرانيءَ سان پڇيو.

مان ، مہ... مہ.. مميءَ کي سرپرائيز ڏيڻ چاهيان، انڪري.

ٺيڪ آ پٽ، مميءَ کي نہ ٻڌائيندس، پر هڪ شرط تي!

ڪهڙي شرط پپا؟

تون هڪ ڊانس مون سان گڏ بہ ڪندينءَ.

ها پپا، ض... ض.. ضرور، خوشي تمام گهڻو خوشي ٿي وئي.

شاديءَ جا ڏينهن بہ اچي پهتا. ٻنهي پيءُ - ڌيءُ ملي ڪري ڊانس جي تياري ڪئي آهي. اِن ڳالهہ جي ڪامنيءَ کي ٻنڪ (خبر) بہ نہ پيئي. اَچانڪ اِسٽيج تان خوشيءَ جي نالي جي اِنائوسمينٽ ٻڌي ڪامني حيرت ۾ اچي وئي.

خوشيءَ کي للت ئي اسٽيج تي وٺي آيو. خوشي ويٺل چيئر تي ويٺي ويٺي ئي هٿن ۽ چهري جي ايڪسپريشن سان تمام سٺي پرفارمنس ڪئي. سڀني زور سان تاڙيون وڄايون ۽ خوشيءَ کي خوب شاباسي ڏني. پرفارمنس کان پوءِ خوشيءَ مائيڪ تي اِنائوسمينٽ ڪئي، ”ممي، هي پ.. پ.. پرفارمنس اسپيشل توهان جي لاءِ“ چئي للت ۽ خوشي ٻنهي ٻي ڳاني تي ڊانس ڪئي. سڀني وري زور سان تاڙيون وڄائي هن کي اَپريشئٽ ڪيو. پر خوشي تہ مميءَ جي چهري تي خوشي ڏسڻ چاهيندي هئي. هن ماءُ کي اسٽيج تي سڏ ڪيو. ڪامني اسٽيج تي پهتي هن مشڪي خوشيءَ کي ڏٺو. دنيا کي ڏيکارڻ ڪاڻ هوءَ مشڪڻ لڳي پر هن للت کي شوڪي ڏٺو.

هيءُ سڀ چاهي للت؟ ڇو توهان دنيا جي سامهون مذاق ٺهڻ


www.sindhsalamat.com



چاهيو ٿا؟ گهر اچڻ سان ئي ڪامنيءَ للت سان وڙهڻ شروع ڪيو.

مذاق؟ ان ۾ مذاق ٺهڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.

مذاق ٺهڻ جي ڳاله ناهي تہ ڇا آهي؟ ڪهڙي ضرورت هئي توهان کي اسٽيج تي ڊانس ڪرائڻ جي؟

توهان اهو ڪڏهن ائڪسپيٽ ڪندا، اسانجو ٻار نارمل چائيلڊ نہ آهي. ڪامنيءَ رڙ ڪندي چيو.

ممي ، پپا ڪ.. ڪ... ڪجهہ ڪونہ ڪيو. مان ئي پپا کي چہ.. چہ... چيو ، مونکي ڊانس ڪرڻي آهي. خوشيءَ ڏڪندي ڏڪندي ماءُ کي چيو.

ايترو ٻڌندي ئي ڪامني خوشيءَ ڏانهن مڙي ۽ هن جون ٻئي ٻانهون جنهجهلايائين، ”توکي منع ڪيو هو نہ. پوءِ توکي ڪا بہ ڳالهہ هڪ دفعي ۾ سمجهہ ۾ ڇو نہ ايندي آهي؟ ڇو دنيا جي سامهون ويچاري ٿي ٺهين؟ توکي اهو سمجهڻو پوندو تہ تون نارمل چائيلڊ نہ آهين.“

”بس ڪر ڪامني“ ڪامنيءَ کان خوشيءَ جون ٻانهون ڇڏائيندي للت چيو.

اَسان ٻئي اِن ڳالهہ کي ائڪسپيٽ ڪري چڪا آهيون. پر تون ڪڏهن اها ڳالهہ سمجهندين؟ دنيا ۾ خوشيءَ جهڙا الائي گهڻا ٻار آهن ۽ هو پنهنجن مائٽن سان ٻاهر نڪرندا، گهمندا- ڦرندا آهن. رڳو ڪوئي اسانجي ٻار کي ويچاري نظر سان نہ ڏسي انڪري ڇا ماءُ- پيءُ پنهنجي ٻار کي گهر ۾ بند ڪري رکندا؟ اَگر ڀڳوان هن کي ائين ئي ٺاهيو آهي تہ اسان کي هنن کي ان روپ ۾ اپنائي ڪري دنياداري سيکارڻي آهي. اَگر ڪوئي هنن کي ويچاري نظر سان ڏسي ٿو. تہ اهو هن جو نظريو آهي. هنن ٻارن جي ڪمي نہ ۽ تون ان ڳالهہ کي جيترو جلدي سمجهندين اوترو سٺو. ڪامني غصي ۾ ڪمري ۾ هلي وئي ۽ زور سان دروازو بند ڪيائين. خوشي اهو سڀ ڏسي ڊڄي وئي.

پ .. پ.. پپا مونکي لڳو ممي خوش ٿيندي. اَگر خ..خ .. خبر


books.sindhsalamat.com

هجين ها ايترو غصو ٿيندي، ته مان ڊانس نه ڪيان هان. ڇئي خوشي روئڻ لڳي.

نه پٽ، اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. اصل ۾ تون مميءَ ڪان وڌيڪ سٺي پرفارمنس ڏني ۽ سڀني تنهنجي تعريف مميءَ ڪان وڌيڪ ڪئي انڪري ممي غصو ٿي ڪري. للت آڪر هٽندي چيو.

پيءُ جي اها ڳالهه ٻڌي خوشيءَ کي ڪل آچي وئي.

پر پپا، ماڻهو مون جهڙن ٻارنکي ويچاري نظر سان ڇو ڏسندا آهن؟ آسان ته سڀني کي نه چوندا آهيون آسانجي هيلپ ڪرڻ لاءِ.

پٽ، ماڻهو ويچاري نظر سان نه ڏسندا آهن. اها ته تنهنجي ماءُ جي سوچ آهي. اصل ۾ ته هو ڏسندا آهن ته اسان کي ڀڳوان ٺيڪ - ٺاڪ ٺاهيو آٿائين، پوءِ آسان کي جيڪو ڪانهي اُن جو سوچي وڌيڪ ڏکي رهندا آهيون ۽ هي ٻار ڪيترا نه خوش رهندا آهن. اصل ۾ هو توهان کي پنهنجي پريرٽا ٺاهيندا آهن. پر تنهنجي ممي ڇري آهي نه. اُن کي لڳندو آهي هو ويچاري نظر سان ٿا ڏسن. ڇڱو هاڻي گهڻيون ڳالهيون ٿي ويون. هاڻي سمهه هلي. للت پيار سان خوشيءَ جي ڳلن تي ٿڦڦايو.

هنڌ تي ليٽي - ليٽي خوشي سوچڻ لڳي. آڄ ممي مونسان تمام گهڻي ناراض ٿي وئي آهي. پر ڪا ڳالهه ڪانهي. جلدي ٿي منهنجو رزلٽ آچڻو آهي. اهو ڏسي ته ممي خوش ٿي ويندي ۽ مونکي شاباسي ڏيندي. پر هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي. پپا چون ٿا ماڻهو آسان کي پنهنجي پريرٽا سمجهندا آهن. پر جڏهن به مان ٻاهر نڪرندي آهيان ته هر ڪوئي مونکي مڙي ڪري ضرور ڏسندو آهي. هنن جي اکين ۾ مونکي ڪڏهن پيار يا پريرٽا جو ڀاو نه ڏسڻ ايندو آهي. بلڪ... مڇ ڪري نڪ مٽي ڪندا آهن ۽ گهٽا ٿي دفعا ، گهٽا ماڻهو ته ڏيري سان ويچاري به چوندا آهن. پر سمجهه ۾ نه ايندو آهي هو ائين ڇو ڪندا آهن؟ مون جهڙا گهٽا ٿي ٻار هلي نه سگهندا آهن يا ڏسي نه سگهندا آهن. پر ماڻهو اهو ڇو نه سمجهندا آهن ته اسان ٻڌي ۽ سمجهي ته سگهندا آهيون. هنن جو ائين ڪرڻ تي سگهي ٿو اسانجي


www.sindhsalamat.com


همت کي ٽوڙي ڇڏي. ممي به انڪري ٿي مونکي ٻاهر ڪونه وٺي هلڻ جي ڪندي آهي. سوچيندي - سوچيندي ڪنهن مهل خوشيءَ کي ننڊ آچي وئي ڪن کي خبر به نه پئي.

رزلٽ وارو ڏينهن آيو. ڊرائيور خوشيءَ کي وٺي اسڪول پهتو. اُن سان گڏ آڄ ڪامني به آئي هئي. خوشي سڀني ساهيڙين سان ملي خوش ٿي ڳالهائڻ لڳي ۽ سڀ ساهيڙيون به بينچ تي آچي خوشيءَ سان ملڻ پيون. سڀني ٻارن کي رزلٽ ملي ويو هو. ڪجهه ٻار خوش ته ڪجهه ٻار مايوس هئا. خوشي پنهنجي رزلٽ کي ڏسي تمام گهڻو خوش هئي. آڄ ته پڪ ممي مونکي شاباسي ڏيندي. پر مميءَ جي ڇهري سان لڳي ٿو ممي ناراض آهي. ممي خوشيءَ کي وٺي ٽيچر جي ڪرسيءَ تائين وئي.

خوشيءَ هن دفعي تمام سٺيون مارڪون کنيو آٿائين، ڪانگريليشن بيٽا. ٽيچر چيو.

”ٿئنڪ يو. م... م... مئم.“ خوشيءَ چيو.

”مونکي توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.“ ڪامني ٽيچر سان مخاطب ٿي.

”جي، بلڪل چئو.“ ٽيچر وراڻيو.

مئڊم مونکي خبر آهي ته منهنجي ڌيءَ کي ڪيترو ايندو آهي ۽ هوءَ ڪيترو لکي سگهندي آهي.

جي، مان توهانجو مطلب نه سمجهيس!! ٽيچر آسمنجهس (مونجهاري) ۾ پئجي وئي.

مئڊم منهنجي رئڪيسٽ (درخواست) آهي، توهان منهنجي ٻار تي قياس ڪائي ڪري نه، پر اوترا ٿي نمبر ڏيو جيترو هن لکيو آهي.

مئڊم، اسان هن کي اوترا ٿي نمبر ڏنا آهن جيترو هن لکيو. هي اسڪول آهي. اسان هت ٻارن کي قياس ڪائي مارڪون نه ڏيندا آهيون.


books.sindhsalamat.com

پر مونکي خبر آهي تہ منهنجي ڌيءَ گهٽ پڙهيو هوءِ هن کي گهٽا نمبر اَچڻ گهرجن.

پوءِ توهان پنهنجي ڌيءَ کان پڇو، هن ايترو ڪيئن لکيو آهي؟

ﭘﮍاڻي خوشي، تنهنجا ايترا نمبر ڪيئن آيا آهن؟ مان توکي پاڙهيو هو، مونکي خبر آهي تو ايترو ڪونہ پڙهيو هو. ڪنهن جي نقل ڪئي اٿيئي؟

نہ، مہ... مہ... ممي مان ڪنهن جي بہ نقل نہ ڪئي آهي. مون سڀ پاڻ لکيو آهي.

سچ ﭘﮍاڻي خوشي، نہ تہ مون کان برو ڪوئي نہ ٿيندءِ، تون نقل ڪئي اٿيئي نہ؟

نہ... نہ... نہ.. ممي مان نقل نہ ڪئي.

تڙاڪ... ڪري ٿڦ جو آواز ڪلاس ۾ گونججي اُٿيو.

’مان چوان ٿي سچ ﭘﮍاءِ؟‘

!!! Excuse me مئڊم توهان هتي اسانجي سامهون ٻار کي نٿا ماري سگهو. ٽيچر ڪاوڙجي چيو.

ممي .. مہ.. مہ.. مان سچ ٿي چوان . توهان کي خوش ڪرڻ لاءِ اِمتحان وارن ڏينهن ۾ رات جو جاڳي ڪري پڙهندي هيس. اهو سوچي ڪري ڪ اگر منهنجو رزلٽ سٺو ايندو تہ توهان خوش ٿي ويندوَ. مونکي ڪانہ خبر هئي تہ توهان ناراض ٿيندا تہ مان پڙهائي نہ ڪيان هان. خوشيءَ روئندي چيو.

ڪهڙي ماءُ آهيو توهان؟ توهانکي پنهنجي ٻار تي ئي ڀروسو ڪونهي!! توهانکي رزلٽ ملي ويو آهي. توهان وڃي سگهو ٿا. ٽيچر غصي ۾ چيو.

ڪامني ڊرائيور کي خوشيءَ کي ٻاهر وٺي اَچڻ جو اشارو ڪري ٻاهر هلي وئي.

خوشيءَ جي اکين ۾ لڙڪ هئا. هن جو ٻال من اَڄ سمجهي ويو، 25 ماڻهو رڳو جسماني طور تي اَپاهج نہ هوندا آهن.

✧✧✧✧

# ٻيو جنم

اسڪول مان گهر واپس ايندي ئي گڏيا جو من خوش ٿي ويو. ممي ڪيتري نہ سٺي خوشبو ٿي اچي. ڇا ٺاهيو اٿو؟ جلدي ڏيو بکہ لڳي آهي.

ها ممي، مونکي بہ بک لڳي آهي. اميت بہ چيو.

ها - ها ٻئي ڄڻا هٿ - منهن ڌوئي ڪپڙا مٽي اچو. مان توهان ٻنهي لاءِ ناستو ڪڍي ٿي اچان. سيما ٻن پليٽن ۾ پوها پائي ڪڍي آئي. وڏيڪ پوهن واري پليٽ گڏيا کي ڏنائين ۽ گهٽ پوهن واري پليٽ اميت کي.

ڇو مونکي گهٽ ۽ گڏيا کي پوها وڏيڪ ڇو؟

ڇاڪاڻ تہ مان توکان هڪ سال وڏي آهيان، اِنڪري! گڏيا اميت کي چيڙائيندي چيو.

وڏي آهين تہ ڇا ٿي پيو؟ هڪ سال ئي تہ وڏي آهين، ڪو گهڻي وڏي ڪونہ آهين جو مونکان وڌيڪ کائيندين.

ڏسي وٺ، تڏهن تہ مميءَ مونکي وڌيڪ ڏنا آهن! گڏيا ڄڀ ڪڍي اميت کي آڱوٺو ڏيکاريو.

بس - بس وڙهڻ بند ڪيو، سيما رڙ ڪئي.

اميت، توکي پوها اِنڪري گهٽ ڏنا آهن، پپا تنهنجي لاءِ ڪسڪس جو سيرو ٺاهين ٿا. اُهو بہ کائڻو اٿيئي.

”ڪسڪس جو سيرو.“ گڏيا چوندي چپن تي ڄڀ ڦيري. ”مان بہ کائيندس.“ چئي پنهنجي پليٽ مان پوها اميت جي پليٽ ۾ وجهڻ لاءِ اڳيان وڌي.

اميت پنهنجي پليٽ پاسي ڪري ڇڏي، نہ مونکي نہ کپن هاڻي پوها.. تون ئي کاءُ وڌيڪ پوها. مان تہ ڪسڪس جو سيرو کائيندس. منڊي نچائيندي اميت چيو.

مان بہ سيرو کائيندس. گڏيا ڪاوڙجي چيو، هوُ منهنجا بہ پپا آهن.



www.sindhsalamat.com



پر ٻڌئي نہ، سيرو رڳو منهنجي لاءِ ٺهي، تنهنجي لاءِ نہ. اِنڪري مونکي پوها گهٽ ڏنا اٿائون.

گڏيا پنهنجي پليٽ مان پوها اميت جي پليٽ ۾ وجهڻ لڳي ۽ اِن جهيڙي ۾ ٿورا پوها ڌرتيءَ تي ڪري پيا.

سيما ٻنهي کي رڙ ڪئي، ”چپچاپ ناستو ڪريو، نہ تہ ڪنهن کي بہ ڪجهہ ڪونہ ملندو.“

پر ممي، مان بہ سيرو کائيندس، مونکي سيرو وڻندو آهي. گڏيا شڪل لاهيندي چيو.

ها توکي بہ ملي ٿو. شانتي ڪري هاڻي پوها کاءُ.

ايتري ۾ راڪيش رنڌڻي مان هڪ دونهون نڪرندڙ ڊش کڻي نڪتو. جنهن کي ڏسي ٻنهي جون واڇون ٽڙي ويون.

ڇڏ پوهن کي اميت. هيءُ ڏس، مان تنهنجي لاءِ ڪسڪس جو سيرو ٺاهي آيو آهيان. هي کاءُ راڪيش ڊش رکندي چيو.

”ها پپا،“ چئي اميت پوهن جي پليٽ گڏيا ڏانهن سوري (سرڪائي) ڇڏي.

اِهو ڏسي گڏيا کي غصو آيو، هن هٿ سان پليٽ واپس اميت ڏانهن سوري (سرڪائي). پر تيستائين راڪيش ٻي پليٽ ۾ سيرو وجهي اميت کي ڏئي چڪو هو.

پپا، مان بہ کائيندس سيرو، گڏيا ڏيري چيو.

راڪيش گڏيا ڏانهن اکہ کڻي ڏٺو ۽ نروڪار ڀاو (نہ وڻندڙ رخ) سان چيو، ”ها ڏيانءِ ٿو.“ چئي ٻي پليٽ ۾ ٿورو سيرو وجهي گڏيا کي ڏنو.

مونکي ايترو گهٽ ۽ اميت کي ايڏو ڇو؟ مونکي بہ وڌيڪ کپي پپا.

پوها اٿيئي نہ اُهي کاءُ. سيري ۾ گهڻو گيهہ پوندو آهي. وڌيڪ کائيندين تہ ٿلهي ٿي ويندين.

هيءُ اميت ٿلهو نہ ٿيندو؟ گڏيا پيءُ جي ڳالهہ وچ ۾ ڪٽي.

گهڻو نہ ڳالهائي، هيءُ ڇوڪرو آهي. هن کي طاقت جي ضرورت



books.sindhsalamat.com

آهي. ڪسڪس جي سيري سان دماغ تيز ٿيندس. جنهن سان هي سٺي نموني پڙهائي ڪري سگهندو. توکي وڌيڪ پڙهائي ڪري ڇا ڪرڻو آهي؟ پڇاڙيءَ تہ ڦلڪا ئي اٿيئي ۽ ڇوڪريون ٿلهيون ڪونہ سٺيون لڳنديون آهن. ڪاٺو اٿيئي تہ ڪاڻ نہ تہ هيءُ بہ واپس ڏي. گُديا کي چڙپيندي راڪيش چيو.

ڇو پار کي دڙڪا ٿا ڏيو. سيما ڏيري سان گھوٽ کي ٽوڪيو ۽ گُديا جي مٿي تي هٿ رکي، اُن کي چپ چاپ کائڻ جو اِشارو ڪيو.

گُديا اُميت ڏانهن شوڪي نهارڻ لڳي. ۽ اُميت پيءُ جي نظر کان لڪي چپ ڏيکاري گُديا کي چيڙايو.

گُديا، اُميت کي موڙو ڏيندي من ۾ چيو، ڪاڻ گيهہ، جڏهن ڪائي - ڪائي ٿلهو ٿيندين تڏهن پاڻ ئي پپا توکي بہ کارائڻ بند ڪندا. پوءِ ڏسنداسين، ڪنهن کي وڌيڪ سيرو ٿو ملي.

هڪ ڏينهن راڪيش ٽہ - ڦيٽي سائيڪل وٺي آيو. جنهن ۾ هڪ اِڳيان ويهي هلائي ۽ ٻيو جٺو پٺيان ويهي سگهي.

هيءُ ڏس پٽ، مان تنهنجي لاءِ سائيڪل وٺي آيو آهيان. راڪيش اُميت کي سائيڪل ڏيکاريندي چيو.

اڙي واهہ ! پپا منهنجي لاءِ نئين سائيڪل Thank you پپا چوندي اُميت سائيڪل جي اَڳين سيٽ تي ويٺو ۽ منهنجي لاءِ پپا؟ گُديا سوالي نظرن سان پيءُ ڏانهن نهاريو.

ٻنهي لاءِ اَلڳہ - اَلڳہ وٺي ايندس ڇا؟ ٻئي اها ئي هلائجو. اُميت اَڳيان ويهندو ۽ تون پٺيان ويهي رهجانءِ.

مان ڇو پٺيان ويهان؟ مان بہ اَڳيان ويهي هلائيندس.

ڇوڪريون گاڏيون هلائينديون آهن ڇا؟ تنهنجي ممي ڪڏهن هلائي آهي؟

ممي نہ هلائيندي آهي تہ ڇا ٿي پيو؟ ٻيون ڇوڪريون تہ هلائينديون آهن. مان ڏٺو آهي.

چڱو - چڱو تون بہ هلائجانءِ، راڪيش لاپرواهيءَ سان چيو.



www.sindhsalamat.com

نہ، هن اُميت کي چئو هيءَ ڳالهہ. نہ تہ هوءُ مونکي نہ هلائڻ ڏيندو.

اُميت پٽ، گُديا کي بہ هلائڻ ڏجانءِ.

ها پپا، پر هاڻي تہ مان دوستن کي هيءَ سائيڪل ڏيکاري اَچان ٿو. چئي اُميت سائيڪل کڻي ٻاهر وڃڻ لڳو ۽ گُديا بہ اُن جي پٺيان پئي وڃي.

پٽ ڏيان سان، هوڏي لاهي (ڍلان) پاسي نہ وڃجو. جي ڏکو کائي آيو تہ مار ملندوَ.

ٺيڪ آ پپا. چئي ٻئي هليا ويا.

سائيڪل جي ڳالهہ تي روز ٻنهي ڀاءُ - ڀيڻ جي وچ ۾ جهڳڙو ٿيڻ لڳو. اُميت پاڻ وڌيڪ دير سائيڪل هلائيندو هو ۽ گُديا کي گهٽ دير ڏيندو هو. گُديا ممي‌ءَ کي دانهن ڏني.

ممي‌ءَ گُديا کي ڦوسلائيندي(شانت ڪرڻ لاءِ) چيو، سٺي ڳالهہ آهي نہ جو اُميت سائيڪل هلائي ٿو. تون پٺيان آرام سان ويهي رهو. ڊرائيور ئي تہ گاڏي هلائيندا آهن. خبر ڪانہ اٿيئي؟

گُديا اهو ٻڌي خوش ٿي وئي. ٻاهر وڃي هن اُميت کي چيو، ”چلو ڊرائيور، هم پيڇي بئٺتي هئن؟“

اُميت کي اِها ڳالهہ پسند نہ آئي. هُن چيو ” نہ هاڻي مان ٿڪجي پيو آهيان. هاڻي تون هلائي. مان پٺيان ويهندس.“ چئي اُميت سائيڪل جي پٺين سيٽ تي ويهي رهيو.

ڊرائيور واري ڳالهہ ٻُڌجي گُديا خوش ٿي وئي. هُن کي سائيڪل هلائڻ جو موقعو ملي ويو. هوءَ سائيڪل کي لائي واري پاسي کڻي وئي گُديا لائي تہ نہ هلُ، پپا ماريندا. اُميت ڏيان ڇڪايو.

پپا کي ڪيئن خبر پوندي اُسان لائيءَ تي سائيڪل هلائي آهي؟ تون چنتا نہ ڪر مان سٺي طرح سان هلائيندس، ڪجهہ ڪونہ ٿيندو چئي گُديا سائيڪل لائيءَ تي کڻي وئي. پر بئلينس نہ سنڀالي سگهي ۽ ٻئي جڻا سائيڪل تان ڪري گولائيون کائيندا کائيندا وڃي هيٺ ڪريا.

ٻنهي جون ٽنگون ۽ ٻانهون ڇلجي ويون ۽ رت نڪرڻ لڳو. اُميت



books.sindhsalamat.com

کي گهٽ پر گديا کي وڌيڪ ڏک لڳا.

پاڙي وارن ٻنهي کي ڪچ ۾ ڪٽي گهر پهچايو.

ممي ٻنهي ٻارن کي ڏسي ڏڪجي وئي، ”هي ڇا ڪري آيو؟ توهان کي منع ڪيو هو نه لائي تي وڃڻ لاءِ!!“ مميءَ اَميت کي چيو.

ممي سائيڪل مان نه، گديا پٺي هلائي. اَميت روئندي چيو. منع ڪيومانس پر هن نه ٻڌو.

هي ڇاڪيئه گديا؟ ڇو وئين لائي تي؟ هاڻي پپا اَچي ڪيترو نه غصو ٿيندا.

گديا ٻڏو (ڊپ) کان هونئن ئي چپ هئي. پپا جي ٻڏو کان هوءَ ڏکن جي سورن کي به وسري وئي. مميءَ کي ڏسي هوءَ سمجهي نه پئي سگهي ته ممي ڪهڙي ڳالهه کان وڌيڪ ڏڪجي ٿي. هنن کي لڳل ڏکن کان يا پپا جي غصي کان.!!

مميءَ پهريان اَميت جا ڪپڙا لاهي اُن کي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ موڪليو. ”پپا جي اَچڻ کان پهريان ئي پٺي ڪپڙا مٽي ڇڏيو ۽ خبردار اَميت جو پپا کي ٻڌايئه توهان پٺي لائي تان ڪريا آهيو. چئجو ته بس سائيڪل تان ڪري پياسين.“مميءَ اَميت کي تاڪيد ڪئي.

اَميت جي نڪرڻ کان پوءَ گديا باٿروم ۾ وئي. پر گديا جي اندر ويندي ئي راڪيش گهر اَچي ويو. هنن کي پاڙيوارن ئي ٻڌايو اَسان لائي تي ڏکو کائي آيا آهيون.

راڪيش تمام گهڻي غصي ۾ هو. اَچڻ سان ئي اَميت کي رڙيون ڪيائون، ”توکي منع ڪيو هو نه لائي تي وڃڻ لاءِ، پوءِ ڇو وئين؟“ اَميت جون ٻئي ٻانهون پڪڙي پپا اَميت کي جهنجلايو.

اَميت روئندي چياڻين، ”پپا مان نه پيو هلايان، گديا سائيڪل پٺي هلائي.“

ڪاڏي وئي گديا، سڏ ڪريس. راڪيش رڙ ڪئي.

گديا باٿروم ۾ پپا جي رڙ ٻڌي ورتي ۽ ڏڪجي ڪري باٿروم جو در اَندران بند ڪري ڇڏيو.

پپا در کڙڪائيندا ته چوندي مان سنان تي ڪريان. ۽ ٿوري دير





باٿروم ۾ ئي ويهي رهنديس. پپا جو غصو شانت ٿئي پوءِ ٻاهر نڪرنديس. سوچي هن باٿروم جو در اندران بند ڪري ڇڏيو.

ايتري ۾ راڪيش در کڙڪائيندي رڙ ڪئي، ”گديا ٻاهر نڪر.“

”پپا مان سنان تي ڪيان.“ گديا ڏڪندي ڏڪندي چيو.

پهريان ٻاهر نڪر. پوءِ سنان ڪجانءِ.

هاڻي ڇا ڪيان؟ گديا سوچڻ لڳي. ها، چوانس تي ڪپڙا ڪونه پاتل آهن، پوءِ ته پپا ٻاهر نڪرڻ لاءِ نه چوندا.” پپا ڪپڙا ڪونه پاتل آهن.“

ٻاهر نڪر ڪپڙن جي سڪي، تنهنجا ڪپڙا ٻاهر پيا آهن. مان پايانئين ٿو نڪر.

گديا ڏڪندي - ڏڪندي ٽوال پائي ٻاهر نڪتي.

راڪيش گديا جون ٻئي ٻانهون پڪڙي جهنجهلايو، ” ڇو وئين لائي تي؟“ چوندي گديا جي ڳلن تي ٿڦ واهي ڏني. پاڻ ته ڏڪا کائي آئين، هن ڇوري کي به ڏکا کارايا آٿيئي. چوندي گديا جي ڳلن تي ٻي ٿڦ پئي. گديا روئڻ لڳي ۽ جهنجهلائڻ ڪري هن جو ٽوال به ڪري پيو. راڪيش ڏٺو ته گديا کي وڌيڪ ڏک لڳا آهن. گديا جا ڏک ڏسي راڪيش هن کي ڇڏي ڏنو. وري ائين ڪيو آٿيئي ته مونکان برو ڪوئي نه ٿيندءِ. چئي اَميت کي ڪمري ۾ وٺي هليو ويو.

گديا اُتي ئي ويهي روئڻ لڳي. مميءَ اَچي گديا کي پرچايو. چپ ڪر نه روءِ. ڇو وئين تون لائي تي؟ پپا منع ڪيو هيو نه؟

ممي پپا مونکان وڌيڪ اَميت کي پيار ڪندا آهن نه!!

ائين ڪجهه ڪانهي پٽ، توهان جا ڏک ڏسي پپا کي سنو نه لڳو. انڪري هنن توهان کي دڙڪا ڏنا. اَڳتي ائين نه ڪجانءِ. چئي مميءَ گديا کي ڪپڙا پاتا.

اسڪول ۾ اڄ ته ماهي پيپرن جو رزلٽ مليو هو. ٽيچر سڀني ٻارن کي مائٽن کان سائن وٺي اَچڻ لاءِ چيو. گديا تمام گهڻو خوش هئي. هن جون مارڪون اَميت کان وڌيڪ آيون هيون. اَڄ ته پپا پڪ ئي



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

روز ٿورو ٿورو ڪري آميت کي کارائجانءِ. ان سان بہ دماغ تيز ٿيندو آهي.

گدبيا حيرت منجهان پيءُ ڏي نهارڻ لڳي.

مان سڀن نمبرن سان پاس ٿي آهيان ، پر منهنجي لاءِ رڳو پڪوڙا !! ۽ آميت جيڪو ايترا گهٽ نمبر کڻي آيو آهي اُن لاءِ ايترو سڀ ڪجهہ!! گدبيا کان رهيو نہ ويو. هن پيءُ کي چيو.

چو پپا مان رڳو پڪوڙا ئي کاوان؟ مونکي بہ اوباريل بيدو کپي. مان بہ کائيندس.

چپ ڪري پڙهائي ڪر، وڏي آئي اوباريل بيدو کائڻ واري. چپ چاپ پڪوڙا کاءُ. ڇوڪريون بيدو نہ کائينديون آهن. چئي راڪيش ٻاهر هليو ويو.

پيءُ جي ڇڙٻ ٻڌي، گدبيا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

ممي پيار سان گدبيا جي مٿي تي هٿ گهمايو. پٽ بيدا گرم ٿيندا آهن. سچيءَ ۾ ڇوڪريون نہ کائينديون آهن. ڏس مان بہ تہ نہ ٿي کاوان. مان بہ توسان گڏ پڪوڙا کائيندس نہ !!!

۽ اکروٽ ۽ سيرو؟ اُهو بہ ڇوڪريون نہ کائينديون آهن؟

پٽ، آميت پڙهائيءَ ۾ ڪمزور آهي . انڪري تہ پپا اُن جي لاءِ هي وٺي آيا آهن، پر تون تہ هوشيار آهين نہ ! توکي ڪهڙي ضرورت اُنهن شين جي؟ هوُ پٽ آهي پڙهندو لکندو نہ تہ ڪمائيندو ڪيئن؟

نہ ممي، اها ڳالهہ نہ آهي. اصل ۾ پپا مونکان وڌيڪ آميت کي پيار ڪندا آهن. انڪري هر ڪا شيءِ هن لاءِ ئي وٺي ايندا آهن. چئي گدبيا روئڻ لڳي.

اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي پٽ، چڱو هاڻي چپ ٿي، مان آهيان نہ، مان پاڻ ئي توکي ڏيندس کائڻ لاءِ پپا کي نہ ٻڌائيندس... پوءِ ٺيڪ آهي؟

مميءَ جي واتان اِهي اکر ٻڌي گدبيا جي من ۾ آٿت آيو.

گدبيا، مميءَ کي هر سومر تي ورت رکندو ڏسندي هئي. هڪڙي ڏينهن ماءُ کان پڇياڻين، ممي توهان هر سومر تي ورت چو رکندا آهيو؟



books.sindhsalamat.com

مونکي آميت کان وڌيڪ پيار ڪندا. آخر منهنجون مارڪون آميت کان وڌيڪ جو آيون آهن.

اَڄ تہ توکي ڏڙڪا پوندا، پرون نچائيندي گدبيا آميت کي چيو.

هل - هل مونکي ڏڙڪا ملندا. خبر نہ آٿيئي. پپا توکان وڌيڪ مونکي پيار ڪندا آهن. اون .. اون ڪندي آميت بہ چپ ڪيڏي گدبيا کي ويچارا ڏنا. پر من ۾ هو ڏکي پيو گهٽ مارڪون اَچڻ ڪري.

شام جو پيءُ کي رزلٽ ڏيکارڻ مهل گدبيا گهڻو خوش هئي. ''پپا هي ڏسو، مان آميت کان وڌيڪ مارڪون کڻي آئي آهيان.

هونئن.. سٺو راڪيش لاپرواهيءَ سان چيو.

هيءَ ڇا آميت! شرم کانہ ٿي اَچيئي ايترين گهٽ مارڪون؟ هوُ ڏس، گدبيا ڇوڪري ٿي ڪري بہ توکان وڌيڪ مارڪون کڻي آئي آهي ۽ تون ڇا کڻي آيو آهين؟

گدبيا اُٿي بيني آميت کي ڏڙڪا کائيندو ڏسي کلڻ لڳي. ۽ آميت کي چيڙاياڻين. پر راڪيش گدبيا کي ائين ڪندي ڏسي ورتو.

ڏس.. ڏس ڀيڻ چيڙاوئي ٿي. ڪجهہ تہ شرم ڪر. ٻي دفعي تنهنجيون مارڪون گدبيا کان وڌيڪ اَچڻ گهرجن.

گدبيا کي اُميد هئي تہ پپا هن جي تعريف (ساراهہ) ڪندا. هن کي پيار ڪندا. پر ائين ڪجهہ ڪونہ ٿيو. راڪيش رڳو آميت کي ڏڙڪا ڏيئي ٻنهي کي ڪمري ۾ موڪلي پاڻ ٻاهر هليو ويو.

ٿوري دير کان پوءِ راڪيش واپس آيو. مميءَ جي هٿ ۾ پنيون ڏنائون. گدبيا کي لڳو تہ پپا پڪ ئي اُن جي لاءِ ڪجهہ وٺي آيا هوندا. هوءَ حسرت سان پيءُ کي نهارڻ لڳي.

راڪيش سيما جي هٿ ۾ پنيون ڏيندي چياڻين، '' هي وٺُ، هن ۾ چار ديسي بيدا آٿيئي، هنن کي اوٻار، هڪ آميت کي ڏجانءِ ۽ ٽي مونکي. ٻي پنيءَ ۾ تنهنجي ۽ گدبيا لاءِ پڪوڙا آٿيئي. هي اکروٽ ڪٻٽ ۾ رکي ڇڏ. ياد سان روز صبوح جو آميت کي ڏجانءِ کائڻ ڪاڻ.

اِن سان هن جو دماغ تيز ٿيندو ۽ پڙهائي ياد پوندس. هيءَ ڏاڙهن جو مغز آٿيئي. اُن کي صاف ڪري رک. پوءِ اُن جو سيرو ٺاهي رکندس.





www.sindhsalamat.com

پٽ ورت رکڻ سان ۽ پوڄا پاٺ ڪرڻ سان ڀڳوان خوش ٿيندو آهي.

ڀڳوان خوش ٿيندو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟

پوءِ ڀڳوان آسانجي من جي مراد پوري ڪندو آهي.

سچي! ورت رکڻ سان ڀڳوان من جي مراد پوري ڪندو آهي.

ها پٽ.

پوءِ مان بہ هن سومر تي ورت رکنديس. گڏيا ڪجهہ سوچيندي چيو.

تون ڇو ورت رکندينءَ؟ توکي ڀڳوان کان ڇا گهرڻو آهي؟

مان ڀڳوان کان گهرنديس تہ مونکي ٻئي جنم ۾ آميت ٺاهي ۽ آميت کي گڏيا ٺاهي موڪلي.

گڏيا جي اِن ڳالهہ تي مميءَ کي کل اچي وئي. ائين ڀلا ڇو؟

جيئن پوءِ تون آميت کي وڏيڪ چيڙائي سگهين؟ جئين هو توکي چيڙائيندو آهي.

نہ ممي، جيئن ٻئي جنم ۾ ڀل آميت جي روپ ۾ ، پپا مونکي بہ وڏيڪ پيار ڪندا ۽ منهنجي بہ ڪائڻ پيئڻ جو ڌيان رکندا.

✧✧✧✧

# ڏوهي ڪير؟

گهڻن ڏينهن کان پوءِ اَڄ سج نڪتو هو؟ سڄ کي ڏسي پتين ۽ گاهہ تي بيٺل برسات جون بوندون خوشيءَ منجهان هيرن وانگر چمڪڻ لڳيون. اِئين پيو لڳي جيئن ڌرتي مٽي تي ساٿو رئو پاتو آهي جنهن ۾ سلما ستارا جڙيل آهن.

گهرن جي پٺيان پتين مان ٻار ٻاهر نڪري راند ۾ مشغول ٿي ويا. هڪڙي پاسي کي ڇوڪريون گڏيءَ راند پيون ڪيڏن، تہ کي نوڙيءَ سان ٽپا پيون ڏين. منو بہ ٻاهر نڪتو. ڇوڪرين کي ڪيڏندو ڏسي هو اُن پاسي مشڪي نهارڻ لڳو.

مان بہ توهان سان گڏيءَ راند ڪيڏان؟

تون ڇوڪري آهين ڇا؟ جو اسان سان گڏ گڏيءَ راند ڪيڏندي؟ چئي هڪ ڇوڪري کلڻ لڳي.

راند ۾ ڇوڪرو ڇا ۽ ڇوڪري ڇا؟

اگر راند ۾ ڇوڪريءَ - ڇوڪري جو فرق نہ هوندو آهي تہ پيو ڪو ڇوڪرو اسان سان گڏ ڇو نہ ٿو ڪيڏي؟

اُها هنن جي مرضي، ضروري ٿوري ئي آهي سڀني کي سڀ رانديون وڻن.

ايتري ۾ پرڪاش ، منوءَ کي آواز ڏنو، ” منو اُتي بيهي ڇا ٿو ڪرين؟ هيڏي اَچُ.“

ڇوڪريون هونئن بہ منوءَ کي پاڻ سان گڏ ڪيڏائڻ لاءِ تيار ڪونہ هيون. سو منو پرڪاش ڏانهن وڌي ويو.

هتي بيهي ڇا پيو ڪرين؟ اَچُ آسان سان هٽ ٻٽ - بال ڪيڏ.

نہ يار، مونکي ٻٽ - بال ڪيڏڻ نہ وڻندو آهي. هلو آسان بہ گڏيءَ راند ٿا ڪيڏون. منوءَ خوش ٿي چيو.

”گڏي راند؟ تون ڇوڪري آهين ڇا؟“ چئي پنڪج کلڻ لڳو.

راند تہ راند هوندي آهي. ڇوڪرو ڇا ۽ ڇوڪري ڇا؟



اَڇا !! پوءِ تہ توکي گهر - گهر ۽ گڏي - گڏيءَ جي شادي ڪرڻ بہ وڻندو هوندو؟ هل پوءِ اُها ئي ٿا ڪيڏون؟

”ها، هلي اُها ئي ٿا ڪيڏون.“ منوءَ خوش ٿيندي چيو.

تون تہ ممي ٺهندين ۽ پرڪاش کي پپا ٺاهجانءِ. پنڪج چئي شرارت سان مشڪڻ لڳو.

”يار پرڪاش، تنهنجو دوست ٺيڪ تہ آهي نہ؟“سونوءَ جو اِهو چوندي ئي سڀ ڇوڪرا کلڻ لڳا.

”ڏوڙ وجهي پايو“ منوءَ سيني کي پونڊا ڏيندي چيو. ”مونکي توهان سان ڪيڏڻو ئي ناهي.“ چئي منو واپس گهر هليو ويو.

گهر پهچي منو سڌو ماءُ جي ڪمري ۾ ويو. آشا اُن مهل ئي ٻاهران آئي هئي. آشا جا ڪپڙا ۽ رئو اُتي پلنگ تي ئي پيا هئا. منوءَ ماءُ جو رئو ڪٽي مٿي تي پائي ڳچيءَ ۾ ويڙهيو. ڪابي هٿ سان رئي جي ڪنڊ پڪڙي ڳلن تائين ڪٽي آيو. ڪنڌ ساڄي پاسي ڪري پاڻ کي آئيني ۾ نهارڻ لڳو. هر ڪابي پاسي، هر ساڄي پاسي ڪنڌ ڪري ڇوڪرين وانگر شرمائي پيو. ان ڳالهہ کان بلڪل اڻڄاڻ ڪ هنجو پيءُ گوپال هن کي پنيان بيٺو ڏسي ٿو.

”هي ڇا ٿو ڪرين؟“ پٽس زور سان رڙ ڪئي.

منوءَ ڇرڪي رئو لاهي پلنگ تي ڦٽي ڪيو،”ڪجهہ نہ پپا... ڪجهہ نہ.“

”ڪجهہ نہ... ڪوڙ ٿو ڳالهائين؟“ چوندي گوپال زور سان منوءَ جي ڳل تي چماٽ هنئي.”سڄو ڏينهن خالي ڇوڪرين وارا ٿو ڪم ڪرين؟ اُنهن وانگر هلڻ، اُنهن وانگر ڳالهائڻ. بس رئو پائڻ جي ڪمي هئي، اُها بہ پوري ڪري وٺ.“ چوندي ٻي ٿڦ پئي منوءَ جي ڳل تي.

”آسان کي سماج ۾ ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ لائق نہ رهڻ ڏجانءِ تون؟“

”نہ پپا نہ... مان وري ائين نہ ڪندس.“ چئي منو هيسجي روئڻ لڳو.





www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڳوپال جون رڙيون ٻڌي آشا ڊڪندي آئي. منوءَ ڳوپال جي وچ ۾ بيهي منوءَ کي ڀاڪر پائي پرچائڻ لڳي.

ڇا ٿيو ؟ ڇو ماريو ٿا ٻار کي؟

ڇا ٿيو؟ ڏسُ تنهنجي پٽ جا لڇڻ. باقي سڀ ڳالهيون تہ ڇوڪرين واريون آٿس ئي رڳو رئو پائڻ ئي باقي هيس. اُهو بہ اَڄ پاتو اَٿائين. سنپاليس هن کي نہ تہ سماج ۾ منهن ڏيکارڻ لائق نہ ڇڏيندو هي اَسان کي . چئي ڳوپال ڪمري کان ٻاهر هليو ويو.

منو ماءُ سان چنبڙي سسڪيون (سڏڪا) ڀري روئڻ لڳو.

”رو نہ پٽ“ آشا منوءَ جا ڳوڙها اُگهيا. ” تون اُهي ڪم ڇو ٿو ڪرين جيڪي پپا کي نہ وڻندا آهن؟ تون هاڻي وڏو ٿي ويو آهين. سمجهدار ٿي. ڇوڪرو آهين اُنهن وانگر هل. ڇو ڇوڪرين وارا ڪم ٿو ڪرين؟“

مان ڇوڪرن وانگر ئي تہ هلندو آهيان ممي. نڪر - بشرٽ پائيندو آهيان. ڇوڪرن واري ڪلاس ۾ پڙهندو آهيان. اَڄُ مستيءَ ۾ توهانجو رئو پاتو ۽ پپا منهنجي مٿان ايترو غصو ٿي ويا. مونکي تہ لڳندو آ پپا مون سان پيار ئي نہ ڪندا آهن. مان ڪجهہ بہ ڪيان پپا کي غصو ئي ايندو آهي. چئي منوءَ موڙو ڏنو.

پر پٽ، پپا تنهنجي ڀلي لاءِ غصو ڪندا آهن نہ؟ جيئن پپا چوڪرا توکي نہ چڙائين اِنڪري چوندا آهن نہ؟ تون پنهنجي پپا کي ڏس. هوُ ڪيئن هلن، اُٿن، ويهن ٿا. تون بہ اِئين ئي هلندو ڪر. پوءِ پپا غصو نہ ٿيندا.

ٺيڪ آ ممي. مان ڪوشش ڪندسُ پپا کي مونسان شڪايت نہ ٿئي.

رات جو منو هنڌ تي ليٽيو تہ پيو هو، پر هن جي اَکين مان ننڊ غائب هئي.

مان جيئن آهيان تيئن ئي تہ هلندو آهيان. ڪا اڪٽنگ نہ ڪندو آهيان. پر ممي - پپا کي منهنجو اِئين هلڻ پسند ڪونهي



www.sindhsalamat.com



مطلب ڪا تہ غلطي آهي. سڀئي ڇوڪرا مونکي بہ ”ڇوڪري آهين ڇا؟ چئي چيڙائيندا آهن، مطلب مان شايد اُنهن وانگر ئي حرڪتون ڪندو آهيان. پر مان ڄاڻي - واڻي تہ نہ ڪندو آهيان. مان تہ نارمل هلندو آهيان. مطلب منهنجي سڀاءُ ۽ منهنجي شرير ۾ فرق آهي. مان جيڪو جسماني آهيان اُهو مانسڪ ڪونہ آهيان ۽ مونکي پنهنجي اهائي مانسڪتا مٽڻي پوندي. مونکي پنهنجو سڀاو بدلي ڇوڪرن وانگر هلت ڪرڻي پوندي. جيئن مان ممي - پپا کي سماج ۾ شرمسار ٿيڻ کان بچائي سگهان. پر هن سماج ۾ ڇوڪري ٿيڻ خراب آهي ڇا؟ ۽ منهنجو سڀاوُ ئي ڀڳوان اِئين ٺاهيو آهي تہ ان ۾ منهنجي ڪهڙي غلطي؟ اِهو سڀ سوچيندي - سوچيندي منو ڀڳل پتين ۾ آلن ڳلن سان ننڊ جي لهرن ۾ غوطا کائيندو سمهي پيو.

پيءُ جا طعنا، ڇوڪرن جي ڇٽربازي ٻڌندو، پنهنجي سڄاڻپ لڪائڻ جي هر پل ڪوشش ڪندي منو اَڇي اَئين درجي ۾ پهتو. گهر ۾ رڳو ماءُ جو ساٿ ۽ پيار ئي ملندو رهيس. پر ڪڏهن - ڪڏهن مڙس جي غصي اَڳيان هوءَ بہ لاچار ٿي ويندي هئي. ڪڏهن پيار سان تہ ڪڏهن روئي هوءَ منوءَ کي سمجهائيندي رهي.

اَڄُ اسڪول ۾ پڪنڪ تي هلڻ لاءِ چيو تہ اَٿئون پر پپا کان ڪيئن پڇان؟ هوُ تہ مڃيندا ئي نہ. پر ماستر بہ خاص زور ڪيو آهي سڀني کي هلڻ لاءِ. سڀئي ڇوڪرا وڃن بہ ٿا. منهنجو بہ من آهي وڃڻ جو پر پپا کان ڪيئن پڇان؟

منوءَ جو سڄو ڏينهن اِن اُڻ تڻ ۾ نڪري ويو. شام جو منوءَ ڏٺو تہ آشا ۽ ڳوپال گڏ ويهي چانهہ پي رهيا آهن ۽ هوُ ڪنهن ڳالهہ تي کلڻ لڳا.

اَڄُ پپا جو موڊ سٺو ٿو لڳي. هاڻي پڇان؟ متان منع نہ بہ ڪن؟

پپا اسڪول وارا آسان کي پڪنڪ تي وٺي وڃن ٿا. ۽ ماستر سڀني ڇوڪرن کي هلڻ لاءِ زور وڌو آهي.



books.sindhsalamat.com

گوپال ڪجهه چوي اُن کان پهرين آشا پڇيو، ''ڪاڏي ٿا وڃي وڃين؟''

''ڪندالا ۽ لوناوالا'' منوءَ جي چهري تي مرڪ اَچي وئي.

پر اِهو ٻڌندي ئي گوپال جي منهن تان مشڪ غائب ٿي وئي. هُن ڪڙڪ آواز ۾ صاف منع ڪري ڇڏي.

پر پپا، ماسٽر چيو آهي سڀني کي ضرور هلڻو پوندو.

اهڙو ڪيڏو (ڪهڙو) نئون قاعدو ٺاهيو آهي؟ مان سڀاڻي ئي اَچي ماسٽر سان ڳالهايان ٿو. اِهي نوان ڏنڊا ڳولهي لڌا اٿئون اسڪول وارن.

پر پپا، منهنجو به من آهي وڃڻ تي.

نالو ٻوڙڻ ويندي آسانجو؟ خبر اٿيئي اُتي ڇا آهي؟

ها پپا، ماسٽر چيو ته ڪندالا ۾ وڏو ماتا جو مندر آهي ۽ لوناوالا ۾ وڏا جهرڻا هوندا آهن.

جيڪي رڳو برسات ۾ ئي وهندا آهن ۽ اُتان جي آبهوا تمام سٺي هوندي آهي.

۽ تون جهرڻن ۾ وڃي ڇا ڪندين؟ سنان؟ ۽ ڪپڙا وڃي ڪٿي مٽيندين؟ گوپال اڪيون ڏيڪاريندي چيو.

ماسٽر چوي پيو اُتي هو هڪ هوٽل ۾ ڪاڏي ۽ ڪپڙا مٽڻ جو بندوبست ڪندا.

هڪ هوٽل ۾ گهڻا ڇڻا ڪپڙا مٽيندا؟

ماسٽر چوي ٿو ته ڪجهه بندوبست ڪيو هوندوءَ نه؟ ۽ آسانجو منو ٻار ته ڪونهي جو ڪنهن به اَڳيان ڪپڙا مٽيندو؟ وڃڻ ڏيوس نه. هاڻي هي وڏو ٿي ويو آهي. آشا منوءَ کي مايوس ٿيندو ڏسي چيائين.

اِها ئي ته چنتا آهي.. هاڻي هي وڏو ٿي ويو آهي. گوپال ٿڌو ساهه کڻندي چيو. ''خير، جيئن ٻنهي ماءُ - پٽ کي وڻي تيئن ڪيو. پر ياد رکُ آشا هنکي سڀ چڱي طرح سمجهائي ڇڏجانس. ''چئي گوپال اُٿي هليو ويو.

''ٿئنڪ يو ممي.'' چوندي منوءَ ماءُ جو چهرو پنهنجن ٻنهي



www.sindhsalamat.com



هٿن ۾ جلهي هن جي ڳل تي مٺي ڏني. پر پٽ توکي خيال رکڻو پوندو. ڪنهن به اَڳيان ڪپڙا نه بدلائجانءِ ۽ نه ئي ٽوال پائي ٻاهر اَچجانءِ. پلي گهڻي به دير ٿئي.

ها ممي، مان ان ڳالهه جو پورو ڌيان رکندس.

بس جو پهريون اسٽاپ ڪندالا ۾ ماتا جو مندر هو. ٽيچر سڀني ٻارن کي تاڪيد ڪئي. ''سڀئي لائين سان لهندوَ ۽ ڪو به ڌڪا - مُڪي نه ڪندو. درشن ٿيڻ کان پوءِ سڀئي پنهنجي - پنهنجي سيٽ تي اَچي ويهندا. توهانجي پاسي وارو آيو يا نه. اُن جو سڀئي ڌيان رکندا.''

سڀني ٻارن زور سان چيو 'yes teacher' ۽ هڪ - هڪ ڪري لهڻ لڳا. پڪنڪ تي سڄي اسڪول جا ٻار هئا. ڪي وڏا ته ڪي ننڍا. سڀئي لائين لڳائي مندر ۾ درشن ڪرڻ لاءِ وڃڻ لڳا. ايتري ۾ منوءَ جي ڪنن ۾ پنيان هلندڙ وڏن ڇوڪرن جو آواز پيو ''اڙي! يار هي ته مونکي مامو ٿو لڳي.''

مامو مطلب؟ ٻئي ڇوڪري چيو.

مامو يار...... مطلب ڇڪو، 1+ 5

هن جو ايترو چوندي ئي سڀ ڇوڪرا کلڻ لڳا. پر منو کو جواب ڪونه ڏنو. ننڍپڻ کان ئي اِهي ڳالهيون ٻڌندو رهيو هو. پر منوءَ جو رئيڪيشن نه ڏسي هنن ڳالهائڻ چالو رکيو.

يار، هي آسانجي اسڪول ۾ پڙهندو آهي ڇا؟

ها، يونيفارم ته آسانجي اِسڪول جو ئي اٿس.

پوءِ هي ڇوڪرين جي ڪلاس ۾ ويهندو آهي يا ڇوڪرن جي ؟

چئي زور سان کلڻ لڳا.

مان سوچيان ٿو سر کي چوان اَهڙن جي لاءِ اِلڳ ڪلاس ٺاهين. اَڄُ - ڪالهه هنن جو تعداد به تمام گهڻو وڌي ويو آهي.

ڪلاس اَلڳ ڇو؟ پوءِ ته اسڪول ئي اَلڳ ٺاهڻو پوندو. چئي وري زور سان کليا.



books.sindhsalamat.com

منو اڳتي وڌڻ لڳو.

چڱا ڀار جهرڪي تائين پهچي ويا هئا ۽ اُتي ويهي سنان ڪرڻ لڳا.

اُنهن کي ڏسي منوءَ جي منهن تي مرڪ اچي وئي. هو به اڳيان وڌيو.

جهرڪي ۾ هن پهريان پنهنجو هٿ وڌو.

’او..هو...هو... ڪيترو ٺڌو پاڻي آهي.‘ چوندي ھن پاڻيءَ جا ڇنڊا پنهنجي منهن تي هنيا.

هي ڇا! اُتي ويهي ڇنڊا ڇو ٿو هڻين. پاڻيءَ جي هيٺان اچ.

هڪڙي همر ڪلاسيءَ چيو.

هڪ دفعو اندر ايندي پوءِ ٺڌو نه لڳندءِ. چئي هن منوءَ جي ٻانهن پڪڙي جهرڪي جي هيٺان ڇڪيو.

او..هو...هو... ڪندي ٻئي هٿ هلائيندي منوءَ واپس جهرڪي کان ٻاهر نڪري آيو.

پاڻي تمام گهڻو ٺڌو آهي. توهان سنان ڪيو مان هتي پٿر تي ويهان ٿو. چئي منو ٿورو پري هليو ويو ۽ ٻئي پاسي پاڻيءَ ۾ رکيو پير وجهي پٿر تي ويهي رهيو.

”آڙي! هي هتي ڇو ويٺو آهي؟“ چاتل - سچاتل آواز منوءَ جي ڪنن ۾ پيو. آواز واري پاسي ڏٺائين ته اُهي ئي مندر وارا ڇوڪرا هئا.

ھنن کي ڏسي منوءَ منهن ڦيري ڇڏيو.

ڇوڪرن پاڻ ۾ اِشاري سان ڪجهه ڳالهايو. ھنن مان هڪ ڇوڪري منوءَ جي پاسي ۾ اچي هنجي ڪنڌ تي هٿ رکيو.

ڇا ٿيو دوست! ناراض آهين ڇا؟

ايترو پيار سان هنجي واتان دوست ٻڌي منوءَ جي چهري تي مرڪ آئي، ” نه.... نه ناراض ڇو ٿيندس؟“

اسان توسان مذاق ڪيوسين نه، اِنڪري لڳي ٿو تون هتي سيني کان الڳ ويٺو آهين. ساري يار. اسان توکي ڏکه پهچائڻ لاءِ نه چيوسين.

بس دوست سمجهي ٿورو مذاق پي ڪيو.

ساري جي ڳالهه ناهي. پاڻي تمام گهڻو ٺڌو آهي انڪري هتي





ويهي رهيس.

مطلب تون اسان سان ناراض ناهين؟

”نه.. بلڪل نه“ منوءَ مشڪي چيو.

پوءِ هل اسان سان گڏ جهرڪي هيٺان

نه يار، پاڻي ٺڌو آهي. مان هت ئي ٺيڪ آهيان.

تون اسان سان نه هلندين ته اسانکي لڳندو تون ناراض آهين.

پليز هل نه ٿوري دير.

ايترو پريم ۽ پنهنجائپ سان ڳالهائڻ منوءَ کي ڇهي ويو. هوُ ھنن سان جهرڪي جي هيٺان ويو پر ٻي منٽ ۾ واپس ٻاهر نڪتو.

ڇا ٿيو؟ ٻاهر ڇو نڪري آهين؟

پاڻي ٺڌو آهي. مونکي ٿڌ ٿي پوي. منوءَ جا لڱ ڪنبڻ لڳا.

اڙي يار! تون سچي ۾ ڇوڪري آهين ڇا؟جو ٿڌي پاڻيءَ کان ڏڪين ٿو..

منو اُن ڇوڪري ڏانهن نهاريو. ايتري ۾ ٻيا ٽيئي ڇوڪرا به ٻاهر اچي ويا.

يار ناراض نه ٿي، هل نه ٿوري دير.

نه... پليز........ مونکي ٿڌ ٿي پوي، توهان وڃو.

ڇوڪرين وانگر نخرا نه ڪر. هل.

پليز ، توهان وڃو. مونکي فورس نه ڪريو. مونکي ٺڌو پاڻي پانءِ نه پوندو آهي.

مونکي لڳي ٿو واقعي هيءُ ڇوڪري ئي آهي. بس ڇوڪرن وانگر ڪپڙا ٿو پائي گهمي.

منوءَ هن کي شوڪي نهاريو. ايتري ۾ هڪ ڇوڪرو گهمي ڪري منوءَ جي پٺيان ويو.

”پوءِ ته پڪ ڪرڻ لاءِ ڏسڻو ئي پوندو هي ڪير آهي؟“ چوندي ئي پٺيان کان منوءَ جي نڪر کي زور سان هيٺ ڪينچائين.

ڇڪ ڏيندي ئي منوءَ جي نڪر فرش تي هئي. منوءَ اهڙي حملي



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

عزتي ڪرائي. پر ڳالهہ لڪل هئي. پر هاڻي مان هن کان وڌيڪ پنهنجي بي - عزتي نٿو ڪرائي سگهان. هاڻي تون سوچ اؤلاد کپيئي يا گهوٽ!!

آلاهي ڪهڙو رشتو ٺاهيو آهي ايشور. هڪ گهوٽ جي ڪري عورت سڄي دنيا جو تياڳ ڪندي آهي. ايتري قدر جو پنهنجي اؤلاد کي بہ ڇڏي ڏيندي آهي پر گهوٽ جو ساٿ نہ ڇڏيندي آ.

پر پپا منهنجي غلطي ڪانهي. مان ڪاڏي ويندس؟

جاڏي وڻيئي وڃُ. اَڄ کان اسان تنهنجي لاءِ مري وياسين. چئي گوپال در بند ڪري ڇڏيو.

منو ٿوري دير تائين در کڙڪائيندو رهيو. پردر نہ کلڻو هو، نہ کليو. آخر هتاش (تنگ) ٿي اُٿي اڳتي وڌيو.

آگر مان اِئين آهيان تہ اِن ۾ منهنجي ڪهڙي غلطي؟ هُنن ڇوڪرن کي ڇا مليو منهنجو مذاق اُڏائي؟ مونکي در-بدر ڪري؟ هاڻي ڪيڏانهن ويندسُ؟ هوئنن بہ مونسان ڪوئي ڳالهائيندو ئي ڪانهي. هاڻي ڪير ڳالهائيندو؟ سوچيندي سوچيندي منو ريلوي اسٽيشن تي وڃي پهتو. هن جي کيسي ۾ سترهان رپيا هئا سي تہ منجهند جو ئي هڪ وڙا پاو ۽ ڪٽنگ چانهہ ۾ ختم ٿي ويا. رات بکہ ۾ اسٽيشن جي بئنچ تي گذري. پيٽ جي باهہ اَڳيان دنيا جون سڀئي تڪليفون ڳوڻ ٿي ويندريون آهن. منوءَ کي پيٽ جي باهہ وسائڻ جو ڪو طريقو ڪونہ پيو ڏسڻ آچي. هوُ وڙا - پاو واري ٺيلي جي اڳيان وڃي بيٺو متان اُن کي ديا آچي وڃي. پر ٺيلي واري اُن کي ڏٺو - اَڻ ڏٺو ڪيو. آخر پنهنجي شرم ماري هن ٺيلي واري کان کائڻ لاءِ وڙا - پاو گهريو. پر ٺيلي واري هن کي زور سان رڙ ڪري هُتان هلي وڃڻ لاءِ چيو. منو مايوس ٿي ٿورو پري ٿي بيهي رهيو.

اُتي هڪ ڪڏڙو بيٺو ايتري دير کان هن کي نهاري پيو. هن وڙا - پاو وٺي اُن کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاري کائڻ لاءِ ڏنو. هوُ پيار سان منوءَ جي مٿي تي هٿ ڦيرائڻ لڳو.

منهنجو نالو ميران آهي. تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تنهنجا ممي - پپا ڪٿي آهن؟ لڳين تہ چڱي گهر جو ٿو. هتي ائين ڇو بيٺو هئين؟ هُن هڪ کان پوءِ هڪ سوال پڇيو.

هڪ ٻکہ، ٻيو ٻال مَنُ، جيڪو ڏاڍو سُلڀ هوندو آهي. ٿوري پيار سان ئي کُلي ويندو آهي. منوءَ بہ هنکي پنهنجو سمجهي سڀني سوالن جو جواب ڏنو.

هل تون مونسان گڏ، اَڄ کان تو آسان سان گڏ رهجانءِ.

توسان گڏ؟ پر ڪٿي؟ ۽ ڇو؟

ٿورو پيٽ ڀرجندي ئي منوءَ کي هوش آچي ويو.

نہ... نہ... مان واپس پنهنجي گهر ويندس. پپا غصي ۾ هئا اِنڪري چيائون هلي وڃُ. پر هاڻي پاڻ ئي ڳولهيندا هوندا.

هُنن کي توکي ڳولهڻو هجي هان تہ گهر مان ڪڍن ئي نہ هان. پر ڪا ڳالهہ ڪانهي. هلُ ڀريان تنهنجي گهر ۾ ئي ٿا هلئون.

اِجهو ئي پپا در کوليندا ۽ مونکي ڀاڪر پائي چوندا، ”ڪاڏي هلي ويو هئين پٽ تون؟ مان تہ غصي ۾ هئس پر تون تہ سمجهدار ٿي هان. ڪاڏي هلي ويو هئين سڄي رات؟“ ممي بہ روئندي روئندي آچي ڀاڪر پائي چوندي ”پيءُ جي ڳالهہ کي ايترو دل سان نہ لڳائبو آهي؟ هوُ توسان پيار ڪندا آهن اِنڪري ئي تہ غصي ٿيندا آهن نہ؟“

منوءَ اِنهيءَ اُميد سان گهر جو در کڙڪايو. ميران ٿورو پري ٿي بيٺي. در گوپال ئي کوليو.

تون وري واپس آئين؟ توکي چيو نہ آسان مري وياسين تنهنجي لاءِ... هليو وڃُ هتان. چئي گوپال در منوءَ جي منهن تي در بند ڪري ڇڏيو.

منو اُتي ئي بيهي روئڻ لڳو. ميران منوءَ جي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو، ’هل منو، اسانجي جڳهہ هنن جي دنيا ۾ ڪانهي. هنن وري بہ توکي اَڄ ڏينهن تائين پالياٿون اِهو هنن جو اَحسان آهي. دنياداري جي ڪري ۽ سماج ۾ پنهنجو ڪوڙو شان ڏيکارڻ جي لاءِ آسان جهڙن ٻارن کي جمندي ئي يا تہ هُنن جا مائٽ ماري ڇڏيندا

آهن يا وري ڪچري ۾ ڦٽي ڪري ايندا آهن. اِنڪري خبر پوندي ٿي اسان اُنهن ٻارن کي پاڻ سان کڻي ايندا آهيون.'

پر اِئين ڇو؟ جيئن پڳوان مرد کي ٺاهيو آ، جيئن زائفان کي ٺاهيو آ تيئن ٿي آسان کي بہ ٺاهيو آهي نہ؟ آگر پڳوان آسان کي اِئين ٺاهيو آهي تہ اِن ۾ آسانجي ڪهڙي غلطي؟ آگر آسانجي سڀاوُ اِئين آهي. اگر پڳوان غلط شرير ۾ غلط آتما وڌي آهي تہ ان ۾ آسانجو ڪهڙو ڏوهہ؟ آسان سان دنيا وارا، آسانجا گهر وارا اِها اُميد ڪندا آهن آسان پنهنجي سڀاوَ کان اَلڳہ ورتاءُ ڪيون.

ڇا هوُ پاڻ ائين ڪري سگهندا؟ مان پپا کي چوان توهان ممي ٿي رهو. يا مميءَ کي چوان توهان پپا وانگر اُٿو ويهو ۽ ڳالهايو. تہ ڇا هو ائين رهي سگهندا؟ پوءَ اسان سان اها اُميد ڇو ؟ مرد ۽ عورت اِن ٻن جنسن کي تہ مانيتا آهي . پر آسانجي جنس کي مانيتا ڇو ناهي؟

آسانجي جنس کي قانوني روپ سان تہ هاڻي مانيتا ملي وئي آهي پر سماج اَڃ بہ آسان کي اَپنائڻ لاءِ تيار ڪانهي.

پر اِئين ڇو؟ آسان اِنسان ڪونہ آهيون؟ آسان ۾ پاوناٺون ڪانہ آهن؟ شايد ٻين ٻنهي جنسن کان وڌيڪ آسان ۾ پاوناٺون آهن. پوءِ آسان سان اِئين وهنوار ڇو؟

آهڙا الائي گهڻا سوال آسان جهڙن جي من ۾ هوندا آهن منو. پر اَڃ ڏينهن تائين اُنهن جو جواب نہ مليو آهي ۽ شايد ملندو بہ نہ!!!

✧✧✧✧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سال ۾ هڪ دفعو

هينو... پٽ... هينو اُٿ پٽ اسڪول جو ٽائيم ٿي ويو آهي.

موهنيءَ هينوءَ کي آواز ڏيڻ لڳي.

اُٿان ٿي ممي، ممي اَڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟ اُٿندي ئي هينوءَ پڇيو.

پهرين سيپٽمبر پٽ. ڇو؟

مطلب منهنجي برٿ ڊي ۾ باقي سيون ڊيز پيا آهن. هينو خوش ٿيندي چيو، ممي توهان مونکي ڇا گفٽ ڏيندا؟

جيڪو تون چئي، ڇا کپيئي توکي؟

ممي ، مونکي هڪ وڏو ٽيڊي بيئر وٺي ڏجو، ايترو وڏو. هينو ٻئي هٿ جيترا ڦهلائي سگهي ڦهلائيندي چيائين.

ٺيڪ آ توکي تو جيترو ئي ٽيڊي بيئر وٺي ڏيندس، پر هاڻي اسڪول لاءِ دير ٿي ٿئي.

ممي مونکي اسڪول لاءِ چاڪليٽ وٺي ڏيندو نہ؟ مان سڀني ساهيڙين کي ورهائيندس ۽ ٽيچر جي لاءِ وڏو چاڪليٽ الڳہ ۽ شام جو منهنجي فرينڊس کي پارٽي بہ ڏيندو نہ؟

آڙي باپ ري! ايترا سوال هڪ مهل؟ موهنيءَ مشڪندي چيو.

ها، ها جيڪو تون چوندين سڀ ڪنديس، پر هاڻي هل.

هينو جو اصلي نالو تہ هينا هو، پر سڀ پيار سان هينو سڏ ڪندا هئا. پرڪاش ۽ موهنيءَ جي سڪيلڌي سنتان هئي هينا.

ممي باقي ٽو ڊيز پيا آهن منهنجي جنم ڏينهن ۾ توهان اَڄان چاڪليٽ ڪڏهن وٺي ڏيندؤ؟

سڀاڻي هلي وٺي ڏيندسانءِ پٽ.

۽ سپاٽي مارڪيٽ بند هجي تہ؟

سپاٽي مارڪيٽ ڇو بند هوندو؟ موهنيءَ حيرت سان پڇيو.

آگر بند ٿي وڃي تہ!! پوءِ مان پرينهنءَ چاڪليٽ ڪيئن وراهائيندس؟



يا سپاٽي چاڪليٽ نہ ملن ٿا!! پوءِ مان ڇا ڪٽي وينديس؟ نہ، هلو آسان اَڄ ئي هلنداسين.

پٽ سپاٽي وٺي ڏيندسانءِ.

نہ ممي، اَڄ ئي هلو نہ، چوندي هينوءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

آخر موهنيءَ کي هن جي ضد آڏيان جهڪڻو پيو. موهني هينوءَ کي مارڪيٽ مان اُن جي پسند جا چاڪليٽ وٺي ڏنا. رانديڪن جي دوڪان ۾ موهيندڙ گڏي ڏسي هينوءَ ماءُ کي چيو، ”ممي، مونکي جنم ڏينهن جي گفٽ ڇا وٺي ڏيندؤ؟“

تو چيو هو نہ توکي ٽيڊي بيئر کپي، اُهو ئي وٺي ڏيندس.

نہ، مونکي هاڻي ٽيڊي بيئر نہ کپي. مونکي هوءَ ڊال وٺي ڏيو، ڏسو ڪيتري نہ سٺي آهي نہ!

پر مان تہ پپا کي ٽيڊي بيئر لاءِ چيو آهي.

تہ پوءِ هو ٽيڊي بيئر پپا جي طرفان ٿيندو، توهان مونکي هيءَ گڏي وٺي ڏيو.

اَڇا تہ توکي ٻہ گفٽ کپن! پپا جي الڳہ ۽ ممي جي الڳہ!

ها، تہ ڇا توهان ٻئي مونکي هڪڙي ئي گفٽ ڏيندؤ؟ ڇَپ هيٺ ڪندي هينوءَ چيو، منهنجو جنم ڏينهن سال ۾ هڪ ڀيرو ئي ايندو آهي ۽ توهان مونکي گفٽ بہ نہ ڏيندؤ؟

اَڇا بابا هل، وٺي هل، هينوءَ جي ڳالهہ تي مشڪندي موهنيءَ چيو.

ڊال، چاڪليٽ ۽ ڊريس بہ ٿي ويئي، تنهنجي سڀي شاپنگ پوري ٿي ويئي، هلون هاڻي گهر هلون.

اَڄان سڀي شاپنگ ڪٿي ٿي آهي؟ اَڄان مئچنگ سئنڊل باقي آهي.

اَڄان توکي سئنڊل بہ کپي؟ موهنيءَ حيرانيءَ سان چيو.

ها نہ، مان ڇا پراڻو سئنڊل پائيندس پنهنجي جنم ڏينهن تي؟



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

موهنيءَ کي ڪل آچي وئي.

جنم ڏينهن واري ڏينهن تي نئون وڳو، سئنڊل پائي ٽائيم کان پهرين تيار ٿي ويهي رهي.

اَڄ جيئن اسڪول وينديس سڀ ڇٽا مڙي - مڙي مونکي ئي نهاريندا. آنو چوندي، ”واهه هينو، ڪيتري سٺي ڊريس پاتي اٿيئي، ۽ مئچنگ سئنڊل به.“ پر مان اُن کي ڪجهه جواب نه ڏيندس، رڳو مشڪنديس. اَڄ ته سڄي ڪلاس جون ڇوڪريون منهنجي اڳيان پويان گهمنديون ، سڀئي چونديون اسڪول ۾ چاڪليٽ ورهائڻ مونکي وٺي هل.

ٽيچر به اَڄ ڪلاس ۾ ڳالهائڻ تي دڙڪا نه ڏيندي ۽ سڀني جي اڳيان بينچ تي بيهاري سڀني کان ڪلئپ وڄرائي (Happy Birthday to u) ڳارائيندي . اَڄ سڀني جو سينٽر آف اٽريڪشن مان هونديس. سوچيندي سوچيندي ئي هينوءَ کي سيلبرٽيءَ واري فيلنگ اَچڻ لڳي.

هينو جيئن اسڪول پهتي ساهيڙين اُن کي گهيري ورتو، ” اَڄ تنهنجو جنم ڏينهن اٿيئي؟ ڊريس ته سٺي پاتي اٿيئي؟“ پنڪيءَ چيو.

منهنجي ممي وٺي ڏني، هينوءَ نخرو ڪندي چيو، ”هي ڏس، پپا نئون سئنڊل به وٺي ڏنو.

ڪير به جيئن هينوءَ جي ڊريس جي تعريف (ساراهه) ڪري، هينو هنن کي پنهنجو سئنڊل به ڏيکاري.

هينو تون اَڄ چاڪليٽ ورهائڻ ڪنهن کي وٺي وينديءَ؟ هرشا چيو.

ڏسان ٿي اَڃان سوچيو ناهي، هينوءَ لاپرواهيءَ سان چيو.

مونکي وٺي هلجانءِ پوءِ مان پنهنجي جنم ڏينهن تي توکي وٺي هلنديس. سنيتا ڏيري سان ڪن ۾ چيو.

سنيتا کي نه وٺي وڃجانءِ هينو، ڏس مان تنهنجي بيسٽ فرينڊ آهيان نه؟ ۽ منهنجو جنم ڏينهن ته ڇُٽين (موڪلن) ۾ ايندو آهي.



مان ته ڪڏهن اسڪول ۾ چاڪليٽ به ورهائڻ نه ويندي آهيان. مونکي وٺي هلجانءِ. پانو منهن لٽڪائيندي چيو.

اَڙي ها، پانو جو جنم ڏينهن ته ڇُٽين ۾ ايندو آهي ۽ هوءَ ويچاري ته چاڪليٽ ورهائڻ به نه وڃي سگهندي آهي. پئي ڪنهن کي وٺي وڃڻ کان سٺو ته پانو کي وٺي وڃان. سوچيندي هينو چيو، ”تون منهن ننڍو نه ڪر پانو. مان توکي ئي وٺي هلنديس.“

هينوءَ جي ائين چوندي ئي پانو جي چهري تي مرڪ اَچي وئي. پانو اَڳو ئو ڏيکاري سنيتا کي چيڙايو.

سڀ ساهيڙيون هينوءَ جي اَڳيان پنيان ڦرڻ لڳيون.

مان اَڄ ٽفن ۾ پراٺا ڪٽي آئي آهيان. توکي وڻندا اٿيئي نه. پريرٽا چيو.

هي، ڏس، مان اَڄ مئگي ڪٽي آئي آهيان، توکي پسند اٿيئي نه. روشنيءَ چيو.

اڙي واهه! توهان کي ياد هيو اَڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي؟

ها ياد ڪيئن نه هوندو!!! تون اَسانجي پڪي ساهيڙي جو آهين؟ پنهي ملي چيو.

ٺيڪ آ اَسان رسيس ۾ سڀ گڏ ويهي کائينداسين.

شام جو گهر آئي ته ميءَ هال کي بلون (ڦوڪڻن) سان سجائي رکيو هو، ”ڪيئن ويو ڏينهن هينو؟ سڀني تنهنجو نئون سئنڊل ڏٺو کي نه؟“ موهنيءَ هينوءَ کي چيڙيندي پڇيو.

جام سٺو ممي، خبر آٿو؟ ٽيچر مونکي پنهنجي پاسي ۾ بيهاريو ۽ مونکان پڇيائين، ”گهٽي سالن جي ٿئين؟“ مون چيومانس ناٿون سال لڳو ته ٽيچر سڀني ٻارن کي چيائين، سڀ پهريان Happy Birthday to u Heena ڳايو. ، پوءِ سڀني منهنجي لاءِ ناٿين ٽائيم ڪلئپنگ به ڪئي. ٽيچر مونکي پيار به ڪيو ۽ چيائين سٺي ڊريس پاتي اٿيئي. مان چيومانس ميءَ وٺي ڏني آهي. هينوءَ خوش ٿي سڄي ڏينهن جون ڳالهيون ميءَ کي ٻڌائيندي پئي وڃي.

آسان سيني فريندس ملي ڪري رسيس ۾ بچيل چاڪليٽ کائي ڇڏياسين.

ٺيڪ آ، هاڻي هٽ - منهن ڌوئي جلدي تيار ٿي، تنهنجا فريندس اَچڻا آهن ڪيڪ ڪٽينگ جي لاءِ.

شام جو سيني جو سينٽر آف اٽريڪشن هينو هئي.

هي ڏسُ، مان تنهنجي لاءِ گفٽ ڪٽي آئي آهيان. مينا هٿ ۾ پڪڙيل پني ڏيکاريندي چيو.

اَڇا ڏسان ڇا آهي؟ هينو خوش ٿيندي چيو.

هاڻي نہ، هاڻي سڀ ڏسي وٺندا. ڪيڪ ڪٽنگ مهل.

هينوءَ کي ريکا اشاري سان پاڻ وٽ سڏ ڪيو، ”هينو توکي ڊوري- مان وٽندو آهي؟ مان تنهنجي لاءِ ڊوري-مان وٺي آئي آهيان.“ريکا پنيءَ کي ٿورو کوليندي ڏيکاريو.

سچي ريکا !! تون تہ منهنجي بيسٽ فرينڊ آهين. هينوءَ ريکا کي ڀاڪر پائيندي خوشيءَ ۾ چيو.

مان تنهنجي بيسٽ فرينڊ آهيان نہ؟ پوءِ مونکي وڏيڪ ڪيڪ کارائجانءِ.

ها پڪ، خبر آٿيئي. منهنجو پپا اَڄ منهنجي لاءِ هيڏو وڏو ڪيڪ وٺي آيا آهن. توکي پڪ وڏو پيس کارائيندس.

هي ڏس هينو، مان تنهنجي لاءِ هيڏي وَڏي پينسل، ڪمپاس ۽ باربيءَ جو ربڙ وٺي آئي آهيان. جيا چيو

اڙي واهہ ! ٿئنڪ يو جيا ، توکي بہ وڏو پيس کارائيندس.

ائين هڪ - هڪ فرينڊ هينوءَ کي گفٽ ڀڏائي ۽ هينو بہ اُنهن کي وڏو پيس کارائڻ جو پرامس ڪندي رهي.

سيني جي وڃڻ کان پوءِ موهني گهر صاف ڪرڻ ۾ لڳي وئي، هينوءَ ماءُ جو هٿ پڪڙيندي چيو، ”هي سڀ پوءِ ڪجو، اَچو پهريان منهنجون گفٽس کوليون.“



تون کول هينو مان گهر جي صفائي ڪري وٺان.

نہ - نہ ممي ، اَچو پهريان ويهو. پوءِ مان صفائي ڪرائيندسانو.

موهني اُتي ويهي جيئن گفٽ کولڻ لاءِ کنئي، هينو جهٽ هٽ مان گفٽ وٺندي چيو، ”توهان رکو هتي مونسان گڏ ويهو، گفٽ تہ مان ئي کوليندس.“

تہ پوءِ مان هتي ويهي ڇا ڪيان؟

پليز ممي ويهو نہ، گفٽس منهنجيون آهن تہ مونکي ئي کولڻ ڪپن نہ. هينوءَ جي ائڪسائيٽمينٽ ڏسي موهنيءَ کي کل اَچي وئي ۽ هن کي اُتي ئي ويهڻو پيو.

هينو گفٽون کوليندي تمام گهڻو خوش هئي. سڀ گفٽون کولڻ کان پوءِ چياٿين، ”مٽي سال مان ان کان وڏيڪ فرينڊس کي سڏ ڪنديس، اَجان وڏيڪ گفٽس ملنديون، پوءِ اُن مان توکي بہ کولڻ ڏينديس. هاڻي باقي گهڻا ڏينهن بچيا آهن منهنجي جنم ڏينهن ۾؟؟؟

✧✧✧✧





www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ورهاڱو

گهر ۾ اَڄ گوڙ لڳو پيو هو. چاچو - چاچي، بوئا - پپا جي پڦي، ماسي ۽ پيا به مائٽ جمع هئا. ”رنڪي هيڏي اَچ پت، آمان جي مُکہ ۾ هي جل وجهہ.“

آمان کي رڳو چادر وڇائي ڌرتيءَ تي سمهاريو ويو هو. ڪشن يعني رنڪيءَ جو پپا، آمان جو مٿو پنهنجي ڪڇ ۾ کڻي وينا هئا. پوجا يعني رنڪيءَ جي ممي، پاسي ۾ ويهي گيتا جو پاٺ پئي ڪري. آڌياءُ ختم ٿيندي ئي پاسي ۾ رکيل ڪٽوريءَ مان هڪ چمچو جل پري آمان جي مُکہ ۾ وجهي پئي. آخري آڌياءُ ختم ٿيڻ کان پوءِ سيني هڪ - هڪ چمچو جل آمان جي مُکہ ۾ وڌو. رنڪي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي اهو سڀ چپچاپ ڏسي پيئي. ڏاڏيءَ جي هيءَ حالت ڏسي هوءَ بلڪل چپ ٿي ويئي هئي. ايتري ۾ ماءُ جو سڏ ٻڌي رنڪي ماءُ ڏانهن نهاريو.

چا ٿي سوچين پت؟ اَچُ آمان جي مُک ۾ جل وجهہ.

رنڪي اُٿي، چپچاپ ماءُ جو چيو مڃي، واپس پنهنجي جڳهہ تي وڃي ويهي رهي.

ايتري ۾ پپا جي پڦيءَ جو آواز آيو ”سيئي اوم نمهو: ڀڳوتي واسديوايہ : جو جاپ ڪيو، تہ پڇاڙي سؤلي ٿئيس.“ اُن جو ايترو چوندي ئي ڪمري ۾ سيني جاپ ڪرڻ شروع ڪيو.

آمان چوندي هئي، جمڻ ۽ مرڻ جي تاريخ، ڏينهن ۽ وقت، سڀ مالڪ جي هٿ ۾ هوندو آهي. آسان ڪيترا ئي حيلا هلايون پر جيڪو جنهنجو ٽائيم لکيل آهي. اُهو اُن مهل ئي ويندو. پوءِ هي سڀ ائين چو ٿا ڪن؟ هي دان - پُڃ، هي جاپ!! ڇا ائين ڪرڻ سان آمان جلدي هلي ويندي؟ يا ٺيڪ ٿي ويندي؟ آمان جي چوڻ موجب جڏهن اَسانجي هٿن ۾ ڪجهہ آهي ئي ڪانہ، پوءِ هي سڀ ڪرڻ سان ڇا ٿيندو. سڀ سوچين ٿا هي جيڪو پاڻي پيئارين ٿا. اُهو آمان پيئي ٿي، اُهو ڪانہ ٿا ڏسن سچو پاڻي پاسي کان نڪري ٿو اَچي. اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو آمان





کي مونجهہ ٿيندي هجي ۽ ايترو پاڻي وجهڻ سان اَچُپوءَ ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿين! ائين بہ تہ ٿي سگهي ٿو!! آمان اُن ڏينهن وانگر ڪنهن سان وڙهندي هجي!! ۽ هنن سيني جي ائين ڪرڻ ڪري هوءَ همت هارائي ڇڏي. ممي - پپا کي ياد ڪانهي؟ بہ ڏينهن اَڳہ ئي آمان آلاهي ڪنهن سان گهڻو وڙهي پيئي. دريءَ پاسي منهن ڪري چوي پيئي، ”نہ - نہ هلنديس توسان... وڃُ هتان - هڪ هٽ هوا ۾ سٽو پيئي ڪري، وري اُن پاسي شوڪي نهاريندي هٽ هيٺ پيئي ڪري ڇڏي. مان ڪيترو ڊڄي وئي هيس. ميءَ کان پڇيو، ” آمان هي ڇا ٿي ڪري؟“ ميءَ چيو، ” ڪال سان وڙهي ٿي.“ ٿي سگهي ٿو آمان ڪال سان ڪٽي وڃي هان!!!“

ايتري ۾ روئڻ جو آواز ٻڌي رنڪيءَ جو ڌيان ڏاڏيءَ ڏانهن ويو. ايتري دير کان آمان جو وات مان ساهہ کڻڻ جو آواز شانت ٿي چڪو هو ۽ سيني جو روئڻ شروع ٿي ويو. رنڪيءَ جي اکين مان بہ لڙڪ وهي آيا.

آجان آمان کي وئي ٻہ منٽ بہ نہ ٿيا هئا، ايتري ۾ ڪشن جي پڦيءَ جو آواز آيو، ”سون لاهي وٺوس، پوءِ بادي ڪڙڪ ٿي ويندي تہ ڪنگڻيون لهندوَ ڪانہ!“

رهڻ ڏيو دادي، هاڻي ڪنگڻين جو ڪنداسين بہ ڇا؟ ڪشن پڦيءَ کي چئي سڏڪا پرڻ لڳو.

بردبار ٿي من، ائين ئي پاوناٽن ۾ نہ وهبو آهي. اجايو باهہ ۾ سون ڇو سڙي؟ پوجا گيهہ کڻي اَچُ. مان ٿي لاهيانس. گيهہ ايندي ئي داديءَ آمان جا هٿ ميٽي ڪنگڻيون لاهڻ لڳي.

سائنس چوندو آهي مرڻ کان پوءِ بہ انسان جو دماغ ست منٽ ، اکيون ڇهہ ڪلاڪ ۽ ٻيا بادي پارٽ بہ ڪجهہ وقت تائين ڪم ڪندا آهن. پر سائنس کي اها خبر ڪانهي تہ مرڻ کان پوءِ مائٽن کي اِهي سڀ ڳالهيون ياد ڪونہ رهنديون آهن.. ياد رهندو آهي تہ رڳو ’سون‘.

يارهين ڏينهن تي شام جو آمان جي ڪمري مان ڳالهائڻ جو آواز ٻڌي رنڪي آندر ڪمري ۾ وئي. پلنگہ تي اَڇا لفافا پٽاريل هئا. پپا



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

سؤ - سؤ ۽ پنجاهہ جي نوٽن جي ٿهي پاسي ۾ رکي هئي. چاچو پين ڪٽي دادي جيڪو چوي پيئي سو پاڻ ۾ طئہ ڪري لفافي ۾ اوترا پئسا وجهي نالو لکندا پيا وڃن.

رنڪي ماءُ وٽ آئي، ”ممي، هي پپا ۽ چاچو داديءَ سان ويهي ڇاجا لفافا ٺا ٺاهين؟“

پٽ سياڻي اَمان جو ٻارهو آهي نہ، پريوار جي نياڻين کي ۽ سيٽن کي لفافا هلائڻا پوندا آهن.

پر ڪنهن جي گذاري وڃڻ تي لفافا ڇو هلائبا آهن؟

اِئين ريت - رواج آهن. هيئن سمجهہ تہ اهو اَمان جي نالي سان دان ٿا ڪريون.

پر دان تہ غريبن ۽ گهرجائن کي ڏبو آهي نہ؟ رنڪيءَ حيرانيءَ سان پڇيو.

هيءَ سڀ رواج وڏا ٺاهي ويا آهن. اُنهن ٺاهيو آهي تہ ڪجهہ سوچي ٺاهيو هوندو نہ؟ هاڻي تون گهڻا سوال نہ پڇ.

گهر جي نياڻين ۽ سيٽن کي لفافن ڏيڻ جو هي ڪهڙو رواج آهي؟ وڃڻ وارو تہ هلي ويو پوءِ هي دان ڇا جو؟ ۽ اگر دان ڪرڻو ئي آهي تہ اُنهن کي ڪيو جنهن کي ضرورت آهي. هي ڪهڙو دان جو گهر جا پئسا گهر ۾ يا پريوار ۾ ئي رهن؟

پر ممي، جنهن جي حيثيت نہ هجي پوءِ بہ ڇا اُهي سڀ ريت - رواج نباهڻا پوندا آهن؟

ها پٽ، هر ڪنهن کي پنهنجي حيثيت مطابق ڪرڻو ئي پوندو آهي. ڪنهن-ڪنهن کي دنياداري نباهڻ لاءِ قرض بہ کڻڻو پوندو آهي.

توهان کي نٿو لڳي تہ اُنهن سڀني پراڻن ريتين - رواجن کي، جنهن سان تڪليف ٿئي، اُنهن کي بند ڪري ڇڏڻ گهرجي.

ڇري ٿي پئي آهين ڇا؟ اَجان پڙهين ناٺون درجو ٿي، ايتري ۾ توکي ريت - رواجن جي خبر بہ پئجي وئي ۽ بند ڪرڻ جون ڳالهيون بہ ٿي ڪرين. سياڻي اسان کي ڪجهہ ٿي ويندو تہ تون ڪجهہ ڪرڻ



www.sindhsalamat.com



ٿي ڪونہ ڏيندينءَ ڪنهن کي!! پر ممي، ڳالهہ تہ صحيح آهي نہ؟ وڃڻ وارو تہ هلي ويو، پوءِ اُن جي نالي تي هي سڀ آنڊبر ڇو؟ چپ ڪر ماٺهو ڪلائيندينءَ ڇا؟ وڃ پنهنجو ڪم ڪر. پوجا ، رنڪيءَ کي ڪاوڙجي چيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو هوَن کان وٺي شام جو لفافا ورهائڻ تائين گهر ۾ سڀني مائٽن جي اَچ وڃ چالو هئي. رنڪي سڀني سان ملي پيئي ۽ غور بہ ڪندي پئي وڃي. ڪنهن جي منهن تي اَمان جي وڃڻ جو ذرا بہ ڏکہ ڏسڻ ۾ تہ ڪانہ ٿو اَچي. ائين ٿو لڳي جيئن رڳو هڪ - ٻئي سان ملڻ ۽ روٽي کائي لفافا وٺڻ آيا آهن. جن کي اَمان جي وڃڻ جو ڏکہ بہ ڪانهي پپا اُنهن جي لاءِ لفافا ٺاهيا اَٿائون!! ڇا اهو صحيح آهي!!! پر اِنهن سوالن جو جواب ڪانہ هو.

شام جو سڀني مهمانن جي وڃڻ کان پوءِ ممي - پپا، چاچو - چاچي اَمان جي ڪمري ۾ ويا. رنڪي بہ اُنهن سان اُتي ئي وڃي ويٺي.

اَمت پوجا کي اَمان جي ڪٻٽ جي چاٻي ڏيندي چيو، ”اَچہ پوءِ ڪٻٽ بہ کول تہ ڏسون ڇا - ڇا آهي.“

پوجا چاٻي وٺي ڪٻٽ کوليو. سڀني کان پهريان ٽجوڙيءَ مان سون ۽ پئسا ڪڍي ٻنهي مردن جي وچ ۾ رکيا.

اَچ پونم آسان ٻئي اَمان جو ڪٻٽ خالي ڪري وٺون. ڏسون ڪهڙا ڪپڙا ڪم جا آهن ڪهڙا نہ. پوجا ڏيراڻيءَ کي چيو.

ٻنهي ملي اَمان جو ڪٻٽ خالي ڪيو. زمين تي ڪپڙن جو ڍير لڳل هو.

هي ڪپڙا ورڌ (ٻيدا) آشرم ۾ موڪلي ٿا ڏيون. هي سڀڻ ڪرتا ڪير پائيندو؟ پونم چيو.

ها، صحيح ٿي چئين، هن جي هڙ ٻڌي موڪلي ٿا ڇڏيون ۽ هن پاڳونت جو ڇا ڪيون؟

مان تہ ڪونہ پڙهندي آهيان؟ هن کي ٽڪاڻي ٿا موڪلي ڇڏيون.

ممي، اَمان مونکي پاڳونت پڙهي ٻڌائيندي هئي. اَمان جي يادگيري طور تي مان اِهو رکان؟ رنڪيءَ چيو.



books.sindhsalamat.com

پر هيءُ گرمڪيءَ ۾ آهي پٽ، تون پڙهي نہ سگهندينءَ. ڇو گهر ۾ اجايو ايتروگوڙ رکون؟ ڇوندي پوڄا ٻاڳونت کي بہ ٻَنڙيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو.

آمان جي سڄي سامان جي ٻَنڙي ٻڌجي وئي هئي. هوڏانهن پپا ۽ چاچو بہ پئسا ۽ سون ورهائي ڪنيا هيا.

ايتري ۾ رنڪيءَ جي نظر آمان جي عينڪ تي پيئي.

ڇو نہ ! آمان جي يادگيريءَ طور  تي اِها عينڪ مان پاڻ وٽ رکان. آمان اِها عينڪ پائي ڪري ئي تہ مونکي ٻاڳونت پڙهي ٻڌائيندي هئي، سوچيندي رنڪيءَ ماءُ کان پڇڻ لاءِ مُڙي.

آگر ممي منع ڪري ڇڏي تہ پر مون وٽ بہ تہ آمان جي ڪا نشاني رهي. سوچيندي ئي رنڪيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ماءُ کان نظر بچائي عينڪ کڻي ٻاهر هلي وئي.

اسڪول ۾ بستي (ٿيلهي) مان ڪتاب ڪيڍڻ مهل ريڪا جي نظر رنڪيءَ جي بستي ۾ پيئي.

آڙي ! رنڪي توکي چشمو لڳو آهي ڇا؟

نہ تہ !! پر تون ائين ڇو پڇيو؟

تنهنجي بستي ۾ هيءَ عينڪ ڪنهن جي آهي؟

هيءَ عينڪ؟ رنڪيءَ بستي مان عينڪ ڪيڍندي چيو، ”هيءَ عينڪ منهنجي آمان جي آهي. آمان هيءَ عينڪ پائي ڪري ئي مونکي ٻاڳونت پڙهي ٻڌائيندي هئي.

پر هيءَ عينڪ تو وٽ ڪيئن؟ ريڪا حيرانيءَ سان پڇيو.

ڪالهہ واري ڏينهن تي آمان جي سڄي سامان جو  ورهاڱو ٿيو. ڪنهن کي ڪپڙا، ڪنهن کي پئسا ۽ ڪنهن کي سون مليو ۽ هيءَ عينڪ ورهاڱي ۾ منهنجي حصي ۾ آئي.

✧✧✧✧





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آزادي

موڪل جي بيل وڄندي ئي سيني پارن ڪتاب بند ڪري بستي (ٿيلهي) ۾ وڌا. ڪلاس مان ٻاهر نڪرڻ مهل ٽيچر چنٽوءَ کي شوڪي نهاريندي چيو ”سڀاڻي ڊائريءَ ۾ نوٽ تي ممي - پپا ٻنهي جي صحيح (صحي) هجڻ گهرجي، نه ته ڪلاس ۾ ويهڻ نه ملندءِ.“

” جي ٽيچر“ چئي چنٽو ڪلاس کان ٻاهر نڪتو.

سڄو رستو چنٽو سوچيندو رهيو پپا کان (صحي) صحيح ڪيئن وٺان؟ دڙڪا ڏيندا. اڄايو ڪالهه ٽي.وي. ڏسڻ ۾ ڏينهن وڃائي ڇڏيو. جي ٽائيم سان هوم ورڪ ڪري ڇڏيان هان ته اڄ ٽيچر ڊائريءَ ۾ نوٽ نه لکي ڏي هان. پپا ته دڙڪا ڏيندا ئي، ممي الڳ رڙيون ڪندي. چوندي، ”توکي خبر آهي پپا بيمار آهن، پوءِ به تون اِئين حرڪتون ٿو ڪرين!! مان ڇا - ڇا ڏسان؟ پپا کي وٺي اسپتال جا چڪر لڳايان؟ يا تنهنجيون ڪاپيون - ڪتاب ڏسان؟“

پر ممي چوندي ته سچ نه !! پپا اَئن ڏينهن کان بيمار آهن، ڪم تي به نٿا وڃي سگهن. ممي روز پپا کي وٺي ڊاڪٽر وٽ پهچي ٿي. هيترا ڪلاڪ لائين ۾ لڳڻ کان پوءِ نمبر ايندو آهن. اُن کان ڊاڪٽر به روز نيون - نيون ٽيسٽون ڪرائڻ لاءِ چوي ٿو. ڪالهه به ته ممي پپا جي ٽيسٽ ڪرائڻ ويا هئا ۽ مان !!گهر ۾ ڪو به چوڻ وارو نه هجڻ ڪري، سڄو ٽائيم ٽي.وي. ڏسڻ ۾ وڃائي ڇڏيو. جي هوم ورڪ ڪري ڇڏيان هان ته ٽيچر نوٽ نه لکي ڏي هان. سوچيندي سوچيندي چنٽو گهر پهتو. پر گهر ۾ تالو لڳل هو.

هن مهل گهر ۾ تالو؟ ممي - پپا ڪيڏانهن ويا. ڊاڪٽر ڏي ته شام جو ويندا آهن، پوءِ هن مهل ڪاڏي ويا؟ صبح جو ته ممي مونکي ڪا به ڳالهه ڪانه ڪئي. پاسي واري آنٽيءَ کان ٿو پڇان، متان اُنهن کي خبر هجي.

در آنٽيءَ ئي کوليو، ”آنٽي ممي ڪيڏانهن وئي آهي؟ توهان



www.sindhsalamat.com



کي ڪجهه خبر آهي؟ ۽ گهر جي چاٻي توهان وٽ آهي ڇا؟“

ها پٽ، چاٻي مون وٽ آهي. پر تون اندر ته اچ. چوندي آنٽي چنٽو کي اندر وٺي ويئي. ”پٽ، ممي - پپا ڊاڪٽر ڏي ويا آهن. تون گهر ۾اڪيلو ڇو ٿو وهين؟هتي ئي ويهه. مان روٽي کٽي ٿي اچانءِ ، کائي وٺ.“

اڙي باپ ري !! آنٽيءَ جي گهر روٽي کائڻي پوندي اڄ. هڪ ته آنٽي گجراتي آهي. ڀاڄيون به اسان کان الڳ ٺاهيندي آهي. مٿان وري سڀئي ڀاڄيون به مٺيون هونديون آهن.

آنٽي ممي منهنجي لاءِ پڪ روٽي ٺاهي رکي ويئي هوندي. مان گهر وڃي ڏسان ٿو. هونئن به اڃان بک ڪونه لڳي آهي. چنٽوءَ بچڻ لاءِ چيو.

نه پٽ، ممي سويل کان نڪتي آهي، روٽي نه ٺاهي سگهي هوندي. تون هتي ئي کاءُ، هيءَ به پنهنجو ئي گهر آهيئي.

ايتري ۾ در تي کڙڪو ٿيو. جيئن آنٽيءَ در کوليو، ”بڙي پپا “ چوندي چنٽوءَ در ڏانهن ڊُڪ پاتي. اُن کي آنٽيءَ جي روٽيءَ کان بچڻ جو موقعو ملي ويو.

هل پٽ، مان توکي ئي وٺڻ آيو آهيان. چوندي بڙي پپا آنٽيءَ ڏانهن مخاطب ٿيا، ”گهر جي چاٻي توهان وٽ آهي نه؟“

آنٽيءَ ها ۾ جواب ڏيندي چاٻي ڏني.

هل چنٽو، پنهنجا ڪپڙا ۽ ڪتاب کڻ، تون به - ٻه ڏينهن اسان وٽ هلي رهو. صبح جو اُتان ئي اسڪول وڃجانءِ.

مان چنٽوءَ لاءِ روٽي پائڻ پئي وڃان، پنج منٽ ويهو ته کائي وٺي. آنٽيءَ بڙي پپا کي چيو.

نه - نه توهان تڪليف نه ڪيو. گهر ماني تيار هوندي، چنٽو اُتي ئي کائي وٺندو.

ها آنٽي، مان بڙي پپا وٽ ئي کائي وٺندس، هونئن به مونکي حالي بک ناهي.



books.sindhsalamat.com

اڙي واهه! اَڄ بڙي پپا جي گهر رهندس ۽ سپاڻي اُتان ئي اسڪول ويندس. شڪر!! پپا - مميءَ جي دڙڪن ڪان تہ بچي ويس. ڊائريءَ تي بڙي پپا ڪان سائن وٺي ڇڏيندس. ۽ اَگر چياٺون، ”نہ، سپاڻي گهر وڃي پپا ڪان ئي سائن (صحيح) ڪرائجانءِ.“ تہ پوءِ چوندومانس ٽيچر اَڄ ڪلاس ۾ ويهڻ ئي نہ ڏيندي ۽ ٿورو پليز پليز چوندس تہ بڙي پپا سائن (صحيح) ڪري ڇڏيندا. اَگر دڙڪا ڏناٺون تہ چوندومان، ”پپا جي طبعيت خراب هئي اِنڪري پپا سان گڏ ئي وينو هيس. تڏهن هوم ورڪ ڪرڻ وسري ويس. پر ممي - پپا آهن ڪٿي؟ اِهو تہ بڙي پپا ڪان پڇيو ئي نہ؟ هوُ ڇو آيا آهن مونکي وٺڻ؟ ۽ سپاڻي هتان ئي اسڪول ڇو وڃان؟

بڙي پپا، ممي - پپا ڪٿي آهن؟ مان هتان اسڪول ڇو وڃان؟

پپا کي اسپتال ۾ ڀرتي ڪيو اَٿائون ۽ ممي بہ اُتي ئي آهي.

پپا جي طبعيت وڌيڪ خراب ٿي پيئي آهي ڇا؟ چنٽو چنتا ۾ اَچي ويو.

نہ پٽ، پپا ٺيڪ آهن. ڊاڪٽر کي ڪجهہ ٽيسٽيون ڪرڻيون آهن، اِنڪري ٽڪايو اَٿائون. تون چنتا نہ ڪر.

اَڙي واهہ !! مطلب سپاڻي تائين اِسپتال مان اَچي ويندا، ٽيسٽائين مان بڙي پپا ڪان سائن (صحي) وٺي ڇڏيندس. ٽيچر ڪجهہ چوندي تہ ٻڌائيندس پپا اسپتال ۾ آهن. پوءِ تہ هوءَ بہ ڪجهہ نہ چوندي. مطلب اَگر سپاڻي بہ هوم ورڪ نہ ڪري وڃان تہ بہ ڪجهہ نہ چوندي. اَگر چياٺين بہ تہ چوندومانس ، بڙي پپا جي گهران آيو آهيان ۽ هوم ورڪ جي ڪاپي گهر وسري ويس. ڀلي پپا گهر بہ اَچي وڃن پوءِ بہ ٻن - ٽن ڏينهن تائين اِئين ئي چوندو رهندس، پوءِ تہ ٻہ - ٽي ڏينهن هوم ورڪ کان ڇُٽي. اَڄ تہ آرام سان راند ڪري سگهندس ۽ ٽي.وي . ڏسندس. سوچي چنٽو من ئي من ۾ خوش ٿي ويو. ڀلي پپا کي اسپتال ۾ ٻہ ٽي ڏينهن ٽڪائين، پپا بہ جلد ٺيڪ ٿي ويندا ۽ مونکي بہ آزادي ملندي ....



www.sindhsalamat.com



ٻہ ڏينهن ٿي ويا آهن مونکي هت آئي. بڙي ممي پڙهائي ڪرڻ لاءِ چوندي تہ آهي پر مميءَ وانگر دڙڪا ڪونہ ڏيندي آهي. ڪلاس ۾ ٽيچر پپا جي اسپتال ۾ هجڻ جي ڳالهہ ٻڌي ڪجهہ ڪونہ چيو.

ليڪن هوم ورڪ ڪري اَچڻ جي تاڪيد (هدايت) ضرور ڪئي آهي. هت ڪانڻ ۽ ٽي.وي ڏسڻ جي آزادي تہ آهي. پر پپا کي ڇو ٽڪايو اَٿائون؟ ڪٿي طبعيت وڌيڪ خراب تہ نہ اَٿن؟ ممي - پپا جي ياد ايندي ئي چنٽو مايوس ٿي ويو.

بڙي پپا، مان بہ اسپتال هلندس، مونکي ممي - پپا جي ياد ٿي اَچي، شڪل لاهيندي چنٽوءَ چيو. هينئر تہ مان ڪم تي ٿو وڃان، شام جو هلنداسين، چئي بڙي پپا هليا ويا.

شيام اسپتال جي پلنگہ تي ليٽي پيا هئا. پوجا پاسي ۾ ئي ويٺي هئي. سامهون ٽي.وي. هلي پيئي. چنٽوءَ کي ڏسندي ئي ٻنهي جي چهري تي مرڪ اَچي ويئي.

چنٽوءَ پيءُ سان پاڪر پائيندي چيو، ”پپا توهان تہ اَڃان ڪمزور ٿا لڳو.“

پٽ، اسپتال جي ڪپڙن ۾ چڱو ڀلو ماڻهو بہ بيمار لڳندو آهي. چئي شيام کلڻ لڳو.

چنٽو اسپتال جي ڪمري ۾ نظر گهمائڻ لڳو، اڙي واهہ !! پپا تہ آرام سان وينا آهن. مان اَجايو چنتا پيو ڪيان. هو تہ هت آرام ڪن ٿا. سامهون ٽي.وي لڳل اَٿن سڄو ڏينهن ٽي.وي ڏسن. هتي تي سڄو ڏينهن سماچار ڏسندا هوندا. هونئن تہ شام جو ڏسندا هئا رڳو. سڄو ڏينهن تہ ڪم تي هوندا هئا. هتي نہ ڪو ڪم نہ ڪار، سڄو ڏينهن مزو. مميءَ کي بہ پپا سان اسپتال ۾ رهڻ جي بهاني سان گهر جي ڪمن کان ڇُٽي ملي ويئي. سڄو ڏينهن آرام ڪري. روٽي کائي ٽي.وي. ڏسي. پپا کي دوا بہ نرسون ڏيئي ويندي هونديون. لڳي ٿو اِنڪري ئي پپا کي هتي وٺي آئي آهي ممي. پر هڪ پاران سٺو بہ آهي. هنن سان گڏ منهنجيون بہ تہ ڇُٽيون آهن، ممي - پپا جي دڙڪن کان، هوم



books.sindhsalamat.com

ورڪ ڪان، ۽ پيو ته ٽي.وي. ڏسڻ ۽ ڪيڏڻ جي به آزادي. پلي پپا هتي به - ٽي ڏينهن اَچان رهن. چنٽو سوچي خوش ٿيو.

بڙي پپا ڊاڪٽر سان ڳالهائڻ جيئن ڪمري ڪان ٻاهر ويا. پوجا چنٽوءَ کي پاسي ۾ ويهاري پڇڻ لڳي، ”چنٽو تون ٺيڪ ته آهين نه؟ بڙي ممي تنهنجو چڱيءَ طرح خيال رکندي آهي؟ ڪا پريشاني ته ڪانه اَٿيئي؟ پڙهائي چڱيءَ طرح سان ڪرين ٿو نه؟ مستي ڪري بڙي ممي کي پريشان ته نه ڪندو آهين؟ ٽائيم سان روٽي ڪائين ٿو نه؟“

ايترا سوال هڪ مهل ممي؟ چنٽوءَ ڪلندي چيو. مان بلڪل ٺيڪ آهيان ۽ مستي نه ڪندو آهيان. پڙهائي به چڱيءَ طرح ڪندو آهيان. خبر اَٿو ٽيچر کي ٻڌايو پپا اسپتال ۾ آهن ته هوءَ هاڻي مونکي دڙڪا به نه ٿي ڏي، پيار سان سمجهائيندي آهي. هن کي لڳي ٿو ته ڪا وڏي ڳالهه آهي. چوندي چنٽو چپن تي هٿ رکي کلڻ لڳو. شيامر ۽ پوجا هڪ ٻئي ڏانهن نهاري سوچڻ لڳا. ٻار ٿيڻ به ڪيترو سٺو آهي. نه ڪو ٽينشن، نه دنيا جي پرواهه!!

مطلب ته اسڪول ۾ مستي ڪرين ٿو؟ پوجا اکيون ڏيکاريندي چيو.

نه ممي، مان رڳو هڪ ڳالهه ٿو ٻڌايان. چنٽوءَ ڳالهه سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي. اِهو ڇڏيو پپا کي ڪڏهن موڪل ڏيندا.

اَچان ٻه - ٽي ڏينهن لڳندا.

اَچان ٻه - ٽي ڏينهن لڳندا ٻڌي چنٽو خوش ٿي ويو.

بڙي پپا جي گهر آئي ته اَٺن ڏينهن کان مٿي ٿي چڪا هئا. ڇُٽين ۾ گهمڻ لاءِ اَچڻ ۽ هاڻي رهڻ ۾ تمام گهڻو فرق آهي. پهريان ته هو من نه لڳڻ تي ٻن - ٽن ڏينهن ۾ واپس هليو ويندو هو. هاڻي چاهي به واپس نٿو وڃي سگهي. اِها ڳالهه چنٽوءَ کي اکرڻ (نه پچئي وڻي) لڳي. هاڻ هو آزاديءَ مان نڪري واپس اُنهن ئي ٻنڌن ۾ وڃڻ لاءِ تڙڦي پيو.





ايترا ڏينهن ٿي چڪا آهن پپا کي اسپتال ۾ اچان ڊاڪٽر ڇُٽي چو نه ٿو ڏئي؟ چا اُنهن کي منهنجي ياد ڪونه ٿي اَچين؟ ٻئي چٽا اُٿي ويهي آرام سان ٽي.وي. ڏسن ٿا. منهنجي چنتا ڪانه ٿي ٿين. ممي کي ته لڳندو هوندو مان بڙي ميءَ جي گهر خوش آهيان. پر ڦنن کي ڪهڙي خبر، پين جي گهر ماڻهو رڳو ٻه - ٽي ڏينهن ئي خوش رهي سگهندو آهي. آخر پنهنجو گهر ته پنهنجو هوندو آهي نه!! اَڄ اسپتال وڃي پنهي سان جهڳڙو ڪندس ۽ ٿي سگهيو ته ڊاڪٽر سان به ڳالهائيندومانس. چوندس، ”توهان کي سَمجهڻ کپي ٻار ٻي جي گهر ۾ ممي - پپا جي بنا ڪيئن رهندو هوندو؟ چو توهان پپا کي ڇُٽي ڪانه ٿا ڏيو؟ هاڻي جام آرام ٿي ويو، هاڻي بس. هيءَ به ڪا لائيف (زندگي) آهي؟ نه ٽيچر ڪجهه چوي ٿي، نه ڪوئي پڙهائي ڪرڻ لاءِ هتي دڙڪا ٿو ڏئي. بڙي ممي به بس پيار سان چوندي آهي، ”چنٽو پٽ، پڙهائي ڪري وٺ. نه ته پپا اَچي غصو ڪندءُ.“

ڪهڙو به ٻار دڙڪن بنا پڙهندو آهي چا؟ بڙي پپا به ايندا آهن ته رڳو پڇندا آهن، ”اسڪول وئين؟، پڙهائي ڪيئه؟، روٽي ڪاڌءِ؟“ ساڳيو ئي پپا آهن نه !! چوندا هئا، ”ڪاپيون ڪڍي اَچُ ڏسان، ڊائري ڏسان ٽيچر ڪجهه لکي ته نه ڏنو آهي.“ اَڄ پڪ بڙي پپا سان اسپتال ويندس. سوچيندي چنٽوءَ هڪ پاسي ڪنڌ ڪيو.

اسپتال ۾ ماءُ - پيءُ کي ڏسندي ئي چنٽو روئڻهارڪو ٿي ويو. چنٽوءَ جي پٺيان ئي ڪمري ۾ نرس آئي ۽ انجيڪشن ۾ ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ شيامر جو رت ڪڍيو. انجيڪشن لڳندي ئي شيامر اکيون بند ڪيون. هيڏانهن انجيڪشن ڏسندي ئي چنٽو ڊڄي ويو. ماءُ کي ڀاڪر پائي سڏڪو ڀري روئڻ لڳو.

چنٽوءَ کي روئندو ڏسي پوجا به روئڻهارڪي ٿي ويئي. پرچائيندي چيائين، ” چا ٿيو پٽ؟ چو ٿو روئين؟ ڪنهن ڪجهه چيئه چا؟“

چنٽوءَ کي روئندو ڏسي شيامر هن کي کلائڻ لاءِ چيو، ” هي مونکي سئي لڳندي ڏسي روئي ٿو.“



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

شيام جي ڳالھہ ٻڌي پوڄا بہ ڪلڻ لڳي. ”ڪا ڳالھہ ڪانھي پٽ، پپا ٺيڪ آهن هاڻي.“

جي پپا ٺيڪ آهن تہ پوءِ توهان ڇو هتي ويهي رهيا آهيو؟ گھر ڇو نہ ٿا اچو؟ توهانکي منهنجي ياد ڪانہ ٿي اچي. مان ڪيترو نہ اڪيلو ٿي پيو آهيان. توهان ٻئي تہ هتي آرام ٿا ڪريو ٽي.وي. ٿا ڏسو، مان توهان کي ڪيترو ياد ڪندو آهيان خبر اٿو؟ چوندي چنٽو روئڻ لڳو.

پر تون تہ چوين پيو بڙي مميءَ جي گھر توکي مزو ٿو اچي. ٽيچر بہ پپا جي اسپتال واري ڳالھہ ٻڌي دڙڪا ڪانہ ٿي ڏئي. تون خوش آهين. انڪري اسان سوچيو ڪجھہ ڏينهن هتي ئي ٿا رهون.

نہ ... نہ کپي مونکي آزادي ! مونکي دڙڪا کپن، مونکي ٽيچر جي ڇڙٻ کپي، مونکي پنهنجو گھر کپي، پنهنجا ممي - پپا کپن. چوندي چنٽو پيءُ کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳو.

✧✧✧✧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مرڻ کان پوءِ

هتيش ، گوپال ۽ ڪنچن جو هڪ سڪيلڌو سنتان هو. ڪرڪيٽ ۽ ڊرائنگ ۾ هوشيار پر پڙهائيءَ ۾ ٺيڪ ٺاڪ هيو. لڳ ڀڳ پاسنگ نمبر کڻي هر دفعي مشڪل سان پاس ٿيندو هو. هر ڀيري رزلٽ واري ڏينهن تي دڙڪا کائيندو هو.

هتو پٽ، ڪيڏڻ ۾ ڌيان نہ لڳائي، پڙهندين لکندين نہ تہ زندگيءَ ۾ ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهندين. اڻ -پڙهيل ماڻهو هن دنيا سان گڏ ڪونہ هلي سگهندو آهي. سيني کان پٺيان رهجي ويندين. مزدور ٿيندين، ٺڳاريون کڻيون پونديءَ. پٿر ڍوئڻا پونديءَ، گڏهہ آهين، گڏهہ ٿي رهندين، بيوقوف، اڻ-پڙهيل، نالائق اهڙن الائي گهڻن لفظن جو خطاب هن کي پپا ڏيندو هو ، رزلٽ واري ڏينهن تي.

هتو پڙهي ڇو نہ ٿو؟ ڇو پپا کي تنگ ڪندو رهندو آهين؟ ايترو غصو ڪن ٿا توکي سٺو ٿو لڳي؟ هن دفعي دل لڳائي پڙهائي ڪجانءِ. ايترا سٺا نمبر کڻي اچُ پپا توکي جام پيار ڪن. شاباسي ڏين. پوءِ جيڪو تون چوندين وٺي ڏيندسانءِ. مميءَ جو هر ڀيري اِهو ئي ڊائلاگ هوندو هو.

پر ممي - پپا سمجهندا ڇو نہ آهن؟ مان ڪوشش تہ پوري ڪندو آهيان. اٿين بہ ڪانهي تہ سڄو ڏينهن راند ڪيڏان،ٽائيم تي پڙهائي بہ تہ ڪندو آهيان نہ؟ پيپرن مهل صبح سويل اُٿي پڙهندو آهيان. گهر ۾ سڀ ياد هوندو آهي پر پيپر ۾ وڃي وسري ويندو آهيان تہ منهنجي ڪهڙي غلطي؟ آلائي ڇو پيپر هٿ ۾ ايندي ئي مونکي جوابن جي بدران ڳانا ياد اچڻ لڳندا آهن. ڪيتري بہ ڪوشش ڪيان ، پر دماغ مان ڳاني جا لرڪس ويندا ئي ڪانهن. ۽ ساڳيو ئي پيپر ڏيئي ٻاهر نڪرندو آهيان تہ جواب واپس ياد اچي ويندا آهن. هاڻي ان سڀ ۾ ڇا غلط ڪيو.

ڇڙٻون کائيندي، ڏڪيندي هتيش اچي پنجين درجي ۾ پهتو.



www.sindhsalamat.com



اڄ ڇهہ ماهي امتحان جو رزلٽ ملڻو هو.. اڄ وري رزلٽ ايندو، وري پپا جا اُهي ئي ڊائلاگ شروع ٿي ويندا. هي اسڪول وارا بہ نہ چريا آهن. گهڻا امتحان رکندا آهن سال ۾؟ لڳي ٿو هنن کي بہ مون جهڙن ٻارن کي دڙڪا کارائي ۽ دڙڪا ڏيڻ ۾ جام مزو ايندو آهي.اُهو اِنسان ئي چريو هوندو جنهن ايترا امتحان وٺڻ جو رول (قاعدو) ٺاهيو . اِن کان تہ سال ۾ هڪڙو ئي امتحان رکن ها، سڄو سال مستي ڪيو ۽ لاسٽ ۾ رڳو هڪ دفعو دڙڪا کائو. ايترو تہ چئي سگهون ها، ” پپا ٻي سال اڃان وڌيڪ محنت ڪندس.`` پپا بہ چپ ٿي وڃن. هاڻ تہ اٿين چوندا ئي چوندا آهن، ” تو هن کان پهرين بہ اٿين چيو هو، پر وري اُهي ئي مارڪون کڻي آيو آهين.`` ان کان پهرين ٽيسٽ ۾ گهٽ مارڪون کڻي اچڻ جي ڪري پپا مونکي ٿڦ بہ هڻئي هئي. سوچيندي سوچيندي هتيش جو ڪاٻو هٿ ڳل تي هليو ويو ۽ ڳل کي سهلائڻ لڳو. پپا پنهنجي ٻچپن ۾ ڇا ڪيو هئائون!! ڪڏهن پپا جي ٻچپن جو رزلٽ هٿ ۾ اچي وڃي تہ خبر پوي. سهلائڻ لاءِ ڪنيل هٿ کي ئي ٽيڪو ٺاهي ڪاڏيءَ جي هيٺان رکيائين. ايتري ۾ ساحل آواز ڏنو، ڇا ٿو سوچين هتو؟ رزلٽ جو ڀوءِ(ڊپ) ٿو ٿيئي؟

ها يار ! وري اڄ دڙڪا کائڻا پوندا. پر يار، ساحل تون تہ خوش نصيب آهين. توکي تہ رزلٽ واري ڏينهن تي گهر ۾ سڀ پيار ڪندا هوندا. ممي تہ تنهنجي پسند جون شيون ٺاهيندي هوندي ۽ پپا گفٽ بہ وٺي ايندا هوندا؟ تون مستي بہ ڪرين تہ بہ دڙڪا نہ ملندا هوندءِ. آخر تون ايترو هوشيار جو آهين. هر دفعي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو آهين.

جيئن تون سوچين ٿو تيئن ڪجهہ بہ نہ ٿيندو آهي، شڪل لاهيندي ساحل چيو. مونکي رزلٽ واري ڏينهن تي دڙڪا ٻڌڻا ئي پوندا آهن. ها توکان گهٽ پر ٻڌندو تہ مان بہ آهيان.

ڇا ڳالهہ ٿو ڪرين؟ توکي ڪير دڙڪا ڏيندو آهي؟ ۽ ڇو؟

پپا ڏيندا آهن، رزلٽ ڏسي چوندا آهن” good ، پر جيترين



books.sindhsalamat.com

مارڪن جي تو مان اُميد هئي اوتريون نہ آيون آهن! آچان وڌيڪ محنت ڪر.''

تون چوندو ناهين، ڪلاس ۾ first آيو آهيان؟ هتو حيرانيءَ سان پڇيو.

ها چوندو آهيان، پر تہ بہ چوندا آهن first, second سان ڇا ٿيان؟ مونکي پرسنٽيج کپي. تنهنجي ڪلاس ۾ آگر سڀ چاليهہ مارڪون کڻي پاس ٿيندا ۽ تون پنتاليهہ مارڪون کڻي first ايندين تہ مان خوش نہ ٿيندس. پر تون تہ نانئي پرسنٽيج کڻي ايندو آهين.

ها بابا ! هو مثال ڏيندا آهن. چوندا آهن %99 کپي.

ڪجهہ سوچي هتو کلڻ لڳو.

تون کلين ڇو ٿو؟ ساحل حيران ٿيندي پڇيو.

لڳي ٿو سڀ پپا هڪ جهڙا ٿي هوندا آهن. ڪيترا بہ نمبر کڻي آچ، پر پپا پڪ پاشڻ ڏيندا ٿي. جڏهن ايترو ٻڏٽو ٿي آهي تہ ايتري محنت ڪيون ٿي ڇو؟ هتو جو اِهو چوندي ٿي ٻئي ڄڻا کلڻ لڳا.

رزلٽ آچي ويو. هميشه وانگر ساحل پهريون نمبر آيو هو. پر هن دفعي هتو گهٽ پرسنٽ سان پاس نہ بلڪ ٻن سبجيڪٽ ۾ فيل ٿيو هو. هتو جا هٿ پير ٿي ٿڌا ٿي ويا. گهٽ مارڪون کڻڻ سان پپا ايترو غصو ڪندا آهن، فيل ٿيڻ ڏسي تہ منهنجي حالت ٿي خراب ڪري ڇڏيندا. هاڻي ڇا چوندس گهر وڃي؟ ممي تہ ٿورو غصو ڪري ڇڏي ڏيندي، پر پپا!! پپا تہ پڪ ماريندا!! ها چوندو مان تہ پيپر ٿي ڏکيو هو ڪلاس ۾ آڌ ٻار فيل ٿيا آهن ۽ پهريون نمبر آچڻ وارو ساحل بہ تمام گهٽ پرسنٽ سان پاس ٿيو آهي. پر جي پپا نہ مڃائون تہ ؟؟ هڪ ڪم ٿو ڪريان، رپورٽ ڪارڊ تي پپا جي نقلي سائن (صحي) ٿو ڪريان. ٽيچر کي ڇا خبر پوندي ۽ پپا پڇندا تہ چوندو مان هن دفعي رپورٽ ڪارڊ ٿي ڪانہ ڏنو آٿائون، رڳو مارڪون ٻڌايون آٿئون. اُهي بہ پاڻ ٿي ڪاپي تي لکي ڇڏيندس. پر آگر پپا اسڪول آيا تہ !! پوءِ تہ نقلي سائن ڪرڻ ڪري اسڪول ۾ دوستن جي سامهون ٿي ماريندا.



www.sindhsalamat.com



ٽيچر دڙڪا الڳ ڏيندي، جي آگر پرنسيپال وٽ وٺي هلي ۽ هن ريسٽگيٽ (اسڪول مان ڪيڍي ڇڏڻ ) ڪري ڇڏيو تہ !!! نہ - نہ ائين نہ ڪندس.

ڪاش!! هاڻي رستي تي اسڪوٽر يا گاڏي مون سان ائڪسيڊنٽ ڪري ۽ مونکي ڏک لڳن، پوءِ اُنهن ڏکن ۾ پپا رزلٽ وسري ويندا ۽ ڪجهہ ڪانہ چوندا. پر وڌيڪ ڏک نہ لڳن، ٿورا ٿي لڳن. ٿورو مٿي تي، ٿورو ٺونٺ تي ۽ گوڏي تي، بس وڌيڪ نہ. ائين نہ تہ کيڏڻ ٿي نہ وڃي سگهان. پر ڪنهن بہ گاڏيءَ هتو کي نہ اُڏايو. ڏيري - ڏيري گهر جي پاسي ۾ پهتو. هڪ ڪم ٿو ڪريان، حالي گهر وڃان ٿي نہ ٿو. ٿوري دير هتي هُتي گهمان ٿو. پپا ٽينشن ۾ آچي ڳولهيندا ۽ ممي روئندي، ''ڪاڏي ويو منهنجو پٽ؟'' پپا بہ پريشان ٿيندا. منهنجي سڀني دوستن کان پڇندا. پوءِ اسڪول ويندا، پر اسڪول ۾ تہ ڪوئي هوندو ٿي نہ. ٻاهران واچمئن کان پڇندا، پر واچمئن کي ڪهڙي خبر ڪير هتيش؟ هيڏن ٻارن ۾ هو گهڻن ٻارن کي سڃاڻيندو؟ پوءِ پپا منهنجو فوٽو کڻي گهمندا. جڏهن واپس گهر ويندا، رستو تہ اهو ٿي آهي، ساهو ڪري (ڄاڻي واڻي) پوءِ مان سامهون آچي ويندومانس. پوءِ تہ پيار ڪندا. پڇندا ڪاڏي هلي ويو هئين.پوءِ چوندومانس توهان جي ڀوَ (ڊپ) کان گهر نہ پيو اچان، متان ماريو نہ !!! پوءِ پپا سمجهي ويندا ۽ مونکي ڪڏهن نہ ماريندا. سوچي هتيش مشڪڻ لڳو. هتو ، آچ ڇا ٿو سوچين تون؟ سڄو رستو چپ ڪري آيو آهين. ڪجهہ پڇڻ تي جواب بہ ڪانہ ٿو ڏين ۽ هاڻي آڪيلو ٿي مشڪين ٿو. منيش ٺوڪيو تہ هتو کي ڏيان آيو، گهر تہ ٿورو ٿي پري آهي.

منيش ، تون وڃ گهر، مان آچان ٿو.

ڪاڏي ٿو وڃين پر؟

مونکي زور سان پاڻي تي آچي، هُتي وڻ جي پنيان ڪري آچان ٿو. چئي هتو پيٽ پڪڙيو.

چريو آهين ڇا؟ وڻ جي هيٺان سوسو - پاڻي نہ ڪبي آهي. ڀوت پنيان لڳندو آهي، خبر نہ آٿئي؟



books.sindhsalamat.com

اٿين ڪجهه ڪونه ٿيندو آهي. توکي ڇيو نه تون وڃ.

پر گهر ته سامهون ئي آهي. اُتي هلي ڪر نه. هتي ڇو ٿو ڪرين؟

گهر هلڻ تائين صبر نه ڪري سگهندس، ڪپڙا نه خراب ٿي وڃن!!! چوندي هتوءِ پيٽ دٻايو.

هڪ سيڪريٽ ٿو ٻڌايانءِ، اُهو ڪر، ڏن تي ست دفعا ٽُڪ لڳائي، ست دفعا مُڪ هڻ ، پاڻي رڪجي ويندءِ.

يار، تون فالتو جا آئڊيا نه ٻڌاءِ، توکي ڇيو نه وڃ. هتو رڙ ڪئي ته منيش هليو ويو. منيش جي ويندي ئي هتو وڻ جي پٺيان ويهي سوچڻ لڳو.

جي پپا کي مان دير سان مليس ۽ پيار ڪرڻ جي بدران اَڃان وڌيڪ مار ڏنائون ته؟ ۽ ٿي سگهي ٿو ممي به ناراض ٿي وڃي؟ اٿين به ٿي سگهي ٿو پپا اسڪول نه وڃي سڌو پوليس وٽ هليا وڃن. پوءِ ته پپا جي اَلڳ ۾ پوليس جي اَلڳ مار کائڻي پوندي. سوچي هتيش روئڻهارڪو ٿي ويو. اُن سپني کان ته سٺو مان مري وڃان. پوءِ پپا ڪنهن کي ماريندا؟ پوءِ خبر پوندن ڪيترو سٺو هيم مان؟ پوءِ سوچيندا اجايو ماريندو رهندو هيم پٽ کي؟ مرڻ کان پوءِ ڇا - ڇا ٿيندو سڀو فلم وانگر هتو جي اکين اڳيان گهمڻ لڳو.

منهنجو لاش گهر آيو آهي. پپا روئين ٿا، چون ٿا، ”اُٿ پٽ، مان نه ماريندوسانءِ، ڀل گهٽ نمبر کڻي آڇ، ڪجهه ڪونه چوندس.“

ممي روئي - روئي مونکي اُٿارڻ جي ڪوشش ڪندي، ”اُٿ پٽ، تون جيڪو چوندين ٺاهي ڏيندي سانءِ، پر تون اُٿ رڳو.“ ٽيچر ۽ منهنجا دوست به روئندا. دادا ايندا ۽ پپا کي دڙڪا ڏيندا، ” ڇو ماريندو هئين ٻار کي؟ پوءِ ڇا ٿيو گهٽ مارڪون کڻي ايندو هو ته؟ ڊرائنگ ۾ ڪرڪيٽ ۾ ته هوشيار هو. تون به ته ننڍي هوندي گهٽ مارڪون کڻي ايندو هئين، مان توکي ماريو هو ڪڏهن؟؟“

ناني به ايندي، ”هتو پٽ اُٿ، مونسان گڏ منهنجي گهر هلي رهو. اُتي توکي ڪوئي ڪونه ماريندو، پر اُٿ .“





پرنسيپال پپا کي چوندو، ”ڇو ماريندا هيو ٻار کي؟ سڀ ٻار ٿوري پهريون نمبر ايندا آهن. ڪير پهريون ته ڪير ٻيون ايندو نه؟ پوءِ توهان ڇو ٻار جي مٿان پريشر وجهو پيا؟ ڪيترو نه سٺو ڇوڪرو هو، ڪڏهن به اسڪول ۾ مستي ڪانه ڪندو هو. ڪڏهن به ٽيچر هن جي ڪمپلينٽ نه ڏني.“

پاڙي واريون آنٽي به پاڻ ۾ کُسپُس ڪنديون (پاڻ ۾ ڳالهائڻ) ، ”ڪيترو نه سٺو ٻار هو. جيڪو ڪم چئيس سدائين ها ڪندو هيو، وري به اسانجا ٻار نه ڪندا آهن، پر هي ڪڏهن به نه ڪندو هو. هن جو پپا ئي خراب آهي جو گهٽ نمبر کڻي اَچڻ تي ماريندو هيس. پوءِ ڇا ٿيو ٻار هونه، پيار سان سمجهائين هان. ڪيترو نه سهڻو ۽ سٺو لڳندو هو.“ چئي هُنن جي اکين ۾ به پاڻي ڀرجي ايندو.

پوءِ پپا کي خبر پوندي ته مان ڪيترو سٺو ٻار هيم. پوءِ ٿي سگهي ٿو پپا چون، ”اُٿ پٽ مان قسم ٿو کانوان، توکي ڪڏهن به نه ماريندس.“

پوءِ مان هڪدم اکيون کولي وٺندس ۽ پپا کي چوندس، ”پڪ توهان مونکي ڪڏهن نه ماريندو؟“ پپا مونکي ڀاڪر پائيندا ۽ مان ڏُک پائي ممي ءَ کي ڀاڪر پائي چپ ڪرائيندس. سوچيندي هتيش هڪدم اُٿي ٻئي ٻانهون کوليون. پر هي ته سڀ خيال هئا. سوچيندي - سوچيندي ڪنهن مهل انڌيرو ٿي ويو هتيش کي خبر ئي نه پئي. هن آسي - پاسي ۾ نهاريو ته ڪوئي ڪانه هو، سڄي اوندهه ٿي وئي هئي. وڻ ڏسي هن کي منيش واري ڀوت جي ڳالهه ياد اَچي وئي. اَڙي باپ ري !! اَگر هتي سچي ۾ ڀوت هوندو ته ؟ هو مونکي پڪڙي کائي ويندو... پوءِ مان ممي ءَ سان ڪيئن ملندس؟ ”پپا“ چئي هتو کي روئڻ اَچي ويو.

ڀلي پپا مارين، هوُمنهنجي سٺي لاءِ ئي ته ماريندا آهن. پر هيءُ ڀوت ته مونکي کائي ويندو. ”ممي ءَ وٽ وڃڻو آهي.“ چئي هتيش روئڻ لڳو. ڀلي پپا مارين، مان مار کائي وٺندس پر هتي اِنتظار نه ڪندس.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

سوچي هتيش گهر ڏانهن ڊُڪ پاتي.

گهر پهتو تہ ممي ٽينشن ۾ هئي ۽ پپا اڃان آيا ڪونہ هئا. ڌڪندي ڌڪندي هتيش ممي سان وڃي ڀاڪر پائي سڏڪا ڀرڻ لڳو.

ڇا ٿيو پٽ؟ روئين ڇو ٿو؟ ايتري دير ڪٿي لڳائي ڇڏيئہ؟ مان ڪيتري پريشان ٿي وئي هيس. پوءِ منيش ٻڌايو تہ تون وڻ هيٺان پاٽي ڪرڻ وينو آهين؟ پيٽ خراب ٿي پيو اٿيئي ڇا؟

نہ ممي، پپا کي ٻڌايو اٿو ڇا توهان؟ ڳوڙها اُگهندي هتيش پڇيو.

پپا کي نہ ٻڌائجو مان دير سان آيس، پليز ممي.

ٺيڪ آ پٽ، نہ ٻڌائيندس.

مان اڄ کان چڱيءَ طرح پڙهائي ڪري توهان کي سٺا نمبر آڻي ڏيکاريندس. ڇتي هتيش سڌو پڙهائي ڪرڻ ويهي رهيو.

✧✧✧✧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ننڍڙين آکڙين سان

سنجو اِسڪول مان گهر موٽي رهيو هو. اَنو مان لهندي ئي هن کي گهر جي ٻاهران ڀيڙ ڏسڻ ۾ آئي. اَڙي! اَسانجي گهٽيءَ ۾ ايترا ماڻهون ڇو ويٺا آهن؟ اَلائي ڇا ٿيو آهي؟ سوچيندي - سوچيندي سنجو اَڳيان وڌڻ لڳو. جيئن بلڊنگ جي گرائونڊ تي پهتو، هُتان جو ماحول ڏسي ڏڇي ويو.

اَڙي هي ڇا !! هي ححجم چاچو جا وار هتي ويهي ڇو ٿو لاهي؟ ۽ ائين ڪيئن وار لاهي ٿو؟ هڪ پاسي مٿو ئي سڄو ڪوڙي ڇڏيو اَٿيئي!!! چاچو ٻہ ڪنڌ هيٺ ڪري چپچاپ ويٺا آهن. ڪجهہ چون ڪانہ ٿا ححجم کي!! اَڳي دفعي جڏهن مون سان گڏ ڪٽينگ ڪرائڻ هليا هئا، تڏهن تہ ححجم کي اَلاهي گهڻيون تاڪيدون پيا ڏين. هتان هيئن ڪٽينگ ڪر. هُتان هوئن نہ ڪجانءِ... ۽ اَڄ تہ ححجم اَڌ مٿو ئي ڪوڙي ڇڏيو اَٿيئي. پوءِ بہ ڪجهہ ڪانہ ٿا چون؟ سوچي سنجو چاچي ڏانهن وڌيو.

چاچو هي ڇا ٿا ڪريو؟ اَجان ائين چياٿين مس تہ پاسي واري اَنڪل اَچي سنجوءَ کي ڪڇ ۾ ڪنيو. هت نہ بيهہ پٽ. تون هاڻ اسڪول مان آيو آهين. توکي بکہ لڳي هوندي نہ؟ هل اَسانجي گهر هلي روٽي ٿا کائون.

پر اَنڪل! مان توهانجي گهر روٽي ڇو کائوان؟ ممي منهنجو اِنتظار ڪندي هوندي. مان گهر وڃي کائيندس. پٽ ممي اِنتظار نہ ڪندي هوندي. آنٽيءَ تنهنجي مميءَ کي پڇريان ئي ڇيو آهي سنجو اَڄ اَسانجي گهر روٽي کائيندو.

سنجو چپ ٿي ويو. اَنڪل جي ڪڇ مان ئي پنيان مڙي ڏسڻ لڳو. اَڙي ! هي هتي بلو ڪلر جي ڏاڪڻ ڇو پيئي آهي؟ بلڊنگ ۾ ڇا ڪلر جو ڪم ٿا ڪرائين؟ پر ايتري ننڍڙي ڏاڪڻ سان ڪيئن مٿي



www.sindhsalamat.com

54

تائين پهچي سگهندا؟ نہ، ٻيو ڪنهن ڪم لاءِ هوندي. سنجو اَنڪل کان پڇيو ”اَنڪل، هتي هيءَ ڏاڪڻ ڇو رکي اَٿائون؟“

ڪجهہ نہ پٽ، هوڏي نہ نهار، هيڏي ڏس. چوندي اَنڪل سنجو جو منهن اَڳيان پاسي ڦيريو.

سنجو وري پنيان مُڙي نهاريو. ڇڱا ئي اَنڪل هئا. ڪي ويٺا هئا. ڪي ڪرسين تي ويٺا هئا ۽ ڪي زمين تي ويٺا هئا. هنن مان هڪ ٻن کي تہ مان سڃاڻان. پر ٻيا سڀ ڪير آهن؟ هتي ڇو ويٺا آهن؟ ۽ هي گاڏهہ!! هيءُ گاڏهہ هتي ڇو رکيو اَٿائون؟ هتي کهڙيون گايون آهن، جو اَچي کائينديون؟ هيٺ هي ڪپهہ جا بنڊل بہ کيرائي ڇڏيا اَٿائون. اڙي! هيءَ نوڙي ڪنهن پاٽيءَ جي بالٽيءَ ۾ وجهي ڇڏي آهي؟ ڪنهن ٻار جو ئي ڪم هوندو. ها سيني جي سامهون هو ڀڪ دڙڪا کائيندو. سڻو ٿيو مان هاڻي آيس. نہ تہ مونکي بہ دڙڪا پون ها. کيترو نہ گوڙ ۽ گند ڪري ڇڏيو اَٿائون گرائونڊ ۾. واچمئن بہ اَلائي ڪٿي آهي. ڪجهہ چوي ڪانہ ٿو ڪنهن کي بہ. اَسان ٿورو بہ ڪجهہ ڪيون تہ رڙيون ڪندو آهي. پر هاڻي ڪنهن کان پڇان؟ هيءُ سڀ ڇا آهي؟ اَنڪل کان پڇندس تہ وري چوندا، ”هوڏي نہ ڏس، هيڏي نهار.“

ممي سنڀال سنجو کي. بکہ لڳي هوندس ، روٽي کارائيس. چئي اَنڪل ٻاهر هليا ويا.

ويهہ پٽ، مان ماني پائي اَچان ٿي. چئي ممي آنٽي رنڌڻي ڏانهن هلي وئي. روٽي پائي اَچي سنجو کي هٿ سان کارائڻ لڳي.

پر آنٽي ! اَڄ منهنجي روٽي هتي ڇو کئي اَٿوَ؟ گهر ۾ ممي کانهي ڇا؟

نہ پٽ، ممي تہ گهر ۾ ئي آهي. پر توهانجي بلڊنگ ۾ جام ماڻهو ويٺا آهن نہ، توکي گهر وڃڻ ۾ تڪليف ٿئي ها، اِنڪري اَنڪل توکي هتي وٺي آيا.

روٽي کارائيندي - کارائيندي آنٽي چيو. سنجو پٽ، هن گهر



books.sindhsalamat.com

پيٽري هٿ جوڙين ٿا؟ پپا جي نڪ ۾ ڪپهه ڇو وجهي ڇڏي اٿئون. پپا ساهه ڪيئن کڻندا؟ ساهه نه کڻندا ته پپا مري ويندا. مري ويندا... ڪٿي پپا سچي ۾ مري ته نه ويا آهن؟ نه... نه اِئين نٿو ٿي سگهي؟

ايتري ۾ مهراج چاچو جي هٿ ۾ ڳل ڏيندي چيو، ”هيءُ پٽ کان وجهرائيس پيري پوائيس.“

چاچو سنجو کي ڪڇ مان هيٺ لاٿو ۽ هٿ ۾ ڳل ڏنا، ”سنجو هي وجهي پپا کي پيري پئو.“ چوندي چاچو سنجوءَ جي هٿان ڳل وجهائي، ٻئي ٻانهون پڪڙي پيري پوائي اُن کي واپس ڪڇ ۾ کنيو.

چاچو... چاچو... سنجو، چاچو کي ڪاڏي پڪڙي پاڻ ڏانهن منهن ڪيو. چاچو پپا کي ڇا ٿيو آهي؟ پپا اِئين ڇو سمهي پيا آهن؟ چوندي سنجوءَ سڏڪو ڀريو.

چاچو سنجوءَ کي جواب نه ڏيئي سگهيا ۽ ڀاڪر پائي روئڻ لڳا. سنجوءَ جي اکين مان به ڳوڙها وهي آيا.

هڪ انڪل چاچوءَ جي ڪنڌ تي هٿ رکندي چيو، ”سنڀال پاڻ کي توکي ئي گهر کي سنڀالڻو آهي. اِئين روئيندين ته ڪيئن ڪم هلندو؟“

ايتري ۾ مهراج جي سڏ تي چاچو سنجو کي ڪڇ مان لاهي پاسي ۾ بيٺل آنٽيءَ کي ڏنو. جيئن مهراج چيو، ’کڻو‘ تيئن ئي ڇئني پاسن کان بيٺل ماڻهن ڪاٺي کنئي.

ڪاٺي کڻندي ئي سنجوءَ جي ڪنن تي ماءُ جي رڙ پيئي، ’مونکي ڇڏي نه وڃو، مان ڪيئن جيئنديس.‘ چئي زار زار روئڻ لڳي.

ماءُ جي رڙ ٻڌي سنجوءَ جو ڇرڪ نڪري ويو. هُن جي اکه ڀيڙ کي چيريندي سڌو ماءُ تي وڃي پئي.

ممي... ممي چوندي سنجو ماءُ ڏانهن هٿ سڌو ڪري روئڻ لڳو. ته آنٽي سنجوءَ کي پنهنجي گهر وٺي وئي.

سنجو بلڪل بلڪنگ تي ويو. ڪجهه دير کان پوءِ آنٽيءَ سنجوءَ



کي واپس گهر وٺي آئي. گهر پهچي سنجوءَ ماءُ ڏانهن نهاريو. نرڙ تائين اَڇي رئي سان مٿو ڍڪيل، اَڇو وڳو نه مٿي تي بندلي، نه هٿن ۾ چوڙيون. ڪنڌ جهڪائي، اکيون هيٺ ڪري پنهنجي گهر ۾ ئي مهمان وانگر ويٺي هئي. آسي پاسي ۾ ٻه - ٽي مايون به ويٺيون هيون. سنجو ڪجهه سمجهي ڪانه پيو سگهي ، هوُ ڇا ڪري ۽ ڇا نه. هُن ماءُ ڏانهن ڏُڪ ڀاتي ۽ ڀاڪر پائي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

ماڻس به ڪجهه دير ڀڪرياڻين بيٺل لڙڪ وري وهي آيا.

بس ڪر من، ڀڳوان جي مرضي اڳيان ڪنهن جو وس هلندو آهي؟ هاڻي پاڻ سان گڏ توکي هن ٻار کي به سنڀالڻو اٿيئي. تون ئي هيئن روئندين ته ٻار ته هيسائجي ويندو. چئي هڪ آنٽي پرچائڻ لڳي.

سنجوءَ کي پنهنجي ماءُ ئي پنهنجي ڪانه پئي لڳي. گهر ۾ ڪهڙي مُرادلي ڇائنجي وئي آهي. هو سمجهي ڪانه پيو سگهي. هو ڪنهن - ڪنهن مهل چپچاپ ويهي بس ماءُ ڏانهن نهاريندو ئي رهندو هو.

هيءُ ممي کي ڇا ٿي ويو آهي؟ پپا جي وڃڻ کان پوءِ ممي نه ته بندلي ٿي هڻي، نه ئي سنهري ٽي. روز هي اَڇو وڳو پائي ويٺي هوندي آهي. ڪيترا ڏينهن ته ٿي ويا آهن، هاڻي ته مهمان به ڪانه ٿا اَچن. پوءِ ممي هاڻي ڀهريان وانگر ئي رنگين ڪپڙا پائي ٿي، سنهري ڇو نه ٿي ويهي؟ هيءُ اَڇو وڳو پاتل اُداس ممي ته مونکي پنهنجي ممي ئي ڪانه ٿي لڳي. پپا هجن ها ته پڪ مميءَ کي دڙڪا ڏين ها. چون ها اِئين ڇو ويٺي آهين؟ ڇڱي طرح لٽا پائي. اُن ڏينهن آنٽي چوي پيئي ته هاڻي مونکي ئي مميءَ جو ڌيان رکڻو آهي. ته پوءِ مونکي ئي هاڻي مميءَ سان اِن باري ۾ ڳالهائڻو پوندو. سوچيندي سنجو ماءُ جي پرسان وڃي ويٺو.

ممي هاڻي ته سڀ مهمان هليا ويا آهن. پوءِ به توهان اِئين ڇو ويٺا آهيو. بنا بندليءَ توهانجو چهرو مونکي پراڻو ٿو لڳي. هنن اَچن





www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪپڙن ۾ توهان مونکي منهنجي ممي ڪانہ ٿا لڳو. وچو نہ ممي، پنهنجا اُهي ٺي ڪپڙا پائي آچو. هن ڪپڙن کي ڦٽي ڪيو. سنجوءَ جي ڳالهہ پڌي رينو جي اکين مان لڙڪ وهي آيا.

”نہ پٽ، هاڻي سڄي عمر مان اِئين ٺي رهندس.“ رينو اُداس لهجي ۾ چيو.

پر ڇو ممي؟

پٽ تنهنجي پپا سان گڏ اِهي سڀ شيون هليون ويون.

اِئين ڇو ممي؟ پپا ڪانهن تہ ڇا توهان بندلي، ڪاجلءُ چوڙيون پائي ڪونہ سگهندؤ؟ ڇا پپا پاڻ سان گڏ توهان جون اِهي سڀ شيون کڻي ويا آهن؟ سنجوءَ معصوميت سان پڇيو.

ها پٽ، هاڻي هيءُ سڀ ڪونہ پائي سگهنديس. تنهنجا پپا هيءُ سڀ پاڻ سان گڏ کڻي ويا.

پر ائين ڇو ممي؟

پٽ عورت جي جيون ۾ گهوٽ سمند جي لهرن وانگر هوندو آهي. جيئن سمند جي لهر ايندي آهي تہ پاڻ سان گڏ گهڻيون ٺي شيون کڻي ايندي آهي. ۽ جڏهن واپس ويندي آهي تہ پيرن جي هيٺان جي مٽي بہ کڻي ويندي آهي. چئي رينو شونيہ ڏانهن نهارڻ لڳي.

✧✧✧✧

دادي، پوءِ مان بہ هڪڙي ڏينهن تارو ٿهي ويندس؟

چپ ڪري ويھہ!! دادي منيءَ تي ڪاوڙجي، ڪيترا نہ سوال ٿي پڇين، وڃ مان هاڻي توکي آڪاڻي نہ ٻڌائيندس.

آڇا دادي مان سوال نہ ٿي پڇان، هاڻي ٻڌايو.

نہ، هاڻي دير ٿي ويئي آهي. هاڻي تون وڃي پڙهائي ڪر، رات جو ٻڌائيندسانءِ.

مني، ڏاڏيءَ سان تمام گهڻو هريل هئي. صبح هجي يا رات، جيستائين دادي آڪاڻي نہ ٻڌائي مني روٽي ڪانہ ڪائيندي هئي. آڪاڻي ٻڌندي ٻڌندي ڏاڏي جي ڳچيءَ ۾ ٻڏاپي جي ڪارڻ لٽڪيل چمڙيءَ کي سهلائيندي رهندي هئي. گهڻا دفعا ڏاڏي هن کي منع ڪندي هئي، پر ”دادي، مونکي توهان جي هيءَ سافٽ - سافٽ سِڪن وڻندي آهي.“ چئي وري اُن کي لوڏائيندي هئي. ڏاڏيءَ جو بہ پوٽيءَ ۾ ساهہ هيو. جيستائين مني آچي اسڪول مان ناشتو نہ ڪائي تيستائين هوءَ بہ ويٺي هوندي هئي.

هڪڙي ڏينهن روز وانگر ، اسڪول مان ايندي ئي مني سڌو ڏاڏيءَ جي ڪمري ۾ ويئي، پر آڄ دادي ڪمري ۾ ڪانہ هئي. منيءَ ماءُ ڪان پڇيو ”ممي، دادي ڪاڏي ويئي؟“

پٽ، داديءَ جي طبعيت ٿوري خراب ٿي ويئي. پپا داديءَ کي وٺي ڊاڪٽر وٽ ويا آهن. تون هل ڪپڙا مٽي ناشتو ڪاءُ تيستائين ....

نہ، مان داديءَ سان گڏ ئي ناشتو ڪائيندس. دادي مونکي آڪاڻي ٻڌائيندي، پوءِ ڪائيندس.

مني پٽ ضد نہ ڪر، داديءَ کي آچڻ ۾ ٽائيم لڳندو ۽ داديءَ جي طبعيت خراب آهي نہ، تون اجان آڪاڻي ٻڌي هنن کي پريشان ڪندين؟

آچا ٺيڪ آ ، مان آڪاڻي نہ ٻڌندس. پر ناشتو مان داديءَ سان گڏ ئي ڪائيندس.

پٽ چيو نہ داديءَ کي آچڻ ۾ دير ٿيندي. ۽ تيستائين تون ناشتو نہ ڪائيندين تہ دادي آچي مونکي دڙڪا ڏيندي نہ؟ تون چاهين



www.sindhsalamat.com



ٿي ممي، داديءَ جا دڙڪا ڪائي؟

مني سوچ ۾ پئجي ويئي، شڪل لاهيندي چيائين، ”اِچا مان ناشتو ڪانوان ٿي.“

رات ٿي ويئي ، پر دادي ڪانہ آئي. مني روئٽهارڪي ٿي ويئي. ايتري ۾ سامهون پپا کي ايندي ڏسي هن در ڏانهن ڊُڪ پاتي، ’دادي آچي وئي؟‘

پر پپا آڪيلا ئي آندر آيا. مني پپا جو هٿ پڪڙيو ”پپا دادي ڪٿي آهي؟، ٻڌايو نہ دادي ڪٿي آهي؟“

پپا منيءَ کي ڪڇ ۾ کڻي ڳلن تي مٺي ڏيندي چيو ”پٽ، داديءَ جي طبعيت ٺيڪ ناهي. هوءَ اسپتال ۾ آهي.“

”اسپتال ۾؟“ منيءَ حيرت منجهان پڇيو ”اسپتال مان دادي ڪڏهن واپس ايندي؟“

آچي ويندي هڪ - ٻن ڏينهن ۾ پٽ.

پوءِ تيستائين مان روٽي ڪيئن ڪائيندس؟ مونکي آڪاڻي ڪير ٻڌائيندو؟

پٽ داديءَ چيو آٿيئي، منيءَ کي چئو روٽي ڪائي وٺي. مان واپس آچي منيءَ کي نيون - نيون آڪاڻيون ٻڌائيندس.

سچي پپا !! مني خوش ٿي ويئي.

ها، پر هاڻي وڃ، پڙهائي ڪر وڃي. پپا منيءَ کي ڪڇ مان لاهيندي چيو.

ڪيئن طبعيت آهي هاڻي ممي‌ءَ جي؟ ريکا گهوٽ کي پاڻي ڏيندي پڇيو.

ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. ڊاڪٽر چون ٿا آڏرنگہ جو آٿر دماغ تي بہ ٿيو آهي. ممي شايد يادگيري وسري ويئي آهي. هوش ۾ تہ آچي ويئي ، پر ڪنهن کي سڃاڻي ڪانہ ٿي.

چئن - پنجن ڏينهن تائين داديءَ کي نہ ڏسي مني مايوس ٿي ويئي هئي، آخر هن ڪان رهيو نہ ويو تہ ماءُ سان ضد ڪرڻ لڳي.

ممي، توهان چئو ٿا دادي اسپتال ۾ آهي، مان بہ اسپتال هلندس،



books.sindhsalamat.com

مونکي داديءَ سان ملڻو آهي، مونکي بہ اسپتال وٺي هلو.

ها - ها شام جو پپا ايندا، پوءِ توکي دادي وٽ وٺي هلندا.

داديءَ وٽ وڃڻ جي ڳالھ ٻڌي منيءَ جي ساھ ۾ ساھ آيو. شام جو جيئن پپا آيا مني پيءُ سان چنبڙي پيئي، ”پپا مان بہ داديءَ وٽ هلندس، مونکي داديءَ سان ملڻو آهي.“

پٽ، ٻارن جو اسپتال ۾ اچڻ منع آهي. پپا منيءَ کي سمجھايو.

ڇو منع آهي؟ مونکي جڏهن بخار ٿيو هو، توهان مونکي اسپتال وٺي نہ هليا هئا؟ پوءِ هاڻي ڇو منع آهي؟

منيءَ جي سوال جو پپا جواب نہ ڏيئي سگھيا.

پٽ، سڀاڻي داديءَ کي ڇُٽي (موڪل) ملي ويندي، تون داديءَ سان گھر ۾ ملجانءِ.

سڀاڻي دادي گھر اچي ويندي، پوءِ تہ مزو اچي ويندو. داديءَ جي گھر اچڻ جي ڳالھ ٻڌي مني تمام گھڻي خوش ٿي ويئي.

ريڪا گھوٽ کان پڇيو، ”ڇا ٿا چون ڊاڪٽر؟“

ڊاڪٽر گھر وٺي وڃڻ لاءِ چيو آهي. چون ٿا جيترا ڏينهن هلي، هاڻي گھر ۾ ئي ديکڀال ڪيو. پر اُميد گھٽ ئي ٿا ڏيکارين. عمر جي ڪري باڊي ريڪور (body recover) نہ ٿي ڪري.

ٻئي ڏينهن شام جو جيئن مني اسڪول مان گھر آئي، ڏٺائين دادي گھر اچي ويئي آهي. هوءَ ڊڪندي داديءَ جي ڪمري ۾ ويئي، پر هيءُ ڇا!! دادي تہ پلنگ تي چپ چاپ ليٽي پيئي آهي ۽ ممي چمچ سان داديءَ کي سوپ ٿي پيئاري. هيءُ سڀ ڏسي مني واٺڙي ٿي ويئي.

ممي داديءَ کي ڇا ٿيو؟ دادي اُٿي ڇو نہ ٿي؟ مون سان ڳالهائي ڇو نہ ٿي؟

پٽ، داديءَ جي طبعيت خراب آهي، تون داديءَ کي تنگ نہ ڪر. وڃ ڪپڙا مٽي اَچ. مان ناشتو ڏيانءِ ٿي.

داديءَ کي ائين ڏسي مني ڊڄي ويئي. بنا ڪو سوال ڪئي ڪپڙا مٽڻ هلي ويئي.





داديءَ جي بيماريءَ جي خبر پئي ملڻ، اچڻ - وڃڻ وارن جي لائين لڳي وئي. مني چپ چاپ داديءَ جي پاسي ۾ وڃي ويهي رهي ۽ اچڻ وارن جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌڻ لڳي.

بوٽا آئي تہ دادي سمهي پيئي هئي، داديءَ کي ننڊ هئي، پر بوٽا اِهو ڪانہ ڏٺو ۽ اچڻ سان داديءَ جو هٿ پڪڙي چياڻين، ”ممي او ممي.“

بوٽا، دادي سمهي پيئي آهي، اُن کي ننڊ آهي، نہ اُٿاريو، منيءَ ڌيري سان چيو.

پر ميءَ اکہ ڏيکاري ۽ چپن تي آڱر رکي چپ رهڻ جو اِشارو ڪيو.

هيءَ ڇا ڳالھ آهي؟ داديءَ کي ننڊ مان بوٽا ٿي اُٿاري ۽ ممي مونکي چپ رهڻ لاءِ ٿي چئي.

ايتري ۾ وري بوٽا چيو ”ممي او ممي سڃاڻين ٿي؟ هري اوم چئو.“

منيءَ کي ڪل اچي ويئي، هن ٻئي هٿ چپن تي رکيا. ”مان ايتري ننڍي ٿي بوٽا کي سڃاڻان ٿي، تہ ڇا دادي نہ سڃاڻيندي، بوٽا بہ ڪھڙيون ڳالهيون ٿي ڪري.“

داديءَ اکيون کوليون، بوٽا کي ڏٺو، وري اکيون بند ڪري ڇڏيون.

منع ڪيو مانِ، داديءَ کي نہ اُٿاريو، پر بوٽا ٻڌي تڏهن نہ. هاڻي دادي بہ ناراض ٿي وين. مون کي بہ جڏهن ممي سويل اُٿاريندي آهي ۽ ننڊ پوري نہ ٿيندي آهي، تہ مونکي بہ غصو لڳندو آهي. پوءِ داديءَ کي ڪيئن نہ لڳندو؟ پر هيءَ بوٽا آهي جو ٻڌي ئي ٿي نٿي. بس هڪ ئي رٽ لڳائي ويٺي آهي هري اوم چئو.. هري اوم چئو.. هون !!!

ٿوري دير ۾ ماما ۽ مامي آيا، ماما کي ڏسي مني خوش ٿي ويئي، ڊڪندي ماما سان ڀاڪر پاتائين. پر هي ڇا؟ اڄ ماما بہ منيءَ سان ڪجھ نہ ڳالهايو. ماما ۽ مامي ٻئي داديءَ جي پاسي وڃي ويٺا. ماما جي هٿ ۾ پني آهي. پڪ منهنجي لاءِ شيءِ وٺي آيا هوندا. چاڪليٽ هوندا پڪ، منيءَ من ۾ سوچڻ لڳي. ماما هميشھ منهنجي لاءِ چاڪليٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا مناڻي وٽي ايندا آهن.

ماما ماميءَ جي هٿ ۾ پني ڏني. مامي بہ بوٽا وانگر ٽي ڳالهائڻ لڳي.

ماسي او ماسي، سڃاڻو ٿا؟ پيري ٿي پوانو... هري اوم ڇٺو. پر داديءَ اُن کي بہ ڪجھ جواب نہ ڏنو.

مامي پيري پوندي تہ داديءَ کي خبر پئجي ويندي نہ؟ پوءِ پڏائڻ جي ڇا ضرورت آهي؟

ماميءَ پني کولي، اُن ۾ جليبيون هيون. جليبيون ڏسي منيءَ جي منهن ۾ پاڻي آچي ويو. ”آڙي واهہ!! مامي جليبيون وٺي آئي آهي!“

پر ماميءَ اُهي جليبيون مميءَ کي نہ ڏيئي، داديءَ جو هٿ اُن جليبين جي مٿان رکيو.

آڙي ! مامي هي ڇا ڪري ٿي؟ داديءَ جو هٿ جليبين جي مٿان ڇو ٿي رکي؟ مميءَ کي ڏي ها، ممي پاڻ ٿي پليٽ ۾ وجھي کارائي ها نہ!

ماميءَ کي خبر ڪانهي ڇا دادي بيمار آهي؟ پاڻ روٽي نہ ٿي کائي سگهي. منيءَ کي ماميءَ جي مٿان غصو آچڻ لڳو.

ڏنئہ ماميءَ، داديءَ نہ کنيائين نہ جليبي. هاڻي ساڳوئي مميءَ کي هٿ ۾ پني ٿي ڏي.

پهريان ٿي ڏي ها نہ! هون. هہ

ديدي هي ٻاهر نياڻين کي ورهائي ڇڏجو، ماميءَ چيو.

نياڻين کي ڇو ورهايون؟ مطلب هي جليبيون آسان جي لاءِ نہ وٽي آيا آهن. پوءِ داديءَ جو هٿ ڇو لڳارايائون؟

ايتري ۾ ماما جيب (کيسي) مان پئسا ڪڍيا؟

هون..هہ هاڻي وري ممي ۽ ماما جي نقلي لڙائي شورع ٿي ويندي . سوچي مني مشڪڻ لڳي.

ماما، مميءَ کي پئسا ڏيندا ۽ ممي نہ - نہ ڪندي. چوندي هن جي ڇا ضرورت آهي؟ ماما چوندا وڏيڪ ڪانہ آٿيئي، رکہ ڇُپ ڪري.





نہ - نہ ڪندي ممي وٽي رکندي.

پر ماما اُهي پئسا ممي کي نہ ڏئي داديءَ جي هٿ ۾ ڏنا.

ماما کي بہ عقل ڪانہ آٿس. دادي ڇا پار آهي؟ يا ماما کان ننڍي آهي؟ جو ماما کان خرچي وٺندي. هاڻي تہ پڪ دادي ماما تي ناراض ٿيندي.

پر ماما بہ اُنهن پئسن تي هٿ لڳارائي مميءَ کي ڏنا ۽ مميءَ بہ ڪجھ ڪانہ چيائين. چپ چاپ ماما کان پئسا وٺي رکيائين.

دادي بيمار آهي نہ. انڪري ممي چپ چاپ پئسا وٺي ٿي ماما کان. دادي ٺيڪ هجي ها تہ دڙڪا ڏي هان ممي کي. جيئن ممي مونکي ڏيندي آهي، ڪنهن کان بہ خرچي وٺڻ تي.

اَڄ سيني کي ڇا ٿيو آهي؟ مني سمجھي ڪانہ پئي سگهي. جيڪو آچي دادي کي چوي سڃاڻي ٿي؟ هري اوم ڇٺو... پر دادي ڪجھ جواب ڪانہ پئي ڏي. ڏسي چپ چاپ اکيون بند پيءَ ڪريڇڏي.

پر مميءَ کي ڇا ٿيو آهي؟ دادي بيمار آهي نہ. تہ هن کي آرام ڪرڻ ڇو نہ ٿي ڏي؟

اَچڻ وڃڻ وارن کي منع ڪري نہ!! هر - هر داديءَ جي ننڊ ڦٽائين ٿا. دادي آرام نہ ڪندي تہ جلدي ٺيڪ ڪيئن ٿيندي؟

پئي ڇاڻي پهرئين ڏينهن کان وڏيڪ اڄ وچ حالو هئي. پر اَڄُ دادي گهڻي ٿڪيل هئي. اِنڪري اَکہ کولي ٿي نہ پيئي. اَڄُ آچڻ وڃڻ وارا بہ داديءَ کي رڳو هري اوم ڇٺو چوڻ لڳا. ڪو بہ داديءَ کي نہ پيو چئي، مونکي سڃاڻئہ؟ مميءَ داديءَ جي پاسي ۾ ويهي پاٺ ڪرڻ لڳي ۽ ٿوري ٿوري دير ۾ پاسي ۾ رکيل ڪٽوريءَ مان چمچي سان پاڻي ڪٽي داديءَ جي منهن ۾ وجھي پيئي. ڪجھ پاڻي دادي پيئي پئي ۽ ڪجھ پاڻي ٻاهر نڪري پيو اچي. اُن پاڻيءَ کي ممي نئپڪن سان اُگهي پئي ڇڏي.

هڪ پيڙي آمان آئي. داديءَ کي ڏسي چپ هيٺ ڪندي.. نہ ۾ ڪنڌ لوڏڻ لڳي. پپا کي چيائين، ” موڪلائي ڇڏيوس، الائي ڪنهن ۾ موھ اٽڪيو آٿس؟ تون چئيس ڪن ۾ موڪل تو ڏيانو.“



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

پر دادي تہ پپا جي ممي آهي، پوءِ پپا دادي کي ڪيئن موڪل ڏيندا؟ مونکي پاهر ڪيڏهن وڃڻو هوندو آهي، يا اسڪول سان پڪنڪ تي وڃڻو هوندو آهي، تہ مان ممي، پپا کان موڪل وٺندي آهيان. وڏا ٿوري ئي وٺندا آهن موڪل.

پر پپا بہ ها چئي، داديءَ جي پاسي ۾ وڃي، داديءَ جي ڪن تي جهڪي چيائون، ”ممي، منهنجي موڪل آڻيئي، وڃُ پلي.“

وري مميءَ بہ ائين ئي ڪيو.

هن پڊيءَ امان بوٽا کي چيو، ”تون بہ چئيس موڪل آڻيئي ۽ معاف ڪيومانءِ.“

معاف ڪيو مانءِ؟ بوٽا چو داديءَ کي معاف ڪندي؟ داديءَ ڪهڙي غلطي ڪئي آهي؟ ۽ معافي تہ ننڍا وٺندا آهن. پوءِ امان بوٽا کي ائين چو ٿي چئي؟ ايتري پڊي ٿي ويئي آهي، پر لڳي ٿو عقل ڪانہ اٿس. هڪ تہ سڀ ملي داديءَ کي پريشان ٿا ڪن ۽ وري معافي گهرڻ ڪانہ ٿا، چون ٿا معاف ڪيومانءِ!!.. هون...

مميءَ جو منيءَ ۾ ڏاڍو ساهہ هوندو هو.. ڪاٿي منيءَ ۾ تہ ساهہ نہ اٽڪيو اٿن؟ پپا پڊيءَ امان کان پڇياٿون.

ها پٽ ها... ٿي سگهي ٿو پوٽيءَ ۾ ساهہ اٽڪيو هجيس. اُن کان بہ موڪل ڏياريوس.

پر مني پار آهي، ٻجي نہ وڃي، مميءَ چيو.

نہ ائين ڪجھ ڪونہ ٿيندو. مان چواراياٿس ٿو . پپا چئي منيءَ کي ڪڇ ۾ کڻي چيو، ”پٽ هن ڪنوريءَ مان چمچي سان جل ڪڻي داديءَ جي منهن ۾ وجھ ۽ ڪن ۾ چئيس دادي منهنجي موڪل آڻو.“

نہ ...... نہ دادي نہ چورايس رشتن جي موهہ ۾ نہ اٽڪائيس، پٽ چئيس رام جي پياري منهنجي موڪل آڻيئي. پڊيءَ امان وچ ۾ ٽپالهايو.

رام جي پياري؟ هيءَ پڊي امان لڳي ٿو واقعي چري آهي. ڪجھ بہ ٿي چوي.





منيءَ پيءُ کي چيو. ’پر پپا، داديءَ کي پاڻي شايد نٿو وڻي. ڏسو نہ هو پاهر ٿي ڪيڏي چڙي.‘

مني، پٽ توکي جيئن چيو سو ڪر. پپا اکہ ڏيکاري تہ منيءَ چپ چاپ اُهو ئي ڪيو جيڪو چيو ويو.

ممي جيئن رنڊڻي ۾ وئي، مني بہ ماءُ جي پنيان وئي.

”ممي توهان مونکي داديءَ کي ائين چو چواريو؟“

مني حالي مٺو نہ ڪاڻ، پوءِ پڌائيندسيانءِ

نہ مونکي هاڻي پڌايو. نہ تہ مان ڪجھ نہ ڪائيندس.

پٽ ، دادي جام بيمار آهي. آسان سڀ داديءَ کي موڪل ٿا ڏيون. مٺي دادي ڀڳوان وٽ وڃي، ٺيڪ ٿي واپس اچي.

مميءَ جي واتان اهي اکر ٻڌي مني حيرت (سڪتي) ۾ اچي وئي. داديءَ پڌايو هو، جيڪو مٺي ڀڳوان وٽ ويندو آهي اُهو تارو ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن واپس ڪانہ ايندو آهي. مطلب دادي بہ مرڻ واري آهي ۽ هي سڀ زوريءَ هن کي چون ٿا وڃ- وڃُ.. آسانجي موڪل آڻيئي. مطلب، دادي مٺي وڃي تارو ٿي ويندي ۽ ڪڏهن واپس نہ ايندي؟ سوچي مني روئڻهارڪي ٿي ويئي.

ايتري ۾ داديءَ جي ڪمري مان بوٽا جي روئڻ جو آواز آيو. مميءَ ڪمري ڏانهن ڊُڪ پاتي. مني بہ ماءُ جي پنيان ڪمري ۾ وئي.

بوٽا ۽ پپا روئڻ پيا. هنن کي ڏسي ممي بہ روئڻ لڳي. هڪ پاڙيواريءَ منيءَ کي ڪڇ ۾ کڻي پنهنجي گهر وٺي وئي.

مني روئڻهارڪي ٿي سوچڻ لڳي. جڏهن پپا، بوٽا، ممي سڀني پاڻ داديءَ کي چيو وڃُ آسانجي موڪل آڻيئي. پوءِ هاڻي سڀ روئن چو ٿا؟؟ !!!!

✧✧✧✧



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# نياڻي

انجو پٽ انجو.. اُٿ جلدي... اڃان گهڻي دير سمهندين؟ الڪا ڏيءَ کي اُٿارڻ لڳي.

اون.. هون.. ممي، اڄ ڇُٽي (موڪل) آهي، سمهڻ ڏيو ٿوري دير.

ڇُٽي آهي ته ڇا ٿي پيو پٽ!! اڄ اشٽمي به ته آهي نه... اڄ ته پاڻ وڏيڪ ڪم آهي.... اُٿ پٽ .

اشٽمي ٻڌندي ئي انجوءَ جون اکيون کلي ويون.

اڙي ها ! اڄ ته اشٽمي آهي، مان وسري ڪيئن ويس؟ اڄ ته سيٺيءَ نياڻيون ڪارائيندا آهن پوءِ پيري پئي خرچي ۽ گفٽ ڏيندا آهن. گفٽ ۾ ڪي سينگار جو سامان، ڪي اسڪول جو سامان ۽ گهڻا ئي چٽا اسٽيل جا باسڻ به ڏيندا آهن. اڄ ته آسان سيني ساهيڙين ملي ڪري سوچيو آهي، جتي وڏا پئسي وارا ماڻهو رهندا آهن، اُن پاڙي ۾ چڪر لڳائينداسين. آسانجي پاڙي ۾ ته گهٽ خرچي ڏيندا آهن. ھُتي هو وڏي گهرن وارا ته وڏيڪ خرچي ڏيندا. هن دفعي جيڪا خرچي ملندي اُها مان سڄي پنداري ۾ وجهي ڇڏيندس. اڳي دفعي ئي جڏهن مميءَ کي پئسن جي گهرج هئي ته ھُنن منهنجي پنداري مان پئسا ڪنيا هئا، ڇياٿين پوءِ ڏينديسانءَ. پر اڄ ڏينهن تائين ڏنا ڪانه اٿائين سوچيندي - سوچيندي انجو واش ٽيڙي ڪئي.

آڙي! اڃان ليٽي پيئي آهين؟ ڇا سوچي واش ٽيڙي ٿي ڪرين؟ اُٿ پٽ، ٿورو جلدي ڪر.

”ها ممي،“ چوندين انجو اُٿي ويئي.

نه، پئسا پنداري ۾ جمع نه ڪندس. هڪ ڪم ڪندس، جيڪا خرچي ملندي مميءَ کي نه ٻڌائيندس. نه ته ممي چوندي جمع ڪر. مميءَ جي ڏسڻ کان پهريان ئي وڃي ڪري دڪان تان وڏو ڊيئري ملڪ چاڪليٽ وٺي ايندس. ڪيترا دفعا ڏٺو آهي دوڪاندار جي شوڪيس ۾ ڪيترا ئي ننڍي کان وٺي وڏا ڊيئري ملڪ چاڪليٽ پيا هوندا آهن. پر ڪڏهن مونکي ايتري خرچي ئي ڪانه ملي آهي جو هو وڏو چاڪليٽ



www.sindhsalamat.com



وٺي کائي سگهان. سوچيندي - سوچيندي انجو اُداس ٿي ويئي، پر ايتري ۾ ٻئي اکيون وڏيون ڪري مشڪڻ لڳي. پر هن دفعي مان اِهو وڏو ڊيئري ملڪ چاڪليٽ وٺي کائيندس ۽ اگر اڃان پئسا بچيا ته جيمس گولين جو وڏو پئڪيٽ به وٺندس. ننڍو پئڪيٽ ته وري به ٻه - ٽي دفعا ورتو آهي. پر اُن ۾ بلئڪ ڪلر جي جيمس هوندي ئي ڪانهي. دڪاندار چوي پيو ته اُها رڳو وڏي پئڪيٽ ۾ ايندي آهي. بلئڪ ڪلر جي گوليءَ ۾ ته سڄو ئي چاڪليٽ پريل هوندو . انجو جي منهن ۾ سوچڻ سان ئي مناس گُهلجي (اڇي) ويئي. ها هڪ ڊيئري ملڪ ۽ هڪ وڏو جيمس جو پئڪيٽ. پر ان لاءِ ته مونکي جلدي تيار ٿي نڪرڻو پوندو، ڪاٿي ٻيون ڇوڪريون پهچي ويون ته اها خرچي به رهجي ويندي. انجو جهٽڪي سان پلنگ تان هيٺ لهي باٿروم ڏانهن هلي ويئي.

انجو جيئن تيار ٿي وڃڻ لڳي، الڪا روڪيو، انجو هڪ ڳالهه ٻڌ پٽ.

جي ممي، جلدي چئو مونکي دير ٿي ٿئي.

پٽ تون منهنجي ٿوري مدد ڪر نه اڄ.

نه..... نه ممي، مونکي نياڻي ڪائڻ وڃڻو آهي. دير ٿي ويندي ته منهنجيون ساهيڙيون هلي وينديون. پوءِ مونکي اُنهن کان گهٽ خرچي ملندي. شڪل لاهيندي انجو وراڻيو.

هاڻي ته وڃ نه تون پٽ، پر ٿوري دير ۾ واپس اچي وڃ. اڄ مونسان ڪم تي هل.

نه ممي، اڄ مونکي نه وٺي هل ڪم تي، اڄ ته مان گهمندس، انجو روئڻهارڪي ٿيندي چيو.

پٽ اڄ سيٺياڻي به نياڻيون ڪارائيندي. اُن جي گهر به ڪم وڏيڪ هوندو، جي اگر مان اڪيلي هوندس ته دير ٿي ويندي ۽ تون گڏ هوندين ته ٻئي ملي جلدي ڪري واپس ايندا سين. پر وري مندر به ته هلڻو آهي نه پٽ، سدوري آهين نه!!

سيٺياڻي نياڻيون ڪارائيندي.. مطلب هنکي به نياڻين جي گهرج



books.sindhsalamat.com

سوچيندي آنجو واش ٿيڙي ڪئي. اُن ڪان تہ مان ايتري دير ۾ پاڙي ۾ ٿي ٻن - ٽن گهرن ۾ نياٽي ڪائي اُن ڪان وڌيڪ ڪمائي وٺان هان. آجايو مان مميءَ جي ڳالهہ مڃي هتي آيس. سوچيندي آنجو هڪ پاسي ڪنڌ ڪيو.

ايتري ۾ ٻاهران ڪنهنجو آواز اچڻ لڳو. آنجو ٻاهر ڏٺو تہ ٻہ - ٽي وڏيون ڇوڪريون آيون هيون. ڏسڻ ۾ تہ سينياٽي جون ماٽيناٽيون ٿيون لڳن. ايتري ۾ آلڪا آنجو کي سڏ ڪيو.

آنجو، جيستائين مان رنڌڻو صاف ڪري وٺان، تيستائين تون ٻهاري فرش ڪري وٺ.

آنجو ها ۾ ڪنڌ لوڏي هلي وئي.

آنجو هال جو فرش اُگهڻ لڳي. سينياٽي ۽ اُن وٽ آيل ڇوڪريون ويهي ڳالهائين پيون . آنجو پاڙي ۾ گهٽ گهرن ۾ ڪانڻ جي افسوس ۾ چپ چاپ فرش پٽي اُگهي. فرش جو لٽو بالٽيءَ ۾ ٻوڙڻ لاءِ بي ڌيانو (بي خيالي) جيئن اُٿي هن جو مٿو بت ۾ لڳل ننيڙي مندر سان ٽڪرايو. ڌيئي جي مٿان رکيل ڪانچ آچي آنجو جي مٿي تي ٽڪرائيندو زمين تي ڪري ٽڪر - ٽڪر ٿي ويو. مٿي تي ڏڪ لڳڻ ۽ ڪانچ ٽٽڻ ڪري آنجو ڏڄي ويئي ۽ مٿي تي هٿ رکي ماٺ ڌانهن ڏڪ پاتي.

پنيان اُنهن مان هڪ ڇوڪريءَ آواز ڏنو، ”ڏڪُ تہ نہ لڳَہ؟“

پر آنجو ٻيو (ڏپ) ۾ نہ ٻڌايو ۽ آندر هلي ويئي.

ڪانچ ٽٽڻ جو آواز آلڪا جي ڪنن تائين بہ ويو هو. ڌيءَ کي مٿي تي هٿ رکي ايندو ڏسي هوءَ گهبرائجي ويئي. هٿ هٽائي ڏٺائين، آنجو جي مٿي تي ٿورو ڏڪ لڳو هو پر رت ڪانہ پيو نڪري.

ڪجهہ ڪانہ ٿيو آٿيئي چئي، آلڪا ٻاهر آئي.

سينياٽي ڪجهو ڪائي وجڻ واري نظر سان آلڪا ڏي نهارڻ لڳي.

توکي چيو هو نہ، هن ڪان ڪم نہ ڪرائيس. پوءِ چو ڪرايسي؟ توکان ڪم پڄي ڪانہ ٿو اُچ ڪالهہ .

ڪجهہ ڪونہ ٿيو آهي پاپي. رکو ڪانچ ٿي تہ ٽٽو آهي. توهان چنتا نہ ڪيو. مان ميڙي ٿي وٺان ۽ ڪانچ ٽٽڻ تہ شُڀ ٿيندو آهي.





پنوتي نڪري ويئي پاڻ. ائين چئي آلڪا ، سينياٽيءَ جو غصو شانت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳي.

ڇا جو شُڀ ٿيندو آهي؟ ڏڻ ڏينهن منهنجي گهر جو نقصان ڪري چوين ٿي، شُڀ ٿيندو آهي؟ سينياٽي رڙ ڪئي.

ٻار آهي پاپي، معاف ڪيوس، آلڪا وينتي ڪئي.

هوءَ ٻار آهي پر تون تہ وڏي آهين؟ ٻئي دفعي هن کي وٺي آئين تہ ڪم تي اچڻ جي ضرورت ڪانهي. گهٽي دير ڪان ٿي چوانس تہ بالڪنيءَ ۾ وڃي ويهي رهہ. پر ٻڌي ڪانہ ٿي.

سينياٽيءَ کي ڪاوڙجندو ڏسي آلڪا اِشاري سان آنجوءَ کي بالڪنيءَ ۾ وڃڻ لاءِ چيو.

آنجو چپ چاپ بالڪنيءَ ۾ وڃي ويني. ايتري ۾ آيل ڇوڪرين مان هڪ جو آواز آيو ”چاچي، هن ڇوڪريءَ کي ڏسو تہ سهين ڏڪ نہ لڳو هجيس؟“

نہ لڳو آٿس، نہ تہ ماڻس ناٽڪ نہ ڪري هان!!! سينياٽي واراٽيو.

پر ڪيتري ننيڙي آهي پوءِ بہ ڪم تي ڪري! هن وري چيو.

هن گهٽ گهر وارين کي ڪم جي عادت هوندي آهي. تون چپ ڪري ويهہ. چئي سينياٽيءَ هن کي چپ ڪرايو.

آجايو هتي مان مميءَ سان گڏ آيس. ان ڪان تہ ساهيڙين سان گڏ گهمان ها. گهٽ ۾ گهٽ هتان ڪان وڌيڪ پئسا جمع ٿين ها. هٿ پئسا بہ گهٽ مليا ۽ دڙڪا بہ کاڌا. ڦنن تہ آلائي گهٽو جمع ڪري ورتو هوندو.

جيستائين ممي هتان هلندي تيستائين سپ چٽا نياٽيون ڪارائي بہ چڪا هوندا. هاٽي وڏو ديئري ملڪ ۽ وڏو جيمس جو پئڪيٽ ڪيئن وٺندس؟ گهر ويندس تہ سپ ساهيڙيون پنهنجيون- پنهنجيون گفٽون ڏيکاريندين ۽ پئسا ٻڌائيندين. مان ڇا ٻڌائيندس؟ هي بسڪوٽ جو پئڪيٽ يا ويفر جو پئڪيٽ يا مٿي تي نڪتل ڳوڙهو!!!

◇◇◇◇



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

## مٽ - سٽ

اَڄ پري جو جنم ڏينهن هو. پوري ٽن سالن جي ٿي. موهت ۽ ميتا اُن جي برٿ ڊي پارٽي گهر ۾ ئي ملهائڻ جو فيصلو ورتو. شام جو ڪجهه دوستن ۽ مائٽن کي گهر گهرايو ويو ۽ پري به پنهنجن پاڙي واري دوستن کي شام جو اَچڻ لاءِ چيو. اَئين وڳي سڀ پهچي ويا. مهمانن سان گهر پرجي ويو. ڪلر فول بلون ۽ رنگين گهر سان جهنڊين جي ڊيڪوريشن ڪئي ويئي هئي.

پري اَڄ تمام خوش هئي. هوءَ پنهنجن دوستن سان گڏ وجي ويئي.

اَڄ منهنجو پپا خاص منهنجي چوڻ تي ڊول وارو ڪيڪ وٺي آيا آهن، پريءَ دوستن کي ٻڌايو.

اَڇا ڪالوءَ حيران ٿي چيو. تون تہ لڪي آهين جو تنهنجو پپا تنهنجي سڀ ڳالهہ ٻڌندا آهن.

ها، پپا منهنجيون سڀ ڳالهيون ٻڌندا آهن، پري چيو.

ايتري ۾ ميتا رنڌڻي مان ڪيڪ کڻي آئي. جنهن مٿان ٽي لڪيل ڪئنڊل ٻري پئي. پري اُٿي مميءَ جي پاسي ۾ وئي.

ڪيڪ ڪٽنگہ مهل ميتا ۽ موهت ٻئي پريءَ جي پاسي ۾ بيٺا هئا.

موهت ميتا کي ڏيري سان ٺونٺ هڻندي چيو، ”هاڻي تہ پري ٽن سالن جي ٿي وئي آهي. هن کي هڪ ڀاءُ گفٽ ڪيون؟“

توهان بہ نہ !!! ڪٿي بہ شروع ٿي ويندا آهيو ميتا شرمائيندي چيو.

اڙي واهہ پپا!! توهان مونکي ڀاءُ گفٽ ڏيندوَ؟ پريءَ پيءُ کان زور سان پڇيو تہ اُتي بيٺل سڀُ مهمان کلڻ لڳا.

ها - ها صحيح تہ چئي ٿي پري، هاڻي هن کي هڪ ڀاءُ گفٽ ڏيو. چاچي مميءَ کي اَکہ هڻندي چيو.

ممي مشڪي اَندر هلي وئي پوءِ تہ سڀني اِها ئي ڳالهہ شروع


www.sindhsalamat.com



ڪئي، ڪوئي مميءَ کي تہ، ڪوئي پپا کي چوي، ”هاڻي پريءَ کي ڀاءُ يا ڀيڻ ملڻ کپي.“

پپا جواب ڏنو ”مان تيار آهيان، بس هيءَ مڃي.“

پر ممي رڳو شرمائي مشڪي پئي. پر هن ۾ شرمائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ منهنجن ڪيترن ئي دوستن کي ڀائر - ڀينر آهن. پر هنن جي ممي تہ نہ شرمائيندي آهي. پوءِ منهنجي ممي ڇو شرمائي ٿي ايترو؟ پري من ئي من ۾ سوچڻ لڳي.

هڪڙي ڏينهن ميتا تيار ٿي پريءَ کي بہ تيار ڪرڻ لڳي.

ممي اَسان ڪا ڏي ٿا هلون؟

ڊاڪٽر ڏي ٿا هلون پٽ.

ڊاڪٽر ڏي! پر ڇو؟ منهنجي طبعيت تہ ٺيڪ آهي. توهانجي طبعيت ٺيڪ ناهي ڇا؟ چوندي پري ماءُ جي مٿي تي هٿ لڳايو.

ميتا مشڪي ڪري پري ڏانهن نهاريو.

توهان کي تہ بخار ڪانهي. پوءِ ٻڌايو نہ. آسان ڊاڪٽر وٽ ڇو ٿا هلون؟

مونکي بخار ناهي. پيٽ ۾ سور آهي، انڪري.

توهان کي پيٽ ۾ سور آهي تہ پوءِ توهان کلو ڪيئن ٿا؟ مونکي سور پوندو آهي تہ مان روئندي آهيان؟

پٽ، مان وڏي آهيان . روئيندس تہ ماڻهو کلندا نہ؟

ماڻهو ڇو کلندا؟ سور پوندو تہ روئڻ اَچي ئي ويندو. پوءِ هن ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

هاڻي سوال پڇڻ بند ڪر ۽ چپچاپ هل. چوندي ميتا پريءَ کي ٻاهر وٺي آئي.

موهت آفيس مان سڌو اسپتال آيو. ٽيئي ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجي واري جو اِنتظار ڪرڻ لڳا.

ممي هو ڏسو، هن آنٽيءَ جو پيٽ ڪيترو وڏو آهي نہ ! هٿن سان پنهنجن ڇپن کي ڍڪي پري کلڻ لڳي. کلبو ناهي پٽ، هن آنٽيءَ


books.sindhsalamat.com

جي پيٽ ۾ ٻيبي آهي ۽ هاڻي جلدي مميءَ جو پيٽ به ائين ٿي ٿيندو. موهت چئي کليو ۽ ميتا وري شرمائڻ لڳي.

اَڄ ڪالهه مميءَ کي ڇا ٿي ويو آهي؟ هر ڳالهه تي بس شرمائڻ لڳي آهي. هاڻي ڀلا ايترو وڏو پيٽ ٿيڻ به ڪا سٺي ڳالهه آهي؟ جو ممي شرمائي ٿي؟ پري سوچڻ لڳي.

ايتري ۾ سسٽر ميتا جو نالو ڪنيو ۽ ٽيئي ڄڻا اُٿي ڊاڪٽر جي روم ۾ ويا.

ڊاڪٽر ميتا کان ڪجهه سوال پڇيا ۽ پني تي ڪجهه لکڻ لڳي.

پوءِ ميتا کي پردي جي پٺيان وٺي ويئي. پپا توهان مميءَ جي پاسي ۾ ويهو نه ، پري پيءُ کي چيو.

ڇو پٽ؟ مميءَ جي پاسي ۾ وڃي ڇو ويهان؟

ڊاڪٽر مميءَ کي سٽي هڻندي نه مميءَ کي سور پوندو؟ نه مميءَ جو هٿ پڪڙڻو پوندو نه! شڪل لاهيندي پريءَ چيو.

موهت کي کل اَچي وئي، ''نه پٽ، ڊاڪٽر مميءَ کي سٽي نه هڻندي؟ هوءَ رڳو چيڪ - اَپ ڪندي.

سٽي نه هڻڻ واري ڳالهه ٻڌي پريءَ کي آٿت آيو. ڪجهه دير کان پوءِ ڊاڪٽر پردو هٽائي مشڪندي ٻاهر نڪتي ۽ پنهنجا هٿ ڌوئڻ لڳي. ميتا به مشڪندي پردي کان ٻاهر آئي.

ڊاڪٽر پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي ويهندي چيو،

"Congratulations Mr. Paryani .Your wife is expecting."

ڊاڪٽر جي ڳالهه ٻڌي موهت جي چهري تي مشڪ اَچي ويئي،

"Thank you doctor.

ڇا کپي توکي پٽ؟ ڀاءُ يا ڀيڻ؟ ڊاڪٽر پريءَ کان پڇيو.

پري مميءَ ڏانهن نهارڻ لڳي. ڊاڪٽر به پريءَ جي جواب جو انتظار ڪئي بنان چوڻ لڳي، ''هي ڪجهه دوائون لکان ٿي، ٽائيم سان وٺجو. ڳورو سامان نه کڻڻو آهي. پاڻ تي پورو ڌيان ڏيڻو آهي. ڊاڪٽر کان پنو وٺي ٽيئي ٻاهر نڪري آيا.



ممي سچيءَ ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ ايندو؟

ها پٽ، ميتا پريءَ کي پيار ڪندي چيو.

ميتا هاڻي کان ئي پريءَ کي اَلڳ روم ۾ سمهڻ جي عادت وجهڻي پوندي. ننڊ ۾ ڪاٿي لت هڻي ڇڏيائين نه تڪليف ٿي ويندي. موهت چيو.

اَلڳ روم ۾ !! مان ڇو اَڪيلي سمهنديس؟ پري چيو.

پٽ تنهنجي سامهون ڊاڪٽر چيائين نه ، مميءَ جو پورو ڌيان رکڻو پوندو. اَگر ننڊ ۾ تنهنجو پير مميءَ کي لڳي ويو نه؟

پوءِ توهان به مون سان گڏ ٻي روم ۾ سمهندؤ؟

مان ٻي روم ۾ ڇو سمهندس؟

منهنجا پير نه وري به ننڍا آهن، پر توهان جا پير نه هيڏا وڏا آهن. اَگر توهانجو پير ننڊ ۾ مميءَ کي لڳو ويو نه ؟؟ پريءَ معصوميت سان پڇيو.

پريءَ جو سوال ٻڌي ميتا ۽ موهت ٻئي زور سان کلڻ لڳا.

نه، مان مميءَ کي پير نه هڻندس، مان پاسيرو ٿي سمهندس، پوءِ ٺيڪ آ؟

پوءِ مان به پاسيري ٿي سمهنديس! مميءَ کي لت نه هڻنديس، پر سمهنديس مميءَ سان ئي.

پٽ تون هاڻي وڏي ٿي وئي آهين. هاڻي کان ئي تون مميءَ جو ڌيان رکنديءَ ۽ مميءَ کي تنگ نه ڪنديءَ تڏهن ڀڳوان توکي ننڍو ڀاءُ جلدي ڏيندو.

ننڍو ڀاءُ ملڻ جي خوشيءَ ۾ پري اَلڳ سمهڻ لاءِ مڃي وئي.

هر ٻئي ڏينهن پري پڇڻ لڳي، ''ممي منهنجو ننڍو ڀاءُ ڪڏهن ايندو؟''

اَچي ويندو پٽ، ممي چيو.

پر ڪڏهن، ايترا ڏينهن ٿي ويا آهن. اَڃان ڇو آيو ناهي؟

اَچي ويندو پٽ، ڀڳوان چون پيا جيستائين پري پاڻ کير نه





www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چيو. ”پر ڇوٽوءَ کي پيٽ مان ڪيئن ڪيندا؟“ پئي سوچڻ لڳيون.

آڙي ها !! ياد آچي ويو پوجا زور سان رڙ ڪئي.

ڇا!! ڇا!! ياد آچي ويئہ؟

هڪ ڏينهن مان داديءَ سان ويني ڪرشٽا سيريل پئي ڏسان. داديءَ ٻڌايو اڄ ڪرشڻ جو جنم ڏيکاريندا. اُن ۾ ڏيکارياٿون هڪ مائي جيل ۾ هئي. لائيٽ بند چالو ٿيڻ لڳي ۽ ٿوري دير ۾ هڪ ننڍو بابو اُن جي پاسي ۾ آچي ويو. ٿوري دير ۾ دروازا پنهنجو پاڻ ٿي کلي ٿا وڃن. ۽ پوليس وارا سمهي ٿا پون. پوءِ اُن جو پيا اُن ٻار کي ٽوڪريءَ ۾ کڻي ٻاهر نڪري ٿو. پئي گهر ۾ ڪٽ تي ٻي مائي سمهي پيئي هئي. اُن جو پيٽ بہ وڏو هو. ايتري ۾ هڪ پري آسمان مان آچي ٿي. پري ڀڻ مائيءَ کي آشيرواد ٿي ڏي، ۽ ننڊ ۾ ٿي هن جي پاسي ۾ ٻار ٿو آچي وڃي. هو پائي جيڪو جيل مان ٻار کڻي آيو، هو هنن جي گهر جو در ٺوڪڙڪائي. ۽ پئي ڇٽا ٻارن جي آدلا - بدلي ڪن ٿا. پوجا چيو.

مطلب ڪڏهن بہ رات جو ڀڳوان يا پري آچي ڇوٽو ءَکي مميءَ جي پيٽ مان ٻاهر ڪڍي ويندا؟

ها، ڏٺو نہ ائين هو مان ٽي.وي. (T.V) ۾.

سٺو ٿيو پوجا تون ٻڌايئہ، نہ تہ مان سوچ ۾ پئجي ويئي هيس. ڇوٽو ٻاهر ڪيئن ايندو؟

جنهن رات جو لائيٽ بند چالو ٿئي، سمجهي وڃجانءَ ڇوٽو آچٽو آهي.

هڪڙي ڏينهن پري صبوح جو اُٿي تہ پاڙي واريءَ جي گهر ۾ هئي. روئٽهارڪي ٿي هن آنٽيءَ کان پڇيو، ”مان هتي ڪيئن آيس؟ منهنجي ممي ڪٿي آهي؟“

رو نہ پٽ، تنهنجي ممي ڇوٽو کي وٺڻ اسپتال وئي آهي. تون هيئن روئندين تہ ڪيئن هلندو؟ آنٽيءَ چيو.

آنٽي رات جو ڇا لائيٽ بند چالو ٿي هئي؟





نہ نہ پٽ! پر ڇو؟

لائيٽ بند چالو ٿيندي، تڏهن تہ ڀڳوان ڇوٽو ڏئي ويندو.

پريءَ جون ڳالهيون ٻڌي آنٽي کلڻ لڳي. تون منهن ڌو، مان کير کڻي آچان ٿي. ڇئي آنٽي رنڌڻي ۾ هلي ويئي.

لڳي ٿو هتي لائيٽ بند چالو نہ ٿي آهي. اسپتال ۾ ٿي هوندي. تڏهن ممي هُتي وئي آهي.

شام جو موهت پريءَ کي اسپتال وٺي ويو. اسپتال ۾ ممي پلنگ تي سمهي پيئي هئي. اُتي نانيءَ ۽ بوٽا بہ هيون.

بوٽا چيو، پري تون تہ هاٺي وڏي ٿي وئين. هاٺي تہ هيءَ گڏيا توکي ديدي چوندي.

ڪهڙي گڏيا؟ پريءَ حيران ٿيندي چيو.

هي ڏس تنهنجي ننڍي ڀيڻ، ننڍي ٻار کي ڪڇ مان ٿي پريءَ کي ڏيکاريندي ، بوٽا چيو.

هيءَ ننڍي ڀيڻ ناهي بوٽا! ڇوٽو آهي. منهنجو ننڍو ڀاءُ! توهان کي خبر ٿي ڪانهي. ڇئي پري کلڻ لڳي.

نہ پٽ، ڀڳوان ڇيو ڇوٽوءَ کي ٻي دفعي موڪليندا اسين. هن دفعي پريءَ کي ڀيڻ ٿا ڏيون. بلڪل پريءَ وانگر ٿي ، پياري - پياري. نانيءَ چيو.

پري ماءُ ڏانهن سوالي نظرن سان نهارڻ لڳي.

ميتا پريءَ کي پاسي ۾ سڏ ڪري، مٺو چمندي چيو، ها پٽ، ناني سچ ٿي چوي. ڀڳوان ڇيو تيستائين پري بہ ڇوٽو کي سنڀالڻ لائق ٿي ويندي.

ايتري ۾ ٻيبي روئڻ لڳي. نانيءَ ٻيبيءَ کي مميءَ جي ڪڇ ۾ ڏيندي چيو، ’بک لڳي آتس، کاڌو ڏئي وٺيس.‘

ممي بہ اُٿي ويٺي، ٻيبيءَ کي ڪڇ ۾ کڻي پيٽ ڏانهن منهن ڪيائين.

هي سڀ ڇا ٿو ٿئي، پري سمجهي ڪانہ پيئي سگهي. مميءَ جي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اٺين ڪرڻ سان ٻيبي چپ ڪيئن ٿي ويئي. پري ڪنڌ ۾ وجي، (ليٽا پائي ڪري) جهانڪي ڪري ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر ناني منع ڪيو ”نہ پٽ اٺين نہ ڏسبو آهي؟“

ٽين ڏينهن ممي گهر آئي. مميءَ جي ديکڀال ڪرڻ لاءِ ٻوٽا بہ اَچي رهي. ممي هاڻي بس ٻيبيءَ کي ڪٽي روم ۾ ويٺي هوندي آهي. هاڻي تہ ٻيبي اَچي وئي، مميءَ جو پيٽ بہ ننڍو ٿي ويو، پوءِ گهر جو سڄو ڪم ٻوٽا ڇو ٿي ڪري؟ ۽ ممي ڪمري ۾ ويٺي هوندي آهي. ٻيبي بہ ڏينهن ۾ آلائي گهڻا دفعا تہ روئندي آهي ۽ جنهن مهل روئي ممي اُن کي ڪٽي پٽ ڏانهن منهن ڪندي آهي. پٽ پاسي منهن ڪري ممي ڇا ڪندي آهي ، جو ٻيبي چپ ٿي ويندي آهي؟ آهڙا آلائي گهڻا سوال پريءَ جي من ۾ اُٿڻ- تڻ مچائڻ لڳا.

اسپتال ۾ تہ نانيءَ منع ڪيو ڏسڻ لاءِ، پر هتي تہ منع ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونهي. هاڻي تہ ڏسندم ئي ممي ڇا ٿي ڪري. سوچي پري مميءَ جي پاسي ۾ وڃي ويهي رهي. جيئن ٻيبي رني، مميءَ ڪٽي پٽ ڏانهن منهن ڪيو. پري بہ اُن پاسي وئي، پر هي ڇا. ممي تہ ٻيبيءَ کي پيٽ سان چپڪائي ڇڏيو آٿائين، ۽ پنهنجو ڪرتو اُن جي منهن تي وڌو آٿائين.

”هي ڇا ٿا ڪيو ممي؟“ پريءَ پڇيو. ”ٻيبيءَ جو ساهہ منجهندو نہ!!“

مميءَ مشڪي چيو ”نہ پٽ، ٻيبي هاڻي پيٽ مان ٻاهر نڪتي آهي نہ، اُن کي پيٽ جي ياد ايندي هوندي ۽ پيٽ سان چپڪائيندي آهيانس تہ چپ ٿي ويندي آهي.“

پر ممي ٻيبيءَ کي گهڙيءَ - گهڙيءَ پيٽ جي ياد ڇو ايندي آهي؟ توهان اُن کي ٻڌايو نہ، هن جو گهر هيءُ آهي، پيٽ نہ.

پريءَ جي ڳالهہ ٻڌي مميءَ کي کل اَچي ويئي، ”ها جلد ٻڌائينديمانس، تون چنتا نہ ڪر. وڃُ کيڏ وجي.

پري ڪمري مان نڪري سڌو پوڄا جي گهر ويئي، ”پوڄا هڪ ڳالهہ



www.sindhsalamat.com



ٻڌائڻي آهي؟“

ها ٻڌائي، پر پهرين ٻڌائي ٻيبي ڪيئن آهي؟

اُن جي باري ۾ ئي ٻڌائڻو آهي. مونکي لڳي ٿو هي ٻيبي آسانجي ناهي.

آسانجي ناهي !! تہ پوءِ ڪنهنجي آهي؟

تون ٻڌايو هيئہ نہ. اٺين ئي ٻن ماين کي ٻار ٿا ٿين. پوءِ اُنهن جا پيا ٻنهي ٻارن جي اَدلا - بدلي ( مِٽ - سِٽ) ٿا ڪن.

ها ٻڌايو تہ هو توکي! پوڄا سوچ ۾ پئجي ڪري چيو.

مونکي لڳي ٿو آسان سان بہ اٺين ئي ٿيو آهي.

توکي اٺين ڇو ٿو لڳي پلا؟

مان اسپتال وئي هيس. اُتي ٻيبي جهڙا ئي بہ - ٽي ٻار هئا. ۽ ياد ڪر تہ سڀ چوندا هئا ڇوٽو اَڇٽو آهي. منهنجو ننڍڙو ڀاءُ. پوءِ هيءَ ٻيبي ڪيئن آئي؟ ۽ جڏهن کان ٻيبي آئي آهي سمهي پيئي هوندي آهي. جنهن مهل اُتي ممي ڪٽي پيٽ سان لڳائيندي اُتس پوءِ چپ ٿي ويندي آهي. اَگر هوءَ آسانجي ٻيبي هجي هان، تہ ممي پهريان ڇو چوي هان تہ ڇوٽو آهي؟ ڇوٽو کي تہ خبر هجي ها نہ پيٽ ۽ گهر آسانجو آهي. هن ٻيبيءَ کي نہ خبر آهي. تڏهن تہ هيءَ گهڙيءَ - گهڙيءَ روئي ٿي.

” ها، پري ٿي سگهي ٿو اٺين ئي هجي.“ پوڄا، پريءَ جي ها ۾ ها ملائيندي چيو.

✧✧✧✧



books.sindhsalamat.com